ABC THE MOST INFLUENTIAL & WIDELY ACCLAIMED SINDHI DAILY OF PAKISTAN
هڪ ئي وقت ڪراچي ۽ حيدرآباد مان شايع ٿيندڙ قديم سنڌي اخبار
THE DAILY IBRAT Hyderabad
روزاني عبرت حيدرآباد
68 Years 1958 - 2025
Regd: NO -2430-B
Hyd: Ph: 2728703-4, 2728571-2, Fax: 2781879, 2784300 - Isld Ph: 2823277
Karachi Ph: 2272030-7 - 4538862-3 - Fax: 2272038-9 - 4543839 - 2539407 - Lahore: Ph: 5854047-8
سال (94) جمعو 10 اپريل 2026ع 21 شوال المڪرم 1447 هه صفحا 6 - مله 30 روپيه شمارو (235)
website: www.dailyibrat.com Email: ibrat@yahoo.com, ibratmarketing@yahoo.com



# برطانيا، ڪئنيڊا، جاپان، فرانس، اٽلي ۽ جرمني پاران ايران – آمريڪا جنگبندي لاءِ پاڪستان جي ڪامياب ٽياڪڙي جي واکاڻ

چين ايران – آمريڪا جنگ بندي ۾ پاڪستان جي موثر ڪردار کي ڀرپور انداز ۾ سراهي چڪو، آسٽريلوي وزيراعظم انٿوني البانيز جنگ بندي ۾ پاڪستان جي بهترين ڪردار تي ٿورو ادا ڪيو

شديد بحران ۽ تباهي آڻيندڙ اڻ رڪندڙ جنگ کي روڪرائڻ تي پاڪستان جو ٿورو ادا ڪريون ٿا (آسٽرين چانسلر) ڪينيڊين وزيراعظم مارڪ ڪارني ۽ پاڪستان جي ٽياڪڙي جي ٿورو مڃيو

سعودي عرب لمن امان لاءِ وزيراعظم، شهباز شريف ۽ فيلڊ مارشل سيد عاصم منير جي بهترين ڪردار کي سراهيون جنگ بندي لاءِ پاڪستان جي ٽياڪڙي جي شاندار ڪردار تي ٿورائتا آهيون: جرمن چانسلر

نيوزيلينڊ، يورپي يونين ڪائونسل، يورپي يونين ڪميشن، نيدرلينڊز اسپين ۽ جاپان ۾ پاڪستان جي ڪردار جو ٿورو مڃيو قازقستان، ملائيشيا جي صدر، ناروي ۽ سوئيڊن جي پرڏيهي وزيرن ۾ پاڪستان جي سفارتڪاري جي واکاڻ ڪئي

قطر، عمان، پرتگال ريمانيا سميت ڪيترن ئي ملڪن ۾ پاڪستان جي امن جو رستو کليل آهي پاڪستان جي بهترين سفارتڪاري ۽ اڻ ٿڪ ڪوشش کي ساراهه جوڳو قرار ڏنو، شديد جنگي حالتن ۾ جنگبندي ۾ اڳڀرائي ماڻڻ ايمانداري ڏيکاري: عالمي اڳواڻ

اسلام آباد (اي پي پي) عالمي سطح تي آمريڪا – ايران جنگ بندي ۾ موثر پيرويءَ ساراهه ڪئي پئي وڃي مختلف

ملڪن جي اهم شخصيتن جي مختلف بيانن ۾ پاڪستان جي ڪردار کي ۽ فيلڊ

مارشل جي پيرويءَ واکاڻ ڪئي وئي ۽ تفصيل بموجب يورپ، چين ايران – آمريڪا جنگ

بندي ۾ پاڪستان جي موثر ڪردار کي بقايا نمبر 25 ڏسو صفحو 2

## سنڌ حڪومت جو مستا پروگرام ذريعي 10 لک مائرن کي صحت ۽ مالي سهائتا فراهم

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ سوشل پروٽيڪشن اٿارٽي (SSPA) سنڌ حڪومت

معيا پروگرام تحت هڪ وڏو سنگ ميل بقايا نمبر 1 ڏسو صفحو 2

## مسجد اقصيٰ تي اسرائيل جي چڙهائي عالمي قانون جي خلاف ورزي آهي: صدر آصف زرداري

صدر 6 اپريل تي هڪ اسرائيلي وزير سان منسوب واقعي جو حوالو ڏيندي ان قدم کي اشتعال انگيز قرار ڏنو

صدر مملڪت مسجد اقصيٰ جي تاريخي حيثيت ۽ قانوني حيثيت ۽ ڪنهن ۾ قسم جي تبديلي جي ڪوشش کي رد ڪيو

خطي جي ڪشيدگي سميت آمريڪا ۽ ايران جي وچ ۾ جاري تڪرار کي انهن قدمن جي جواز طور استعمال ڪرڻ قبول نه ٿو ڪري سگهجي: صدر

اسلام آباد (اي پي پي) صدر مملڪت آصف علي زرداري اسرائيلي قابض فوج طرفان مسجد الاقصيٰ (الحرم الشريف) تي چڙهائي جي سخت مذمت ڪندي ان کي عالمي قانون جي خلاف ورزي ۽ مقدس هنڌ جي بقايا

پاران جاري بيان موجب صدر 6 خميس ڏينهن ايوان صدر جي پريس ونگ بقايا نمبر 26 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: وفاقي وزير عليم خان سان گلگت بلتستان جي گورنر مهدي شاهه ملاقات ڪري رهيو آهي

## وزيراعظم سان آسٽريا جي چانسلر جو رابطو، سمورين ڌرين تي جنگبندي جي مڪمل پاسداري تي زور

اسلام آباد (اي پي پي) پاڪستان ۽ آسٽريا کي ٽيليفون ڪال ڪري ۽ ڪئي آهي جنهن ۾ علائقائي صورتحال ۽ جنگبندي تي ڳالهه ٻولهه ٿي، آسٽريا جي چانسلر سمورين ڌرين پاسداري تي زور ڏنو آهي وزيراعظم محمد شهباز شريف ۽ خطي ۾ پائيدار امن ۽ استحڪام جي ڪوشش جي حمايت ۽ بقايا نمبر 27 ڏسو صفحو 2

## "اسان جي به مدد ڪريو" لبنان جي وزيراعظم جي اسرائيلي حملا روڪرائڻ لاءِ پاڪستان کي اپيل

# وزيراعظم سان فيلڊ مارشل جي ملاقات، خطي ۾ پائيدار امن ۽ آمريڪا ايران جنگبندي لاءِ ٽياڪڙي جاري رکڻ تي اتفاق

وزيراعظم، شهباز شريف سان چيف آف آرمي اسٽاف ۽ چيف آف ڊيفنس فورسز فيلڊ مارشل سيد عاصم منير ملاقات ڪئي، خطي ۾ پائيداري امن لاءِ پاڪستان جي لاءِ ڪوشش جي اڳڀرائي جو جائزو ورتو ويو

وزيراعظم ۽ چيف آف آرمي اسٽاف ڪشيدگي گهٽائڻ تي اطمينان جو اظهار ڪيو ۽ زور ڀريو ته سمورين ڌريون امن ۽ جنگبندي جي برقرار رکڻ، سمورين ڌرين پاران تحمل جي مظاهري جي اهميت ڏني

پاڪستان ٻنهي ڌرين کي بامعني ڳالهه ٻولهه ۾ وسيلي ڳالهين جي سهولت فراهم ڪرڻ لاءِ پرعزم، مستقل امن حاصل ڪرڻ ۾ ايران کي لاءِ ڪوشش جاري رکندو، امن لاءِ نيڪ خواهشن جو اظهار ڪيون ٿا: وزيراعظم/فيلڊ مارشل

لبناني وزيراعظم، وزيراعظم شهباز شريف سان ٽيليفون رابطو ڪري اسرائيلي حملن، خطري ۾ لبنان کي وڌيڪ مدد جي ڪوشش جي مطالبي ۾ پاڪستان ڪردار جي اهميت تي اتفاق ڪيو

اسلام آباد (اي پي پي) وزيراعظم محمد شهباز شريف سان چيف آف آرمي اسٽاف ۽ عاصم منير ملاقات ڪئي، ملاقات ڪئي

چيف آف ڊفينس فورسز فيلڊ مارشل سيد پاڪستان جي دائمي امن قائم ڪرڻ جي ڪوشش جي

خطي ۾ پائيدار امن قائم ڪرڻ جي ڪوشش جي اڳڀرائي جو جائزو ورتو ويو، بقايا نمبر 2 ڏسو صفحو 2

پاران جاري بيان موجب ٻنهي ڪالهه خميس ڏينهن وزيراعظم آفيس جي ميڊيا ونگ بقايا نمبر 2 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: وزيراعظم شهباز شريف سان چيف آف ڊفينس فورسز فيلڊ مارشل عاصم منير ملاقات ڪري رهيو آهي

## ڪهڙو وزير سان آمريڪي سفير جي ملاقات، وچ اوڀر جي صورتحال ۽ سيڪيورٽي معاملن تي ڳالهيون

موجوده صورتحال، اسلام آباد ۾ ٿيندڙ اعليٰ سطحي ڳالهين ۽ سيڪيورٽي انتظامن تي تفصيلي ڳالهه ٻولهه

اسلام آباد ۾ ٿيندڙ اعليٰ سطحي ڳالهين جون تيارين مڪمل آهن: وفاقي وزير داخلا جو آمريڪي سفير کي آگاهي

آمريڪي سفير پاڪستان طرفان امن لاءِ ڪيل مخلصاڻين ڪوششن تي اطمينان جو اظهار ڪيو ۽ پاڪستان جي تعميري ڪردار جي واکاڻ ڪئي

اسلام آباد (اي پي پي) ڪهڙو معاملن واري وزير محسن نقوي سان پاڪستان ۾ آمريڪي سفير نيٽلي بيڪر ملاقات ڪئي جنهن ۾ وچ اوڀر جي موجوده

صورتحال، اسلام آباد ۾ ٿيندڙ اعليٰ سطحي ڳالهين ۽ سيڪيورٽي انتظامن تي تفصيلي ڳالهه ٻولهه ٿي، ملاقات دوران جي ڳالهين ۾ آمريڪي سفير ڪيل ۽ ٻئي اعليٰ سطحي بقايا نمبر 3 ڏسو صفحو 2

## سڄي صوبي ۾ پوليو مهم دوران 1 ڪروڙ 3 لک ٻارن کي پوليو کان بچاءَ جا قطرا پيارڻ جو هدف آهي: وزير صحت

ماحولياتي نگراني جي نتيجن ۾ نمايان بهتري آئي آهي، 22 ماڳن تي نتيجا نيگيٽو آيا آهن: عذرا پيچوهو

ڪراچي سميت سڀني ڊويزنن ۾ نمايان بهتري، 2026 ۾ رڳو هڪ ڪيس رپورٽ ٿيو، گذريل سال 9 هئا

73824 فرنٽ لائن ورڪرز ۽ 24000 اهلڪار مهم ۾ شامل هائي رسڪ علائقن ۾ نگراني ۽ سيڪيورٽي ڏانهن جون حڪمت عمليون

ڪراچي (رپورٽ: مجيد عباسي) سنڌ جي صحت ۽ پاپوليشن ويلفيئر واري وزير ڊاڪٽر عذرا پيچوهو، سڄي صوبي ۾ پوليو مهم جي حوالي سان ڪاميابي ۽ ورڪرز جي ڪارڪردگي جو جائزو ورتو ۽ ... بقايا نمبر 4 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: وڏي وزير جي صدارت ۾ گل سطحي جي عالمي تحقيقاتي رپورٽ تي ريجار ڪرڻ بابت گڏجاڻي ٿي رهي آهي

## آبنائي هرمز ۾ بارودي سرنگهن جو خطرو، ايران متبادل سامونڊي رستي جو نقشو جاري ڪري ڇڏيو

نقشي ۾ هڪ مخصوص هنڌ تي دائري کي "خطري وارو علائقو يا ڊينجر زون" قرار ڏنو ويو: ايراني ميڊيا

اهي اڻ ٿيندڙ جيڪي آبنائي هرمز جي ڪاڪڙي حصي مان گذرندا هئا، هاڻي انهن کي ادارن رستو اختيار ڪرڻ جي هدايت

تهران (رپورٽنگ ڊيسڪ) ايراني پاسداران انقلاب آبنائي هرمز ۾ بارودي سرنگهن ڪان بچائڻ لاءِ جهازن لاءِ متبادل سامونڊي رستو جاري ڪيو، بقايا نمبر 28 ڏسو صفحو 2

## وزيراعظم کي فرانسيسي صدر جو فون، آمريڪا ۽ ايران جنگبندي تي مبارڪباد

اسلام آباد ۾ امن لاءِ ڳالهه ٻولهه جي ڪاميابي جي لاءِ نيڪ خواهشن جو اظهار

پاڪستان ۽ فرانس جي ٻنهي رهنمائن ڪثيرالجهتي رابطا جاري رکڻ تي اتفاق ڪيو

اسلام آباد (اي پي پي) وزيراعظم محمد شهباز شريف سان فرانس جي صدر ايمانوئل ميڪرون ٽيليفون تي گفتگو ڪئي، بقايا نمبر 29 ڏسو صفحو 2

## بلاول ڀٽو زرداري ۽ وزيراعظم محمد شهباز شريف وچ ۾ ٽيليفونڪ رابطو

علائقائي صورتحال تي اهم سفارتي معاملن تي ڳالهيون ڪيون ويون

ٻنهي اڳواڻن خطي ۾ امن، استحڪام ۽ سفارتڪاري جي مثبت ڪردار تي زور ڏنو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) پاڪستان پيپلز بقايا نمبر 30 ڏسو صفحو 2

## اسپين جو تهران ۾ سفارتخانو ٻيهر کولڻ جو اعلان

ميڊرڊ (رپورٽنگ ڊيسڪ) اسپين آمريڪا ۽ ايران ۾ جاري جنگ ۾ گهٽتائي بعد تهران ۾ سفارتخانو ٻيهر کولڻ جو اعلان ڪيو آهي، اسپين جي پرڏيهي وزير خوسي مينوئل البارس بقايا نمبر 31 ڏسو صفحو 2

## ڏپٽي وزيراعظم اسحاق ڊار جو سعودي پرڏيهي وزير سان رابطو

اسلام آباد (اي پي پي) نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي معاملن واري وزير محمد اسحاق ڊار بقايا نمبر 32 ڏسو صفحو 2

## مسجد اقصيٰ جو دروازا کلي ويا آهن: طاهر اشرفي

40 ڏينهن ڪانپوءِ ٻيهر پيرو فجر جي نماز ادا ڪئي وئي

مسلمان امت ۾ اتحاد کي فلسطين کان ڪشمير تائين مسئلن جو حل آهي

اسلام آباد (اي پي پي) پاڪستان علما ڪائونسل جي چيئرمين حافظ طاهر محمود اشرفي چيو آهي ته 40 ڏينهن ڪانپوءِ ٻيهر مسجد اقصيٰ جا دروازا کليا آهن بقايا نمبر 24 ڏسو صفحو 2

## نائب وزيراعظم اسحاق ڊار جو سعودي پرڏيهي وزير سان رابطو

اسحاق ڊار جو شهزادي فيصل بن فرحان سان علائقائي صورتحال تي ڳالهه ٻولهه

امن ڳالهين ۽ سفارتي رابطن جي اهميت تي زور، رابطا جاري رکڻ تي اتفاق

اسلام آباد (اي پي پي) نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي معاملن واري وزير محمد اسحاق ڊار سعودي عرب جي پرڏيهي وزير شهزادي فيصل بن فرحان بقايا نمبر 23 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: وفاقي وزير رانا ثناءالله جي صدارت ۾ اجلاس ٿي رهيو آهي

## غزه ۾ اسرائيلي حملا هڪ صحافي سميت 4 فلسطيني شهيد

اسرائيلي حملن ۾ الهه غزه سٽي جي رشيد اسٽريٽ ۾ هڪ گاڏي کي نشانو بڻايو ويو

شهيد ٿيلن ۾ صحافي ۽ عالمي ال جزيره صحافي محمد شاهه جي شهادت جي تصديق ٿي وئي

غزه (اي پي پي) غزه شهر ۾ اسرائيلي فوجي حملي ۾ هڪ صحافي سميت 4 فلسطيني شهيد ٿي ويا آهن، بقايا نمبر 22 ڏسو صفحو 2

## پاڪستان جو عالمي سطح تي اڀري سامهون آيو آهي: خرم دستگير

اسلام آباد (اي پي پي) سابق وزير ۽ مسلم ليگ (ن) جي اڳواڻ خرم دستگير چيو آهي ته پاڪستان سفارتي سطح تي ٻيهر ڪردار ادا ڪري سگهيو آهي بقايا نمبر 5 ڏسو صفحو 2

## عوامي ڪيفيت جي پارليامينٽ ڪئين ڪابينا منظوري ڏئي ڇڏي

نيپيداو (اي پي پي) ميانمار جي پارليامينٽ نئين ڪابينا جي منظوري ڏئي ڇڏي آهي بقايا نمبر 33 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: آءِ جي سنڌ جاويد عالم اوڍو اعليٰ پوليس آفيسرن جي گڏجاڻي جي صدارت ڪري رهيو آهي

## لينڊ گريبنگ ۽ قبضا مافيا خلاف آپريشن کي وڌيڪ تيز ڪيو وڃي: ڪهڙو وزير

زمين خالي ڪرائڻ ۾ شفافيت، احتساب ۽ اداري هر آهنگي کي هر صورت يقيني بڻايو وڃي

لڪ ۽ ڏنل شڪايتن تي ڪنهن ۾ قسم جي دير نه ڪئي وڃي ۽ فورا انهن جو جائزو ورتو وڃي

لينڊ مافيا ۽ قبضا گروپن خلاف پوليس ڪارروائين کي وڌيڪ موثر بڻايو پيو وڃي: جاويد عالم اوڍو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪهڙو وزير جاويد عالم اوڍو جي صدارت ۾ ... بقايا نمبر 34 ڏسو صفحو 2

## ڪراچي ۾ ڪابي ڌر جو معروف سياسي ڪارڪن ڊاڪٽر حسن ناصر وفات ڪري ويو

سوين چاهيندڙن جي موجودگي ۾ مقامي قبرستان مٽي ماڻ حوالي ڪيو ويو

ڪابي ڌر ۽ عوامي ورڪرز پارٽي جا اڳوان آخري رسمن ۽ وڏي انگ ۾ شرڪت

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪابي ڌر جو معروف سياسي ڪارڪن ڊاڪٽر حسن ناصر بقايا نمبر 35 ڏسو صفحو 2

## ڪي آءِ ٽي جي وفد جي گورنر سنڌ نهال هاشمي سان ملاقات

ملاقات ۾ جديد تعليم، آئي ٽي جي شعبي ۽ ٽيڪنالاجي جي ترقي ۾ ادارن جي ڪردار تي تفصيلي ڳالهه ٻولهه

نوجوانن کي جديد تعليم ڏيڻ ۽ صلاحيتن سان آراسته ڪرڻ وقت جي ضرورت آهي: گورنر سنڌ

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي انسٽيٽيوٽ آف ٽيڪنالاجي (KIET) بقايا نمبر 36 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: گورنر نهال هاشمي کي ڪي آءِ ٽي جي وفد جو سربراهه گلدستو ڏيندي

## ڪراچي: ايف آءِ اي پن ڪروڙ رپين جي فراڊ ۾ ملوث ڪي گرفتار ڪري ورتو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ايف آءِ اي ڪارپوريٽ ڪرائم سرڪل ڪراچي ڪارروائي ڪندي ... موجب ڪيترن ... رپين جي فراڊ ۾ ملوث ملزم کي گرفتار ڪيو ... ايف آءِ آر 26/21 ۾ مطلوب هو بقايا نمبر 38 ڏسو صفحو 2

## ميرپورخاص شاگرديائي فهميده لغاري جي خودڪشي وارو معاملو

فهميده جو واقعي تي افسوس ٿيو آهي، معاملي جي جاچ ٿيندي: وائيس چانسلر

اسان جاچ ڪميٽي جوڙي آهي، جيڪو ذميوار ثابت ٿيندو ان خلاف ايڪشن ضرور ڪيو ويندو

ميرپورخاص (بيورو رپورٽ) شاگرديائي ... بقايا نمبر 37 ڏسو صفحو 2

ميرپورخاص: مبينا طور بليڪ ميل ٿي آپگهات ڪندڙ ميڊيڪل جي شاگرديائي ڀيڻ طرف سنڌس سوشل ميڊيا سان ڳالهائي رهيو آهي

## بلاول ڀٽو زرداري جو پير سيد مهر فريد الحق گيلاني جي وفات تي ڏک جو اظهار

ڪراچي (بيورو رپورٽ) پاڪستان پيپلز پارٽي جي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري ... جي وفات تي گهري ڏک جو اظهار ڪيو آهي، چيئرمين ... بقايا نمبر 39 ڏسو صفحو 2

## ايڇ ڊي اي جو سمورو رڪارڊ ڪمپيوٽرائيزڊ ڪرڻ جو فيصلو

پراڻن فائيلن کي اسڪين ڪري محفوظ ڊجيٽل ڊيٽا ۾ منتقل ڪيو ويندو

فائيل ضايع ٿيڻ، ڳولڻ ۾ دير ۽ ٻين مسئلن جو خاتمو ٿيندو، شهرين جي ڊيٽا تائين آسان رسائي ممڪن ٿيندي

حيدرآباد (اسٽاف رپورٽر) حيدرآباد ڊولپمينٽ اٿارٽي ... بقايا نمبر 21 ڏسو صفحو 2

## ڪراچي ٽائون ميونسپل ڪارپوريشن ليارِي ضمني چونڊن جو شيڊول جاري

ڪراچي (بيورو رپورٽ) اليڪشن ڪميشن ... بقايا نمبر 7 ڏسو صفحو 2

## سي بي اين اي جو سالياني عام اجلاس 2 مئي تي ٿيندو اليڪشن ڪميٽي جوڙي

اجلاس ۾ رپورٽ ۽ حسابن جي منظوري ڏني ويندي ۽ اليڪشن ڪميٽي جوڙندي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪائونسل آف پاڪستان نيوز پيپر ايڊيٽرز ... بقايا نمبر 21 ڏسو صفحو 2

## ڪراچي: نوجوان ۾ ايم پاڪس مرض جي تصديق، علاج لاءِ آئيسوليشن وارڊ منتقل

متاثر نوجوانن کي سنڌ انفيڪشس ڊزيز اسپتال ۾ آئيسوليشن وارڊ ۾ منتقل ڪيو ويو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ صحت کاتي جي ترجمان ... بقايا نمبر 19 ڏسو صفحو 2

## آمريڪا ۽ ايران جنگبندي ۽ پاڪستان جي ڪردار تابل تعريف رهيو آهي: ڪرام الله وقاصي

پاڪستان هميشه علائقائي ۽ عالمي امن جي حمايت ڪئي آهي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) پاڪستان پيپلز پارٽي جي اڳواڻ ... بقايا نمبر 18 ڏسو صفحو 2

## گل پلازا باهه معاملي جي انڪوائري رپورٽ ۾ جاچ، جزيات ۽ ڪوتاهين بابت رپورٽ تي ڳالهيون

ڪراچي (رپورٽ: ...) سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه جي صدارت ۾ ... بقايا نمبر 8 ڏسو صفحو 2

## سنڌ حڪومت هارين جي خوشحالي لاءِ فيول سبسڊي مد ۾ اهم سنگ ميل پار ڪري ورتو آهي: شرجيل ميمڻ

فيول سبسڊي مجموعي طور تي 3 ارب رپيا شفاف نموني جاري ڪيا ويا، سبسڊي 19 لک 40 هزار ايڪڙ زرعي زمين لاءِ ڏني وئي آهي

فيول سبسڊي جو مقصد هارين جي پيداواري خرچن ۾ گهٽتائي آڻڻ ۽ سنڌ آمدني ۽ وڌائڻ يقيني بڻائڻ آهي

رقم تصديق ٿيل هارين جي بئنڪ اڪائونٽن تائين منتقل ڪئي وئي آهي، سڄي عمل دوران سنڌ حڪومت ... شفافيت کي يقيني بڻايو ويو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي سينيئر وزير شرجيل انعام ميمڻ ... بقايا نمبر 6 ڏسو صفحو 2

## بلاول ڀٽو زرداري سان سنڌ جي اهم سياسي ۽ حڪومتي شخصيتن جون ملاقاتون

سيد اويس شاهه، راول شرجيل، اڪرام الله ڌاريجو، محمد بخش خان مهر ۽ ٻين بلاول هائوس ۾ ملاقاتون ڪيون

قانونسازي ۽ صوبائي قانوني عمل کي موثر بڻائڻ تي اسپيڪر سنڌ سان خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي

صنعت، واپار ۽ زراعت وارن منصوبن تي وزيرن پاران تفصيلي بريفنگ، عوامي ڀلائي لاءِ ترقياتي صلاح مشورا

ڪراچي (رپورٽ: راهب ڳاهو) پاڪستان پيپلز پارٽي جي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري سان بلاول هائوس ۾ اهم سياسي ۽ حڪومتي شخصيتن ملاقاتون ڪيون، جن ۾ صوبائي بقايا نمبر 9 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: پي پي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري سان راول شرجيل ميمڻ، سيد اويس شاهه، اڪرام الله ڌاريجو ۽ سردار محمد بخش خان مهر ملاقات ڪري رهيا آهن

## چيني ڪمپني پاران پاڪستان جي ٽائر بڻائڻ جي صنعت ۾ 120 ملين ڊالرن جي سيڙپڪاري جو اعلان

واپار واري وفاقي وزير جام ڪمال خان سان سروس لانگ مارچ ٽائرز (پرائيويٽ) لميٽيڊ جي چيئرمين جن يونگ شينگ ۽ سينئر وفد ملاقات ڪئي

120 ملين ڊالرن جي سيڙپڪاري سان موجوده گنجائش 1.5 ملين ٽائرن ... پيداواري صلاحيت 5.5 ملين ٽائرن تائين وڌائي ويندي

ٻنهي ڌرين روزگار جي موقعن ۾ واڌ، ٽيڪنالاجي جي منتقلي ۽ برآمدن وڌائڻ تي ڳالهه ٻولهه ڪئي

اسلام آباد (اي پي پي) وفاقي وزير براءِ واپار جام ڪمال خان ... بقايا نمبر 17 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: وفاقي وزير جام ڪمال خان چيني ٽائر ڪمپني جي وفد سان ملاقات ڪري رهيو آهي

## اُمر رباب کي ملڪ جي اهم قانوندانن پاران ڪيس وڙهڻ جي آڇ

امر رباب، ڏاڏي ۽ چاچي جي قتل واري ڪيس هاءِ پروفائيل قرار ڏنو ويو

ڪيس کي رڪارڊ ٿيڻ ۾ 40 کان مٿي پرڏيهي اخبارن ۽ ٻين ميڊيا ڪوريج ٿي

ملڪ جي مختلف عدالتن جي ججن ۽ وڪيلن رابطو ڪري امر رباب کي ڪيس هلائڻ جي آڇ ڪئي

ڪراچي (رپورٽ: مجيد عباسي) ... بقايا نمبر 10 ڏسو صفحو 2

## ليارِي ڪراچي جو اهم ۽ تاريخي علائقو آهي، جنهن کي ماضي ۾ نظرانداز ڪيو ويو: ناصر شاهه

ليارِي ٽرانسفارميشن پروجيڪٽ علائقي جي پراڻن مسئلن جي حل لاءِ جنهن هڪ اهم قدم آهي شهرين جي زندگي جي معيار ۾ بهتري ايندي

ميگا منصوبي جي مجموعي لاڳت 25 ارب 28 ڪروڙ رپيا آهي ۽ ان کي ٽن سالن ۾ مڪمل ڪيو ويندو

منصوبي جو ٻيهر مرحلو شروع ٿي چڪو آهي، جنهن ۾ بنيادي ڍانچي جي بحالي تي خاص ڌيان ڏنو پيو وڃي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ... بقايا نمبر 11 ڏسو صفحو 2

## ڪورنگي پوليس سينٽر جي گهرو ڪرڻ جي منشيات سميت گرفتار ڪري ورتو

ڪورنگي (ن ع) ... بقايا نمبر 12 ڏسو صفحو 2

## نيشنل ايڪشن پلان تي مڪمل ۽ اثرائتي نموني عملدرآمد کي يقيني بڻايو ويندو: ڊي سي جامشورو

ڪوٽڙي سائيٽ (ن ع) ڊسٽرڪٽ ... بقايا نمبر 13 ڏسو صفحو 2

## اسان سنڌ ۾ پبلڪ لائبريريز کي بهترين حالت ڏي وڃي وهڻ پيا: سيد ذوالفقار علي شاهه

قاضي احمد (ن ع) ... بقايا نمبر 14 ڏسو صفحو 2

قاضي احمد: صوبائي وزير ذوالفقار شاهه سرڪار جو معائنو ڪري رهيو آهي

## ڪراچي ۾ گئس لوڊشيڊنگ خلاف شهري روڊن تي نڪري آيا، ٽرئفڪ جام

ياقبادي بل اڏا ڪان باوجود گهرن ۾ گئس فراهم نه ڪئي وڃي: مظاهرين

ڊي ايس جي اي مظاهرين وٽ پهچي خاطري ڪري ڌرڻ ختم ڪرائي ڇڏيو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ... بقايا نمبر 40 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: پاڪستان سپر ليگ ۾ پشاور زلمي ۽ حيدرآباد ڪنگز جي ٽيمن وچ ۾ ميچ جو منظر

## ڪراچي ۾ نامعلوم گاڏي جي موٽرسائيڪل سان ٽڪر، هڪ جڻو فوت

گلشن حديد لنڪ روڊ تي تيز رفتار گاڏي موٽرسائيڪل سان ٽڪرائجي وئي

حادثي جي نتيجي ۾ سوار فوت، لاش اسپتال منتقل

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ... بقايا نمبر 41 ڏسو صفحو 2

## سنڌ حڪومت عوام جي رليف لاءِ مختلف منصوبن تي ڪم ڪري رهي آهي: سيد اويس قادر شاهه

40 هزار ماڻهو ڪاميابي سان سبسڊي حاصل ڪري چڪا آهن

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ... بقايا نمبر 42 ڏسو صفحو 2

## سيد اويس قادر شاهه جو ملڪ محمد احمد خان جي پيءُ جي وفات تي ڏک ۽ افسوس جو اظهار

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ اسيمبلي جي اسپيڪر ... بقايا نمبر 43 ڏسو صفحو 2

## قيادت جي هدايتن تي عوام ۽ نمائندن وچ ۾ رابطو وڌايو پيو وڃي: سعدير جاويد

سنڌ ڪابينا جا ميمبر باقاعدگي سان عوامي شڪايتن ٻڌي رهيا آهن

حڪومت جي اولين ترجيح ماڻهن کي رليف فراهم ڪرڻ ۽ انهن جي مسئلن جو حل آهي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ... بقايا نمبر 16 ڏسو صفحو 2

## خيرپور ۾ پيپلز پارٽي شهيد ڀٽو جي ڪارڪن جو مهانگائي خلاف احتجاجي ريلي

ڪارڪن عطاالله ۽ ٻين، صفدر هاليپوٽو، حسين بخش گوپانگ ۽ ٻين احتجاج ڪيو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ... بقايا نمبر 15 ڏسو صفحو 2

# ڪراچي جي مختلف علائقن ۾ الڳ الڳ واقعن ۾ 3 لاش هٿ

سهراب رند گوٺ ۾ نامعلوم شخص جو سڙيل لاش مليو، ڊي اين اي ٽيسٽ لاءِ اسپتال منتقل

اورنگي ٽائون سيڪٽر ساڍا يارهن ۾ 13 سالن جي ٻار زبير جو ڦندو پيل لاش گهر مان هٿ آيو

مليرسٽي ٿاڻي جي حد مان عرفان ولد ظهير جو لاش عمر فاروق مسجد ويجهو مليو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي ۾ ... بقايا نمبر 44 ڏسو صفحو 2

[redacted]

عبور ڪري ورتو آهي جنهن ۾ صوبي جي 15 ضلعن مان 10 لک کان وڌيڪ حامله ۽ ٻن سالن کان گهٽ ڄمار جي ٻارڻ جي مائرن کي رجسٽرڊ ڪري مالي سهائتا فراهم ڪئي پئي وڃي. داخلا جي هن تاريخي انگ سان گڏوگڏ، پروگرام تحت 47 لک کان وڌيڪ طبي چڪاس پڻ ڪيا ويا آهن جنهن سان مائرن ۽ ٻارڻ جي صحت جي بنيادي سهولتن تائين پهچ ۾ نمايان سڌارو آيو آهي ڏورانهن ۽ پوئتي پيل علائقن جي هزارين عورتن لاءِ هي پروگرام پهريون ڀيرو باقاعده سرڪاري صحت جي سهولتن تائين پهچ جو ذريعو بڻيو آهي سنڌ حڪومت جو ممتا پروگرام جو مقصد مالي مدد ۽ لازمي طبي چڪاس ذريعي مائرن ۽ نون ڄاول ٻارڻ جي فوتگين واري شرح ۾ گهٽتائي آڻڻ آهي هن رٿا تحت، حقدار عورتن کي 41,000 رپين تائين جي مشروط مالي سهائتا سڌو سنئون سنڌن موبائيل اڪائونٽس ۾ فراهم ڪئي وڃي ٿي جيڪا چونڊيل سرڪاري اسپتالن ۾ ويم کان اڳ ۽ پوءِ جي باقاعده طبي چڪاس سان مشروط آهي.ان ڪاميابيءَ تي ڳالهائيندي، سنڌ جي سماجي تحفظ واري وزير سعيد غني چيو آهي ته: "10 لک مائرن کي داخلا ڪرڻ جو سنگ ميل مائرن ۽ ٻارڻ جي تحفظ لاءِ سنڌ حڪومت جي عزم جو اظهار آهي ممتا پروگرام رڳو مالي سهائتا ناهي، پر آهو ان ڳالهه کي يقيني بڻائڻ آهي ته مائرن کي گهربل وقت تي گهربل طبي سارسنڀال ملي سگهي" تفصيل موجب سنڌ حڪومت جي ممتا پروگرام ۾ سانگهڙ ضلعو 105,317 رجسٽريشنز سان سڀ کان اڳڀرو آهي جنهن ڪانپوءِ گهوٽڪي (97,075)، بدين (94,238)، ميرپورخاص (81,141)، ۽ ٿرپارڪر (80,796) آهن ٻين ضلعن ۾ قنبر شهدادڪوٽ (76,303)، عمرڪوٽ (74,388)، ڪشمور ڪنڌڪوٽ (72,887)، جيڪب آباد (68,854)، شڪارپور (51,221)، ٽنڊو الهيار (45,224)، ٺٽو (41,516)، مٽياري (38,514)، ٽنڊو محمد خان (38,279) ۽ سجاول مان 34,320 مائرون رجسٽرڊ ٿيون آهن سنڌ سوشل پروٽيڪشن اٿارٽي جي چيف ايگزيڪيوٽو آفيسر ارشاد علي سوڍر وڌيڪ چيو ته: "10 لک مائرن تائين پهچ ان ڳالهه جو ثبوت آهي ته مائرن جو هن پروگرام تي ڪيترو اعتماد آهي سڀ کان اهم ڳالهه اها آهي ته لکين ضروري طبي چڪاس انهن عورتن تائين پهتا آهن جن کي ان جي سخت ضرورت هئي جيڪا سنڌ جي خاندانن جي بهتر صحت لاءِ هڪ بنياد آهي"سنڌ حڪومت جو ممتا پروگرام صحت جي خطرن جي بروقت سڃاڻپ کي يقيني بڻائي ٿو ۽ حمل توڙي ٻار جي شروعاتي عمر ۾ بهتر غذائيت ۽ سارسنڀال کي هٿي ڏئي ٿو جنهن سان مستقبل ۾ صحت جا بهتر نتيجا حاصل ٿيندا. سنڌ حڪومت ايندڙ مرحلي ۾ پروگرام جو دائرو وڌيڪ ضلعن تائين وسيع ڪرڻ ۽ خدمتن جي فراهمي جي نظام کي وڌيڪ مضبوط ڪرڻ جو ارادو رکي ٿي

[redacted]

آف آرمي اسٽاف ۽ چيف آف ڊفينس فورسز فيلڊ مارشل سيد عاصم منير جي ڪردار تي اطمينان جو اظهار ڪيو ۽ ان ڳالهه تي زور ڏنو ته سمورين ڌرين امن ۽ جنگبندي کي برقرار رکڻ وزيراعظم ۽ چيف آف آرمي اسٽاف ۽ چيف آف ڊفينس فورسز سمورين ڌرين پاران تحمل جي مظاهري جي ساراهيو ۽ ان عزم جو ورجاءُ ڪيو ته پاڪستان ٻنهي ڌرين کي پرامن ڳالهه ٻولهه واري حل تائين پهچڻ جي لاءِ مڪمل تعاون ۽ سهولت فراهم ڪندو رهندو وزيراعظم ان عمل ۾ شامل ڌرين جي عزم کي ساراهيو ۽ امن حاصل ڪرڻ جي لاءِ ڪوششن ۾ انهن جي لاءِ نيڪ خواهشن جو اظهار ڪيو هن ايندڙ وفدن کي پنهنجي دعوت جو ورجاءُ ڪندي يقين ڏياريو ته پاڪستان پاران انهن کي بهترين ميزباني ۽ ڀرپور تعاون فراهم ڪيو ويندو ٻئي طرف لبناني وزيراعظم نواف سلام لبنان ۽ ان جي عوام تي حملن کي فوري طور تي ختم ڪرڻ لاءِ پاڪستان کان سهڪار جي درخواست ڪئي آهي وزيراعظم آفيس مان جاري ڪيل بيان موجب وزيراعظم شهباز شريف ۽ لبنان جي وزيراعظم وچ ۾ ٽيليفونڪ رابطو ٿيو. وزيراعظم شهباز شريف لبنان خلاف اسرائيل جي جاري جارحيت جي سخت مذمت ڪئي ۽ لبنان ۾ هزارين قيمتي جانين جي زيان تي ڏک جو اظهار ڪيو وزيراعظم چيو ته پاڪستان علائقائي امن لاءِ مخلصاڻي ڪوشش ۾ رڌل آهي ۽ ان ئي جذبي تحت ايران ۽ آمريڪا وچ ۾ امن ڳالهين جو بندوبست ڪيو پيو وڃي. وزيراعظم آفيس موجب، لبناني وزيراعظم، وزيراعظم شهباز شريف جي امن ڪوشش تي ٿورا مڃيا ۽ لبنان ۽ ان جي عوام تي حملن کي فوري ختم ڪرڻ لاءِ پاڪستان کان سهڪار جي درخواست ڪئي ٻنهي اڳواڻن رابطي ۾ رهڻ تي اتفاق ڪيو لبناني وزيراعظم جي پاڪستان کان ايران جنگبندي ۾ لبنان جي شموليت جي تصديق ڪرڻ جي درخواست ٻئي پاسي پرڏيهي خبررساں اداري جي رپورٽ موجب لبناني وزيراعظم جي آفيس مان جاري ڪيل بيان ۾ چيو ويو آهي ته نواف سلام ٽيليفونڪ ڳالهه ٻولهه ۾ پاڪستان طرفان جنگبندي لاءِ ڪيل ڪوشش کي ساراهيو ۽ چيو ته ان ڳالهه جي تصديق ڪئي وڃي ته جنگبندي ۾ لبنان به شامل آهي ته جيئن گذريل ڏينهن جي اسرائيلي حملن جهڙن وڌيڪ حملن کي روڪي سگهجي. اها اڳڀرائي اهڙي وقت سامهون آئي آهي جڏهن گذريل ڏينهن اسرائيلي حملن ۾ لبنان ۾ 200 کان وڌيڪ ماڻهو شهيد ٿيا هئا. آمريڪا ۽ اسرائيل جو چوڻ آهي ته جنگبندي ۾ لبنان شامل ناهي جڏهن ته اسرائيل اعلان ڪيو آهي ته هو ايران جي حمايت يافته حزب الله خلاف ڪارروائيون جاري رکندو هوڏانهن ايراني پارليامينٽ جي اسپيڪر خبردار ڪيو آهي ته ايران لبنان کي جنگبندي جو لازمي حصو سمجهي ٿو

[redacted]

قائم ڪرڻ لاءِ پاڪستان جي مضبوط سفارتي ڪردار کي ساراهيو ۽ ان کي خطي جي استحڪام لاءِ اهم قرار ڏنو گهرو وزير محسن نقوي ٻڌايو ته اسلام آباد ۾ اچ ايندڙ اعليٰ سطحي ڳالهين جون تياريون مڪمل آهن هن خصوصي طور تي ذڪر ڪيو ته آمريڪي نائب صدر جي ڊي وينس اسٽيووٽڪوف ۽ ڪرشنر پاڪستان جا خصوصي مهمان هوندا. پرڏيهي وفد جي آمد کي نظر ۾ رکندي سيڪيورٽي جي حوالي سان ڳالهائيندي محسن نقوي چيو ته سمورن پرڏيهي مهمانن کي هر لحاظ کان فول پروف سيڪيورٽي فراهم ڪرڻ لاءِ هڪ جامع پلان جوڙيو ويو آهي جنهن تي سختي سان عملدرآمد يقيني بڻايو ويندو آمريڪي سفير پاڪستان طرفان امن امان لاءِ مخلصاڻين ڪوششن تي اطمينان جو اظهار ڪيو ۽ پاڪستان جي تعميري ڪردار جي واکاڻ ڪئي

[redacted]

وڊيو لنڪ ذريعي شرڪت ڪئي وڏي وزير صحت کاتي کي هدايت ڪئي ته 13 کان 19 اپريل 2026 تائين سڄي صوبي ۾ قومي پوليو مهم (نيشنل اميونائيزيشن ڪيمپين) شروع ڪئي وڃي جنهن جو هدف 30 ضلعن ۽ 1708 يونين ڪائونسلن ۾ پنجن سالن کان گهٽ عمر جي لڳ ڀڳ 1 ڪروڙ 5 لک ٻارن کي پوليو کان بچاءَ جا ڦڙا پيارڻ آهي هن چيو ته ماحولياتي نگراني نتيجن ۾ نمايان بهتري آئي آهي جتي 29 مان 22 ساڳين تي نتيجا ناڪاري آيا آهن جڏهن ته گذريل سال مارچ ۾ سمورا ماڳ هاڪاري (مثبت) هئا. هن ان اڳڀرائي کي فيلڊ آپريشنز جي مضبوطي، بهتر نگراني ۽ اثرائتي رپورٽنگ نظام جو نتيجو قرار ڏنو پر ان رفتار کي برقرار رکڻ جي ضرورت تي زور ڀريو انچارج ايمرجنسي آپريشن سينٽر (اي او سي) اجلاس کي ٻڌايو ته ڪراچي ڊويزن ۾ نمايان بهتري ڏسڻ ۾ آئي آهي جتي 12 مان 10 سائٽس هاڻي ناڪاري ٿي چڪيون آهن ٻين ڊويزن ۾ به مسلسل اڳڀرائي سامهون آئي آهي جڏهن ته سکر ڊويزن مڪمل طور تي ناڪاري حيثيت حاصل ڪري ورتي آهي گهوٽڪي سکر لاڙڪاڻو جيڪب آباد، حيدرآباد، دادو سجاول جامشورو ۽ شهيد بينظير آباد سميت ڪيترائي ضلعا مسلسل ڪيترن ئي مهينن کان ناڪاري نتيجا برقرار رکيو اچن ٿا. وڏي وزير کي وڌيڪ ٻڌايو ويو ته سال 2026 ۾ سنڌ ۾ پوليو جو هڪ ڪيس رپورٽ ٿيو آهي جڏهن ته 2025 ۾ اها انگ اکر 9 هئا. هن هدايت ڪئي ته هائي رسڪ علائقن ۾ نگراني ۽ ردعمل جي نظام کي وڌيڪ مضبوط بڻايو وڃي ايندڙ مهم لاءِ جامع آپريشنل پلان کي حتمي شڪل ڏني وئي آهي جنهن تحت 73824 فرنٽ لائن ورڪرز 8354 ايريا انچارجز ۽ 1713 يونين ڪائونسل ميڊيڪل آفيسرز سڄي صوبي ۾ ويڪسينيشن جون سرگرميون سرانجام ڏيندا. ڪراچي ۾ سڀ کان وڏي تعيناتي ڪئي ويندي جنهن ڪانپوءِ حيدرآباد.

لاڙڪاڻو سکر شهيد بينظير آباد ۽ ميرپورخاص ڊويزنون شامل آهن سيڪيورٽي لاءِ 22290 پوليس اهلڪار مقرر ڪيا ويا آهن جڏهن ته مجموعي طور تي 24000 کان وڌيڪ اهلڪار فيلڊ آپريشنز ۾ سهڪار ڪندا 2349 عورت پوليس اهلڪار به حساس ۽ ڏورانهن علائقن ۾ مقرر ٿينديون ته جيئن گهر گهر پهچ کي يقيني بڻائي سگهجي وڏي وزير چيو ته مڪمل ڪوريج حاصل ڪرڻ لاءِ افرادي قوت ۽ سيڪيورٽي انتظام انتهائي اهم آهن ۽ سمورن کاتن کي اثرائتي عملدرآمد لاءِ ويجهو رابطو يقيني بڻائڻو پوندو اجلاس ۾ پوليو پروگرام ۾ جاري سڌارن جو به جائزو ورتو ويو جن ۾ بهتر تربيت، نگراني جو مضبوط نظام ۽ ڊيٽا ڪوالٽي آڊٽس شامل آهن ڪجهه ضلعن ۾ رهجي ويل خامين کي ختم ڪرڻ لاءِ خاص رسپانس ٽيمون به مقرر ڪيون ويون آهن وڏي وزير حڪومت جي عزم کي ورجائيندي چيو ته سنڌ پوليو جي مڪمل خاتمي لاءِ پرعزم آهي ۽ ان مقصد جي حاصلات لاءِ مسلسل نگراني جوابدهي ۽ گڏيل قدم ناگزير آهن

[redacted]

استحڪام ۾ حصو وجهڻ ۾ اڳيان اڳيان آهي خصوصي ڳالهه ٻولهه ۾ هن آمريڪا ايران ڳالهين تي پاڪستان جي اهم ڪردار تي زور ڀريندي چيو آهي ته عالمي استحڪام لاءِ پائيدار ۽ مستقل حل تلاش ڪرڻ ۾ ملڪ جي قيادت جي نمايان ڪردار ادا ڪيو آهي هن ايران جي اسٽريٽجڪ پوزيشن جي ساراهه ڪئي ۽ چيو ته ايران جنگ ۽ ڳالهين ٻنهي ۾ مضبوط مؤقف اختيار ڪندي هڪ سوچيل سمجهيل حڪمت عمليءَ سان پنهنجي مفادن جو مؤثر طريقي سان دفاع ڪري رهيو آهي هن اسلامي ملڪن خاص ڪري پاڪستان جي ڪردار جي به ساراهه ڪئي ۽ چيو ته هو ان ڳالهين جي سهولت فراهم ڪرڻ ۽ آمريڪا ۽ ايران کي ميز تي آڻڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪري رهيو آهي هن زور ڀريو ته هي حساس ڳالهين علائقائي ۽ عالمي امن لاءِ مستقل حل تلاش ڪرڻ جو هڪ حقيقي موقعو فراهم ڪن ٿيون هن وزيراعظم شهباز شريف جي ساراهه ڪندي ان جي غير معمولي ويزن ۽ پاڪستان جي سفارتي حيثيت کي عالمي سطح تي مضبوط ڪرڻ جي عزم کي ساراهيو هن وزيراعظم جي اسٽريٽجڪ بصيرت جي ساراهه ڪئي جنهن پاڪستان کي عالمي معاملن ۾ مضبوط پوزيشن ڏيارڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو آهي هن چيو ته موجوده حڪومت جي ڪوشش ملڪ کي عالمي سطح تي وڌيڪ سڃاڻپ ۽ اثر رسوخ حاصل ڪرڻ طرف اڳتي وڌايو آهي خرم دستگير فيلڊ مارشل سيد عاصم منير جي اڳواڻيءَ جي به ساراهه ڪئي ۽ پاڪستان جي هٿياربند فوج جي قومي مفادن جي تحفظ ۽ سلامتيءَ کي يقيني بڻائڻ ۾ ان جي اهم ڪردار جي ساراهه ڪئي هن چيو ته فيلڊ مارشل عاصم منير جي قيادت ۾ پاڪ فوج قوم جو هڪ مضبوط ٿنڀ بڻجي چڪي آهي جيڪو نظم و ضبط، بهادري ۽ لچڪ جي عڪاسي ڪري ٿو هن هٿياربند فوج جي پاڪستان جي خودمختياريءَ جي دفاع ۾ پختي وابستگيءَ کي ساراهيو جيڪو ملڪ جي عالمي حيثيت ۾ اهم ڪردار ادا ڪري رهيو آهي پاڪستان جي فوجي تاريخ تي روشني وجهندي هن ڀارت خلاف تاريخي فتح کي اجاگر ڪيو ۽ ان کي هڪ اهم لمحو قرار ڏنو هن ان فتح کي پاڪستان جي عزم ۽ پختي ارادي جي علامت قرار ڏنو آهي جيڪو نه صرف هڪ فوجي ڪاميابي آهي پر خودمختياريءَ جي جدوجهد ۾ هڪ اهم سنگ ميل پڻ آهي هن چيو ته ان فتح پاڪستان جي هٿياربند فوج ۽ ان جي قيادت جي طاقت کي ظاهر ڪيو جيڪو اڄ به ملڪ جي عالمي پوزيشن کي جوڙي رهي آهي هن چيو ته ملڪ جي وڌندڙ سفارتي اثر رسوخ ۽ علائقائي ۽ عالمي امن جي ڪوششن ۾ ان جي ڪردار جي عڪاسي ڪري ٿو هن ان جو ڪريڊٽ وزيراعظم ۽ فيلڊ مارشل جي گڏيل ڪوششن کي ڏنو جن جي سياسي ۽ عسڪري ٻنهي شعبن ۾ قيادت پاڪستان جي عالمي حيثيت کي بلند ڪيو آهي هن زور ڀريو ته هي گڏيل قيادت ملڪ جي ڊگهي مدي جي استحڪام ۽ خوشحاليءَ کي يقيني بڻائڻ لاءِ انتهائي اهم آهي

[redacted]

لاءِ فيول سبسڊي جي مد ۾ اهم سنگ ميل پار ڪري ورتو آهي سڄي صوبي ۾ 3 لک 31 هزار هارين کي هاري ڪارڊ ذريعي فيول سبسڊي ڏني وئي آهي هڪ بيان ۾ سينئر وزير شرجيل انعام ميمڻ چيو ته فيول سبسڊي ۾ مجموعي طور تي 3 ارب رپيا شفاف نموني جاري ڪيا ويا، هي سبسڊي 19 لک 40 هزار ايڪڙ زرعي ايراضي لاءِ ڏني وئي آهي هن چيو ته آبادگارن جي لاءِ فيول سبسڊي جو مقصد هارين جي پيداواري خرچن ۾ گهٽتائي آڻڻ ۽ سنڌن آمدني ۾ واڌارو يقيني بڻائڻ آهي، فيول سبسڊي جي سموري رقم تصديق ٿيل ڊيٽا جي بنياد تي سڌي ريت آبادگارن تائين منتقل ڪئي وئي آهي، سڌي ريت رقم جي منتقلي سان حڪومت طرفان سئو سيڪڙو شفافيت کي يقيني بڻايو ويو آهي سينئر وزير شرجيل انعام ميمڻ چيو ته سنڌ حڪومت جي آبادگار ۽ هاري دوست پاليسين جا هاڪاري نتيجا سامهون اچي رهيا آهن گذريل سال هاري ڪارڊ تحت ڪڻڪ جي صورت ۾ ڊبل حڪومتي امداد جي ڪري ڪڻڪ جي فصل ۾ واڌارو ڏسڻ ۾ آيو سنڌس چوڻ هو ته حڪومتي امداد جي نتيجي ۾ ڪڻڪ جي پيداوار 3 ڏهائي 5 ملين ميٽرڪ ٽن کان وڌي 4 ڏهائي 8 ملين ميٽرڪ ٽن تائين پهچي وئي، زرعي پيداوار ۾ واڌ، معاشي ترقي ۽ هارين جي خوشحالي جي لاءِ سنڌ حڪومت اهڙا قدم جاري رکندي

[redacted]

آف پاڪستان پاران جاري ڪيل نوٽيفڪيشن موجب ٽائون ميونسپل ڪارپوريشن (TMC)لياري، ڪراچي لاءِ ضمني چونڊن جو شيڊول جاري ڪيو ويو آهي. لياري ٽائون جي چيئرمين جي چونڊ لاءِ پولنگ 6 مئي 2026 ع تي ٿيندي، جڏهن ته چونڊ عمل "شو آف هينڊز" يعني هٿ کڻي مڪمل ڪيو ويندو. شيڊول موجب نامزدگي فارم 14 کان 16 اپريل 2026 ع تائين جمع ڪرائي سگهبا، جڏهن ته ڪاغذن جي جاچ (اسڪروٽني) 16 کان 20 اپريل تائين ٿيندي. اميدوار 29 اپريل تائين پنهنجا نامزدگي فارم واپس وٺي سگهندا، جڏهن ته اميدوارن جي حتمي فهرست ۽ چونڊ نشان 4 مئي تي جاري ڪيا ويندا. اليڪشن ڪميشن ڊپٽي سي سائوٿ کي ڊسٽرڪٽ ريٽرننگ آفيسر ۽ اسسٽنٽ ڪمشنر لياري کي ريٽرننگ آفيسر مقرر ڪري ڇڏيو آهي جن کي چونڊ عمل دوران فرسٽ ڪلاس مجسٽريٽ جا اختيار پڻ ڏنا ويا آهن. شيڊول جاري ٿيڻ سان ئي لاڳاپيل علائقن ۾ ترقياتي منصوبن جي اعلان ۽ سرڪاري آفيسرن جي بدلين تي پابندي لاڳو ڪئي وئي آهي. لياري ٽائون جي چيئرمين جي سيٽ اڳوڻي چيئرمين جي استعيفيٰ سبب خالي ٿي هئي. چونڊ نتيجن جو سرڪاري اعلان 7 مئي 2026 ع تي ڪيو ويندو.

[redacted]

جوڊيشل ڪميشن جي رپورٽ جو جائزو ورتو ۽ رپورٽ جو تفصيلي مطالعو ڪري سفارشون پيش ڪرڻ لاءِ وزارتي ڪميٽي قائم ڪري ڇڏي وزيراعليٰ هائوس ۾ ٿيندڙ اجلاس ۾ صوبائي وزيرن شرجيل انعام ميمڻ ناصر شاهه ۽ ضياء لنجار چيف سيڪريٽري آصف حيدر شاهه ميئر ڪراچي مرتضيٰ وهاب، وڏي وزير جو پرنسپل سيڪريٽري آغا واصف ايڊيشنل چيف سيڪريٽري داخلا اقبال ميمڻ انسپيڪٽر جنرل آف پوليس جاويد اوڍو ايڊيشنل آءِ جي ڪراچي آزاد خان ڪمشنر ڪراچي حسن نقوي سيڪريٽري قانون علي احمد بلوچ ۽ ٻين لاڳاپيل اختيارين شرڪت ڪئي وڏي وزير کي ٻڌايو ويو ته ٻاهر لڳڻ جو واقعو 17 جنوري 2026 تي پيش آيو جنهن ڪانپوءِ ڪابينا جي ڏيلي ڪميٽي جوڙي وئي جنهن ٽرمز آف ريفرنس (ٽي او آرز) جي منظوري ڏني اهي ٽي او آرز سنڌ هاءِ ڪورٽ سان شيئر ڪيا ويا، جنهن ڪانپوءِ 4 فيبروري 2026 تي ڪميشن آف انڪوائري جو باضابطه نوٽيفڪيشن جاري ڪيو ويو ڪميشن 16 فيبروري کان 25 مارچ دوران سائيٽ وزٽس ۽ ٻڌڻيون ڪيون ۽ 7 اپريل تي پنهنجي رپورٽ سنڌ حڪومت کي پيش ڪئي رپورٽ موجب عمارت ۾ موثر فائر فائٽنگ نظام مناسب الارم ۽ ڪميونيڪيشن سسٽم ۽ محفوظ نيڪالي جا انتظام موجود نه هئا. اجلاس کي وڌيڪ ٻڌايو ويو ته فائر برگيڊ کي اطلاع ڏيڻ ۾ دير ٿي جڏهن ته ايمرجنسي رسپانس مقرر ڪيل معيار جي مقابلي ۾ تمام گهڻو سست رهيو انڪوائري رپورٽ ۾ ڪيترن ئي اسٽيڪ هولڊرز کي ذميوار قرار ڏنو ويو آهي. وڏي وزير بلديات، قانون ۽

صنعت جي وزيرن تي مشتمل ڪميٽي جوڙي ڇڏي جيڪا پنهنجون سفارشون پيش ڪندي

[redacted]

قانونسازي، زراعت، صنعت ۽ پاڻي جي معاملن سميت مختلف شعبن تي تفصيلي غور ويچار ڪيو ويو. سنڌ اسيمبلي جي اسپيڪر سيد اويس شاهه بلاول ڀٽو زرداري سان ملاقات ڪئي، جنهن دوران قانونسازي سان لاڳاپيل معاملن تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي ۽ صوبي ۾ قانوني عمل کي وڌيڪ موثر بڻائڻ تي اتفاق ڪيو ويو. ان کان علاوه سنڌ جي صنعت ۽ واپار واري وزير جام اڪرام الله ڌاريجو پڻ بلاول هائوس ۾ چيئرمين پيپلز پارٽي سان ملاقات ڪئي، جتي هن پنهنجي کاتي جي ڪارڪردگي بابت تفصيلي بريفنگ ڏني ۽ جاري منصوبن بابت آگاهي فراهم ڪئي. ساڳئي ريت سنڌ جي زراعت واري وزير سردار محمد بخش خان مهر ملاقات دوران عالمي معاشي بحران جي تناظر ۾ زرعي شعبي کي درپيش مسئلن بابت بريفنگ ڏيندي ٻڌايو ته فيول جي مد ۾ صوبي جي ساڍا ٽي لک هارين کي في ايڪڙ 1500 رپيا ادا ڪرڻ جو عمل جاري آهي، جنهن سان لڳ ڀڳ 20 لک ايڪڙ زرعي زمين کي فائدو پهچندو. ان موقعي تي سنڌ ايريگيشن اينڊ ڊرينيج اٿارٽي (سيڊا) سان لاڳاپيل ايريا واٽر بورڊ گهوٽڪي فيڊر ڪينال جي چيئرمين هالار ٻڍاڻي پڻ بلاول ڀٽو زرداري سان ملاقات ڪئي ۽ پنهنجي ڪارڪردگي بابت آگاهي ڏني. هوڏانهن سنڌ جي سينيئر وزير شرجيل انعام ميمڻ جي صاحبزادي راول شرجيل پڻ بلاول هائوس ۾ چيئرمين پيپلز پارٽي سان ملاقات ڪئي. ذريعن موجب انهن ملاقاتن ۾ صوبي جي مجموعي ترقي، عوامي ڀلائي منصوبن ۽ حڪومتي ڪارڪردگي کي وڌيڪ بهتر بڻائڻ بابت اهم صلاح مشورا ڪيا ويا.

[redacted]

ڪيس مان ملزمن جي بري ٿيڻ واري آيل فيصلي ڪانپوءِ ان ڪيس کي ملالا يوسفزئي ڪانپوءِ ملڪ جو اهم هاءِ پروفائيل ڪيس قرار ڏنو ويو آهي، جڏهن ته ان ڪيس کي نه رڳو ڏيهي پر 40 کان مٿي پرڏيهي اخبارن ۾ پڻ نمايان ڪوريج ڏني وئي، ٻئي طرف ملڪ جي مختلف عدالتن جي ججن ۽ وڪيلن رابطو ڪري ام رباب کي ڪيس وڙهڻ لاءِ آڇ ڪئي وئي آهي، سنڌ هاءِ ڪورٽ، پنجاب، ڪي پي ڪي ۽ بلوچستان جا وڪيل ۽ رٽائرڊ جج انهن ۾ شامل آهن چوڌري اعتزاز احسن ۽ مجيب پيرزادي پڻ رضاڪارانه طور تي ام رباب کي ڪيس وڙهڻ جي آڇ ڪئي آهي، هوڏانهن سياسي ڌرين ام رباب کي چونڊن ۾ حصو وٺڻ لاءِ رابطا ڪيا آهن، خاص طور تي ايم ڪيو ايم سميت مخالف ڌر جون 7 جماعتون ام رباب سان رابطن ۾ آهن جڏهن ته آزاد اميدوار جي جي حيثيت ۾ چونڊ وڙهڻ جي تجويز سامهون آئي آهي

[redacted]

حسين شاهه خاص مهمان طور شرڪت ڪئي. 25 ارب 28 ڪروڙ رپين جي لاڳت واري هن منصوبي ۾ رستا، نيڪال جو نظام (سيوريج)، پاڻي جي فراهمي ۽ خوبصورتي جا منصوبا شامل آهن. عملدارن موجب منصوبو چار سالن ۾ مڪمل ڪيو ويندو جڏهن ته پهرين مرحلي تي ڪم جي شروعات ٿي چڪي آهي. لياري ۾ ٿيل افتتاحي تقريب ۾ پاڪستان پيپلز پارٽي جي صوبائي اسيمبلي ميمبرن، پارٽي اڳواڻن، بلدياتي نمائندن ۽ علائقي جي رهواسين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي. تقريب کي خطاب ڪندي وزير بلديات سيد ناصر حسين شاهه چيو ته لياري ڪراچي جو هڪ اهم ۽ تاريخي علائقو آهي جنهن کي ماضي ۾ نظرانداز ڪيو ويو پر موجوده حڪومت ان جي مڪمل بحالي ۽ ترقي لاءِ سنجيده قدم کڻي رهي آهي. هن چيو ته لياري ٽرانسفارميشن پروجيڪٽ علائقي جي پراڻن مسئلن جي حل ڏانهن هڪ اهم قدم آهي ۽ ان سان شهرين جي زندگي جي معيار ۾ نمايان بهتري ايندي. عملدارن موجب هن ميگا منصوبي جي مجموعي لاڳت 25 ارب 28 ڪروڙ رپيا آهي ۽ ان کي چار سالن ۾ مڪمل ڪيو ويندو جڏهن ته 2029 تائين ان جي تڪميل متوقع آهي. منصوبي جو پهريون مرحلو شروع ٿي چڪو آهي جنهن ۾ بنيادي ڍانچي جي بحالي تي خاص ڌيان ڏنو پيو وڃي. منصوبي تحت لياري ۾ جديد طرز جا رستا تعمير ڪيا ويندا ۽ سڄي علائقي ۾ روڊن جو ڄار وڇايو ويندو ته جيئن ٽريفڪ جي مسئلن ۾ گهٽتائي آڻي سگهجي. ان سان گڏ صاف پيئڻ جي پاڻي جي فراهمي کي يقيني بڻائڻ لاءِ نيون واٽر لائينون وڇايون وينديون ۽ پراڻين لائينن جي مرمت ڪئي ويندي ته جيئن پاڻي جي کوٽ جو مستقل حل نڪري سگهي. نيڪال جي نظام جي بهتري به منصوبي جو اهم حصو آهي جنهن تحت نيون سيوريج لائينون وڇايون وينديون ۽ موجوده نظام کي اپگريڊ ڪيو ويندو ته جيئن برساتن دوران پاڻي بيهڻ جي مسئلي کي ختم ڪري سگهجي. ساڳئي ريت برساتي نالن جي صفائي ۽ بهتري لاءِ به جامع قدم کنيا ويندا. منصوبي ۾ زمين هيٺ ڪيبلن جي بهتر ترتيب پڻ شامل آهي جنهن سان نه صرف بجلي جي نظام ۾ بهتري ايندي پر علائقي جي مجموعي خوبصورتي ۾ به اضافو ٿيندو. ان سان گڏ لياري لاءِ هڪ جامع بيوٽيفڪيشن پلان پڻ تيار ڪيو ويو آهي جنهن تحت پارڪن گرين بيلٽن ۽ ٻين عوامي هنڌن کي بهتر بڻايو ويندو. تقريب جي پڄاڻي تي وزير بلديات لاڳاپيل عملدارن کي هدايت ڪئي ته منصوبي تي ڪم جي رفتار تيز رکي وڃي ۽ معيار تي ڪنهن به قسم جو سمجهوتو نه ڪيو وڃي ته جيئن مقرر وقت اندر منصوبو مڪمل ٿي سگهي ۽ لياري جي عوام کي ان جا فائدا جلد ملي سگهن.

[redacted]

گرفتار ڪرڻ جي دعوا ڪئي آهي ڪوٽڙي پوليس ڳجهي اطلاع تي هڪ ڪار تي ڇاپو هڻي مين پوري ۽ گٽڪي ۾ استعمال ٿيندڙ چوري جا 15 ڪٽا هٿ ڪري هڪ جوابدار ڪريم خواجا کي گرفتار ڪرڻ جي دعوا ڪئي آهي جڏهن ته سائيٽ پوليس ٽڪ فائيو پوليس جي مدد سان ڪوٽڙي جي بلوچ گوٺ ڇاپو هڻي نشي وارين سوپارين جا 18 ڪٽا هٿ ڪري هڪ جوابدار گلاب خاصخيليءَ کي گرفتار ڪرڻ جي دعوا ڪئي آهي ڪارروائي دوران هٿ ڪيل منشيات قبضي ۾ وٺي گرفتار ڪيل ٻنهي جوابدارن خلاف منشيات ايڪٽ تحت ڪيس داخل ڪيو ويو آهي: پوليس

[redacted]

فيصلا . ڊپٽي ڪمشنر ڄامشورو غضنفر علي قادري جي صدارت هيٺ دربار هال ۾ ڊسٽرڪٽ ڪوآرڊينيشن ڪميٽي جو اهم اجلاس منعقد ٿيو جنهن ۾ نيشنل ايڪشن پلان تي عملدرآمد ۽ ضلعي جي امن امان جي مجموعي صورتحال جو تفصيلي جائزو ورتو ويو اجلاس ۾ ايس ايس پي موڪر وي عبدالشهزاد ،ڊي ايس پي ڪوٽڙي شاهنواز جوکيو ضلعي انتظاميا ۽ ٻين لاڳاپيل ادارن جي آفيسرن شرڪت ڪئي اجلاس دوران ضلعي ۾ امن امان جي صورتحال، غير قانوني سرگرمين خلاف جاري قدمن ۽ عوامي مفادن سان لاڳاپيل معاملن تي تفصيلي غور ويچار ڪيو ويو پوليس اختيارين اجلاس کي امن امان بابت بريفنگ ڏيندي ضلعي ۾ جاري آپريشنز ۽ ڪارروائين بابت آگاهي فراهم ڪئي. اجلاس ۾ خاص طور تي غيرقانوني شين جي وڪري جي روڪٿام غيرقانوني پيٽرول پمپن خلاف ڪيل ڪارروائين ۽ انهن جي پيش رفت جو جائزو ورتو ويو نان ڪسٽم پيڊ شين خلاف جاري ڪريڪ ڊائون ويئر هائوس تي پڻ تفصيلي بحث ڪيو ويو. ان موقعي تي ڊپٽي ڪمشنر غضنفر علي قادري لاڳاپيل ادارن کي هدايت ڪئي ته نيشنل ايڪشن پلان تي مڪمل ۽ اثرائتي نموني عملدرآمد کي يقيني بڻايو وڃي ۽ غير قانوني سرگرمين خلاف بنا امتياز ڪارروائيون تيز ڪيون وڃن ته جيئن ضلعي ۾ امن امان، قانون جي بالادستي ۽ عوامي سهولتن کي يقيني بڻائي سگهجي اجلاس ۾ ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر ون بابر خان نظاماڻي اي ڊي سي ٽو ڊاڪٽر عدنان منير تنيس انسپيڪٽر اسپيشل برانچ اسد ابڙو تعلقن جي اسسٽنٽ ڪمشنرن ورمين ڊوليپمينٽ ڊپارٽمينٽ، ڪسٽم ايف آءِ اي ۽ ٻين قانون لاڳو ڪندڙ ادارن جي آفيسرن پڻ شرڪت ڪئي

[redacted]

جو اچانڪ لائبريري جو مڪمل دورو ڪيو لائبريري جي انچارج عطاالرحمان سهتو ۽ سنئير ڪلارڪ محمد صالح ڏاهري کي غير حاضر رهڻ تي معطل ڪري ڇڏيو جڏهن ته صوبائي وزير لائبريري ۾ موجود شاگردن سان ملاقات ڪري لائبريري جي

HESCO
حيدر آباد اليڪٽرڪ سپلاءِ ڪمپني
سامان جي خريداريءَ لاءِ
آڇون گهرائجن ٿيون
1. (PMU HESCO) حيدرآباد اليڪٽرڪ سپلاءِ ڪمپني) مالي سال 26-2025 لاءِ رٿيل خريداريءَ لاءِ فنڊ محفوظ ڪري رکيا آهن. PMU HESCO جو ارادو آهي ته هن فنڊ جو حصو "ٽينڊر نمبر 26-PMU 204/25، ٽي اينڊ پي (P&T) ۽ ٽيسٽنگ سامان جي خريداريءَ" جي معاهدي تحت اهل ادائگين لاءِ استعمال ڪيو وڃي.
2. (PMU HESCO حيدرآباد اليڪٽرڪ سپلاءِ ڪمپني)، EPADS v2.0 تي واڪ دستاويزن ۾ بيان ڪيل سامان جي خريداريءَ لاءِ اهل واڪ ڏيندڙن کان اي-آڇون گهرائي ٿي.
3. هن خريداريءَ لاءِ هڪ مرحلي تي هڪ لفافي طريقو ۽ گهٽ ۾ گهٽ قيمت واري چونڊ (LCBS) واري طريقي تحت استعمال ڪئي ويندي. جيڪا پبلڪ پروڪيورمينٽ رولز 2004 ۽ اٿارٽي پاران وقت بوقت جاري ڪيل ڪنهن به ريگيوليشنز، ريگيوليٽري گائيڊز، پروڪيورمينٽ گائيڊ لائنز يا هدايتن جي عين مطابق هوندي.
4. سمورين آڇن سان گڏ واڪ دستاويز جي بڊ سيڪيورٽي سيڪشن ۾ بڌايل رقم جي بڊ سيڪيورٽي شامل هجڻ گهرجي، جيڪا پي آرڊر، بينڪرچيڪ، ڪال ايٽ ڊپوزٽ يا ڊمانڊ ڊرافٽ جي شڪل ۾ هجي. جتي خريد ڪندڙ اداري پاران بڊ سيڪيورٽي جي ضرورت نه هوندي، اتي آڇ ڏيندڙن کي واڪ دستاويز ۾ بيان ڪيل بڊ سيڪيورٽي ڊڪليئريشن پيش ڪرڻي پوندي.
5. اي-واڪ دستاويز، جن ۾ تفصيلي شرط ۽ ضابطا، وضاحتون گهرجون شامل آهن، اهي اي-پاڪ اڪيوزيشن اينڊ ڊسپوزل سسٽم (EPADS) جي ويب سائيٽ https://vendors.epads.gov.pk/ تي موجود آهن.
6. واڪ ڏيندڙن لاءِ لازمي آهي ته هو پاڻ کي EPADS v2.0 تي سومر، 4 مئي 2026، صبح 11:00 وڳي تائين يا ان کان اڳ رجسٽر ڪرائي وٺن. اي-آڇون ساڳئي ڏينهن يعني سومر، 4 مئي 2026 تي صبح جو 11:30 وڳي EPADS v2.0 ذريعي کوليون وينديون. هٿرادو طور آڇ جمع ڪرائڻ قبول نه ڪيو ويندو. اهي وينڊرز جيڪي اڃا تائين EPADS v2.0 جي نئين طريقيڪار تي رجسٽرڊ نه ٿيا آهن، اهي پاڻ کي https://vendors.epads.gov.pk/ تي رجسٽر ڪري سگهن ٿا. رجسٽريشن جي طريقيڪار کي سمجهڻ لاءِ هڪ ٽوٽوريل وڊيو هن لنڪ https://www.youtube.com/watch?v=MNW6T38v7tc تي موجود آهي.
7. پبلڪ پروڪيورمينٽ رولز 2004 جي رول 48 جي مطابق، هن خريداري لاءِ گريوينس ريڊريسل ڪميٽي (GRC) جو نوٽيفڪيشن جاري ڪيو ويو آهي ۽ ان جو نقل خريد ڪندڙ اداري جي ويب سائيٽ ۽ اٿارٽي جي ويب سائيٽ (www.ppra.org.pk) تي موجود آهي.
PID (H) 368/25
ڊائريڪٽر جنرل (پروڪيورمينٽ)، PMU حيسڪو حيدر آباد
بنگلو نمبر A-1، حيسڪو ڪالوني حسين آباد، حيدر آباد، سنڌ، پاڪستان

ايڊيٽوريل

ايران- امريڪا وچ ڳالهيون: امڪان ۽ اُميدون!
صفحو 4

راجا زاد اختر خانزاد
سيز فائر جو ڊرامو: ٽرمپ جي چالبازي، ايران سان ڌوڪو ۽ پاڪستان جو ڪردار!
صفحو 4

روزاني عبرت

قومي سياسي پارٽيون جنهن سان گڏ هجن...
محمود شام
صفحو 4

نندلال لوهاڻو
عالمي جنگ جي روڪٿام ۾ پاڪستان جو تاريخي ڪردار!
صفحو 4

# مٽياري ۽ ڀرپاسي وارن علائقن ۾ بجلي چورن ۽ رهتون ادا نه ڪندڙن خلاف ڪارروايون

## حيسڪو چيف فضل الله ڌاهري جي خاص هدايتن تي ايڪسين جي اڳواڻي ۾ گڏيل آپريشن

## ڪارروائي دوران مختلف علائقن ۾ بجلي جي غير قانوني استعمال خلاف ڇاپا، سوين ڪنڊا ڪنيڪشن هٽايا ويا

### بجلي چوري روڪڻ لاءِ اهڙيون ڪارروايون جاري رهنديون ۽ قانون جي ڀڃڪڙي ڪندڙن خلاف سخت ڪارروائي عمل ۾ آندي ويندي: ايڪسين

مٽياري بجلي چورن ۽ بقاياجات لاءِ آپريشن ڪيو پيو وڃي

مٽياري (د ر) مٽياري ۽ ڀرپاسي وارن علائقن ۾ بجلي چورن ۽ رهتون ادا نه ڪندڙن خلاف سخت ڪارروائين جو سلسلو تيز ڪيو ويو آهي حيسڪو چيف فضل الله ڌاهري جي خاص هدايتن تي ايڪسين سپريڊنٽ فاروق ٿنيو ايس ڊي او مٽياري عزيز گوپانگ، لائين سپريڊنٽ رنواز مهر ۽ رينجرز اهلڪارن سميت ڊويزنل چيئرمين مولابخش خاصخيلي شهاب الدين خاصخيلي فياض ميمڻ امجد جهيجو خالد ميمڻ ساجد وسيم ۽ الهڏنو خاصخيلي جي اڳواڻي ۾ گڏيل آپريشن ڪيو ويو ڪارروائي دوران مختلف علائقن ۾ بجلي جي غير قانوني استعمال خلاف ڇاپا هنيا ويا، جتي سوين ڪنڊا ڪنيڪشن هٽايا ويا. اختيارين موجب ڪيترن ئي صارفين کي ڊنڊ پڻ لاڳو ڪيا ويا، جڏهن ته بقايا رهيل بلن جي وصولي لاءِ به قدم کنيا ويا. اختيارين جو چوڻ آهي ته بجلي چوري روڪڻ لاءِ اهڙيون ڪارروايون جاري رهنديون ۽ قانون جي ڀڃڪڙي ڪندڙن خلاف سخت ڪارروائي عمل ۾ آندي ويندي

# ملڪ ۾ ڪڻڪ جي بحالي ۽ ٻج جي مامرن تي عالمي ڪانفرنس زرعي يونيورسٽي ميزباني ڪندي

## عالمي ڪانفرنس ۾ نامور سائنسدان، پاليسي ساز، تعليمي ماهر ۽ نجي شعبي جا نمائندا شرڪت ڪندا

## ڪانفرنس جي افتتاحي تقريب 14 اپريل تي وائيس چانسلر پروفيسر ڊاڪٽر الطاف علي سيال مهمان خاص طور خطاب ڪندو

### گهٽ پيداوار، خالص ٻج جي کوٽ ۽ موسمياتي تبديلي جا ڪڻڪ، مٽي ۽ پاڻي جي وسيلن تي اثرن بابت گڏيل حل ڳوليا ويندا

ٽنڊوڄام زرعي يونيورسٽي جو وائيس چانسلر ڊاڪٽر الطاف علي سيال عالمي ڪانفرنس جي حوالي سان اجلاس جي صدارت ڪندي

ٽنڊوڄام (ن ع) سنڌ زرعي يونيورسٽي ٽنڊوڄام ۾ پاڪستان ۾ ڪڻڪ جي فصل کي درپيش مسئلن ۽ ان جي ترقي لاءِ عالمي ڪانفرنس جو اهتمام ڪيو پيو وڃي جيڪا 14 کان 15 اپريل 2026 تائين ٻن ڏينهن تي ٻڌل "ڪڻڪ جي ٻج جي پيداوار ۽ ترقي: مسئلا ۽ حل" جي عنوان سان منعقد ٿيندي، هي ڪانفرنس شعبي پلانٽ بريڊنگ اينڊ جينيٽڪس جي ميزباني هيٺ ۽ هائير ايجوڪيشن هائير ايجوڪيشن ڪميشن اسلام آباد جي سهڪار سان منعقد ڪئي پئي وڃي. ڪانفرنس ۾ نامور سائنسدان پاليسي ساز تعليمي ماهر ۽ نجي شعبي جا نمائندا شرڪت ڪندا، جنهن جو مقصد پاڪستان ۾ ڪڻڪ جي صنعت جي بحالي لاءِ سائنسي رهنمائي مهيا ڪرڻ ۽ "وائيٽ گولڊ" جي بحران جو اثرائتو حل ڳولڻ آهي. ڪانفرنس ۾ چين ۽ جاپان مان ماهر سڌي طرح شرڪت ڪندا، جڏهن ته دنيا جي ٻين ملڪن جا ماهر آن لائين شرڪت ڪندي جديد تحقيق پيش ڪندا. قومي سطح تي نيوڪليئر انسٽيٽيوٽ آف ايگريڪلچر ايگريڪلچر ريسرچ سنڌ ۽ ايگريڪلچر ايڪسٽينشن سنڌ جا ماهر پڻ شامل ٿيندا، جڏهن ته لاهور ڪراچي، اسلام آباد ۽ فيصل آباد سميت ملڪ جي ٻين علائقن مان پڻ نمائندا شرڪت ڪندا. ڪانفرنس جي افتتاحي تقريب 14 اپريل تي وائيس چانسلر پروفيسر ڊاڪٽر الطاف علي سيال مهمان خاص طور خطاب ڪندو... ڪڻڪ، مٽي ۽ پاڻي جي وسيلن تي اثرن بابت گڏيل حل ڳوليا ويندا. اختتامي تقريب ۾ ڊاڪٽر محبوب علي سيال شرڪت ڪندا جيڪي وائيس چانسلر سان گڏ ڪانفرنس جي نتيجن جو جائزو وٺندا ۽ شرڪت ڪندڙن ۾ سرٽيفڪيٽ ورهائيندا. هي ڪانفرنس سرپرست پروفيسر ڊاڪٽر عنايت الله راجپر سيڪريٽري پروفيسر ڊاڪٽر شاهنواز مري ۽ پرنسپل آرگنائيزر ڊاڪٽر واحد علي جتوئي جي اڳواڻي ۾ منعقد ڪئي پئي وڃي، جنهن مان اميد آهي ته تحقيقي نتيجن کي عملي ميدان تائين منتقل ڪرڻ لاءِ اثرائتي حڪمت عملي سامهون ايندي، جيڪا پاڪستان جي زرعي معيشت ۽ ڪڻڪ جي صنعت جي استحڪام ۾ اهم ڪردار ادا ڪندي.

# هالا ۾ ٽرانسپورٽ کاتي جي آفيسرن جي نااهلي، ٽرانسپورٽرن پاران من پسند ڀاڙا مقرر

## حڪومت پاران مسافر گاڏين ۾ ڪرايا وڌائڻ تي عائد ڪيل پابندي باوجود ٽرانسپورٽ کاتو عمل ڪرائڻ ۾ ناڪام

## شاليمار شارح ڪوچ هالا کان ڪراچي جو ڪرايو 900 جي بجاءِ 1500 مقرر، حيدرآباد جي ڀاڙي ۾ به ڳاٽي ٽوڙ اضافو

### ٽرانسپورٽ اٿارٽي جي آفيسرن ۽ عملي جي ذميواري آهي ته مسافر گاڏين کي چيڪ ڪري عوام کي رليف فراهم ڪن: شهري

هالا(ن ع) نوابشاهه کان حيدرآباد ويندڙ مسافر ڪوچن کان علاوه حيدرآباد کان هالا، سانگهڙ شهدادپور ويندڙ مسافر ويگن بسن ۾ حڪومت پاران مسافر گاڏين ۾ ڪرايا وڌائڻ تي عائد ڪيل پابندي باوجود ٽرانسپورٽرن ٽرانسپورٽ اٿارٽي ڪاتي جي آفيسرن جي غفلت، نااهلي ۽ سستي سبب هٿرادو ڪرايا وڌائي ڇڏيا آهن شاليمار شارح ڪوچ هالا کان ڪراچي جو ڪرايو 900 روپين جي بجاءِ 1500 سؤ روپيه، هالا کان حيدرآباد ۾ مسافر بسن 120 روپين بجاءِ 200 سؤ روپيه، ويگن جي ٽرانسپورٽرن 150 روپيه ڪرايو وڌائي 160 روپيه ڪرڻ سان في سيٽ ڪن مسافرن جي بجاءِ 4 مسافر ويهاري عوام کي پريشان ڪرڻ لڳا. رابطو ڪرڻ تي ريجنل ٽرانسپورٽ اٿارٽي حيدرآباد جي آفيسر سليم ميمڻ پاران موقف معلوم ڪرڻ تي هن چيو ته ڪو مسافر درخواست ڏيندو ته پوءِ ڪارروائي ڪئي ويندي سياسي سماجي ڌرين صوبائي وزير سيڪريٽري ٽرانسپورٽ کان مطالبو ڪيو آهي ته ٽرانسپورٽ اٿارٽي جي آفيسرن ۽ عملي جي ذميواري آهي ته مختلف جڳهين تي روزانه جي بنيادن تي موٽروي پوليس سان مٽياري، هالا ۽ حيدرآباد مسافر گاڏين کي چيڪ ڪري عوام کي رليف فراهم ڪن

# حيدرآباد ميونسپل ڪارپوريشن جي رٽائرڊ ملازمن جو احتجاج

## پينشن جي بندش خلاف احتجاج کي ست هفتا مڪمل ٿي ويا، ڪو لڙي نه آيو

### بلديه حيدرآباد جي رٽائرڊ ملازمن جي پينشن فوري طور بحال ڪئي وڃي: مظاهرين

ٽنڊوڄام (ت ر) حيدرآباد ميونسپل ڪارپوريشن جي رٽائرڊ ملازمن پاران پينشن جي بندش خلاف احتجاج کي ست هفتا مڪمل ٿي ويا، جڏهن ته اڄ ڇنڇرين ڏينهن به ٽنڊوڄام پريس ڪلب آڏو ڌرڻو جاري رکيو ويو رٽائرڊ ملازم جيڪي آچر، ڪاتيار عنايت ميمڻ ۽ نظير احمد صبحيوڪو جي اڳواڻي ۾ هئا، پينشن جي فوري بحالي جو مطالبو ڪندي چيو ته 2025ع کان پينشن جي بندش سبب هو سخت مالي بحران کي منهن ڏئي رهيا آهن احتجاج دوران بلديه حيدرآباد جي ڪمشنر ظهور لکڻ کي هٽائڻ ۽ پينشن جي بحالي لاءِ سخت نعريبازي ڪئي وئي احتجاج ۾ محمد انور پنجابي، علي ڏنو خاصخيلي، پروين مسيح، ناڪتا مسيح، رابعه مسيح، سيما مسيح سميت ٽنڊوڄام، ٽنڊو فضل ۽ قاسم آباد ٽائون جي ملازمن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي ٻئي طرف ايس يو پي، جسقم سنڌ سبا، ڪيم جوئيٽر ذوالفقار ۽ ٻين تنظيمن جي مقامي اڳواڻن مطالبو ڪيو آهي ته بلديه حيدرآباد جي رٽائرڊ ملازمن جي پينشن فوري طور بحال ڪئي وڃي

ٽنڊوڄام حيدرآباد ميونسپل ڪارپوريشن جي رٽائرڊ ملازم احتجاج ڪندي

# ڏوڪري لڳ ايئرپورٽ پوليس جو جوا جي اڏي تي ڇاپو

## پوليس 2 جواري گرفتار ڪري ورتا، 5 فرار، 7 جوارين مٿان ڪيس داخل

### ڌوهارين، منشيات فروشن ۽ جوارين خلاف ڪريڪ ڊائون شروع ڪيو آهي: پوليس

ڏوڪري(ن ع) موهن جو دڙو ايئرپورٽ پوليس جي اڳواڻي ۾ ڳوٺ ڏنڊ پرسان خير واهه ۾ جوا جي اڏي تي ڇاپو هڻي 2 جواري گرفتار ڪري ورتا جڏهن ته پنج جواري فرار ٿي ويا ايئرپورٽ پوليس 7 جوارين مٿان ڪيس داخل ڪيو آهي گرفتار جواري خليل منگريو ۽ حامد گوپانگ کي گرفتار ڪري ڪيس داخل ڪيو آهي جڏهن ته 5 ڄڻا فرار ٿيلن مهربان ابڙو،اسلم چانڊيو حيدار ابڙو عاشق ابڙو ۽ منور ابڙو جي مٿان به ڪيس داخل ڪيو ويو آهي.ان موقعي تي ايس ايڇ او ايئرپورٽ علي مراد ڪوسو ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو آهي ته اسان ايس ايس لاڙڪاڻو احمد فيصل چوڌري جي حڪم تي ڌوهارين، منشيات فروشن ۽ جوارين خلاف ڪريڪ ڊائون شروع ڪيو آهي.هن چيو ته اسان کي ڳجهي اطلاع تي ڳوٺ ڏنڊ پرسان خير واهه ۾ جوا جي اڏي تي ڇاپو هنيو هن چيو ته اسان ٻن جوارين کي گرفتار ڪري ورتو آهي ۽ ٻيا جواري فرار ٿي ويا آهن.هن چيو ته اسان گرفتار ۽ فرار ٿيل جوارين مٿان ڪيس داخل ڪيو آهي.هن چيو ته ايئرپورٽ ٿاڻي جي حد اندر جوا منشيات جو خاتمو آندو ويندو.هن چيو ته ڪنهن به ڌوهاري کي بخش نه ڪيو ويندو.هن چيو ته جيڪو امن خراب ڪندو ان کي معافي نه ڏني ويندي

# ملي عدالت جو وڏو فيصلو: قتل ڪيس ۾ ٻن جوابدارن کي سزا

## عدالت جوابدارن مير مرتضيٰ ۽ رزاق کي عمر قيد جي سزا ٻڌائي ڇڏي

### عالم علي گوهر ۽ عبدالستار کي ست ست سال قيد ۽ ڏنڊ جي سزا ٻڌائي وئي

ملي (د ر) ايڊيشنل سيشن جج محمد فاضل بوهيو جي عدالت ۾ سال 2024 جي ڳوٺ ڪنو شاهاڻي تعلقو ڏيپلو ۾ پيش آيل قتل ڪيس جو فيصلو ٻڌايو ويو زمين جي تڪرار تان ٿيل واقعي ۾ سڪندر شاهاڻي قتل ۽ عبدالله معشوق شاهاڻي زخمي ٿيا هئا. ڪيس فريادي انور پٽ بهادر طرفان ڏيپلو ٿاڻي تي داخل ڪرايو ويو هو عدالت فريادي جي وڪيل ظهير الدين نهڙي ۽ جوابدارن جي وڪيلن جا دليل ٻڌڻ کان پوءِ فيصلو ٻڌايو عدالت جوابدارن مير مرتضيٰ ۽ رزاق کي عمر قيد جي سزا ٻڌائي جڏهن ته ٻروين عالم علي گوهر ۽ عبدالستار کي ست ست سال قيد ۽ ڏنڊ جي سزا ٻڌائي وئي جڏهن تن سڀ جوابدار اڳ ۾ ئي جيل ۾ قيد آهن

ٽنڊوڄام گورنمينٽ بوائز پرائمري اسڪول حاجي اسماعيل لاڪو ۾ منعقد تقريب ۾ شاگرد کي انعام ڏنا ويا

مورو مورو سانحي جي قيدين جي آزادي لاءِ احتجاجي مظاهرو ڪيو پيو وڃي

# مورو سانحي جي بيگناهه قيدين جي آزادي لاءِ احتجاج جاري

## وارثن جو جو 26ڏينهن به پريس ڪلب آڏو احتجاجي مظاهرو، ڌرڻو

### اسان جا پيارا ٻنا ڪنهن ڏوهه جي ڊسٽرڪٽ جيل نوشهروفيروز ۾ قيد آهن: مظاهرين

مورو(ن ع) مورو سانحي جي بيگناهه قيدين جي آزادي لاءِ وارثن ٻارڙن نياڻين شاگردن شاگردياڻين امڙين ڀينرن ڀيرسن والدين سياسي سماجي علمي ادبي تنظيمن جي اڳواڻن ڪارڪنن شهرين جو 26ڏينهن به مورو پريس ڪلب آڏو احتجاجي مظاهرو ڪري ڌرڻو هنيو ويو ان موقعي تي قيدين جي وارثن علي دوست رند نواز علي ڪلهوڙو توڪل جويو نصير احمد ڪوڪر محسن علي رستماڻي اسرار احمد پنهور قربان لغاري فرحانه لغاري مراد علي لغاري سنڌ سبا جي صدام چانڊيو ايس يو پي جي ياسين سومرو ۽ ٻين چيو ته نوجوان شاگرد استاد دڪاندار هاري مزدور پورهيت 11 مهينن کان ٻنا ڪنهن ڏوهه جي ڊسٽرڪٽ جيل نوشهروفيروز ۾ قيد آهن انهن جي آزادي لاءِ 26 ڏينهن کان مورو جي روڊن رستن تي نياڻيون معصوم ٻار عورتون مسلسل احتجاج ڪري پنهنجن 60 بيگناهه پيارن جي آزادي لاءِ درد ڀريون دانهون ڪري رهيا آهن پر انهن جو آواز ڪير به ٻڌڻ وارو نه آهي مورو ۾ سنڌ جي حڪمرانن 20 مئي تي رتو ڇاڻ ۽ نوجوانن جون شهادتون گرفتاريون ڪري اهو پيغام ڏنو ته سنڌ جي حقن جي حاصلات لاءِ ۽ درياءَ ۽ زمينن جي بچاءَ جي احتجاج ڪندو انهن جو حشر به لغارين جهڙو ڪنداسين هڪ خوف جي فضا قائم ڪري سپني جا هٿ ڪن ۽ زبانون بند ڪري ڇڏيون آهن جنهن ڪري 11 مهينن کان 60 بيگناهه ماڻهو قيد آهن جيڪو به انهن مظلومن لاءِ آواز اٿاري ٿو انهن کي خريد ڪيو وڃي ٿو ۽ جيڪي ماڻهو خريد نٿا ٿين انهن کي انعام سنڌي وانگر ڪوڙن ڪيسن ۾ قيد ڪيو وڃي ٿو سنڌ حڪومت مورو سانحو ڪري ظلم جي هڪ تاريخ رقم ڪري ڇڏي اهڙن حڪمرانن کي ڪڏهن به سنڌ معاف نه ڪندي مظلومن معصوم ٻارڙن نياڻين امڙين ڀيرسن جون آهون ۽ دانهون حڪمرانن جا تخت و تاج ختم ڪري ڇڏيندا هنن چيو ته بيگناهه قيدين جي آزادي لاءِ سرڻ گهڙي تائين احتجاج جاري رهندو

# يوسي سينارجا بالا جي چيئرمين جي وٽرنري کاتي جي ملازمن جي گڏجاڻي

## مختلف ڳوٺن ۾ جانورن کي بيمارين کان بچاءَ جا ٽڪا لڳائڻ جو سلسلو شروع

### چوپائي مال کي بيمارين جي بچاءَ کان ويڪسين شروع ڪري ڏني آهي: ڊاڪٽر حسين سولنگي

گڏيجي يوسي سينارجا بالا جي چيئرمين جي وٽرنري کاتي جي ملازمن سان گڏجاڻي ڪندي

گڏيجي(ن ع) يونين ڪائونسل سينارجا بالا جي چيئرمين ڊاڪٽر ڊاڪٽر حسين سولنگي سان وٽرنري کاتي جي ملازمن جي گڏجاڻي، مختلف ڳوٺن ۾ جانورن کي بيمارين کان بچاءَ جا ٽڪا لڳائڻ جو سلسلو شروع ڪيو ويو گهريلوجانورمعشيت ۾ وڏي حيثيت رکن ٿا.ڊاڪٽرڊاڪٽرحسين سولنگي مالوند جانورن کي بيمارين کان بچاءَ جي ويڪسين ڪرائين ته جيئن بيمارين کان جانورن بچي سگهن وٽرنري آفيسر تفصيل موجب گڏيجي جي پرسان سولنگي هائوس تي يونين ڪائونسل سينارجا بالا جي چيئرمين ڊاڪٽر ڊاڪٽر حسين سولنگي سان وٽرنري کاتي جي آفيسرن ڊاڪٽراحمدعلي سولنگي، علي رضا پنهورخالد حسين سولنگي،مختيار سهتو،آصف علي سميت ٻين گڏجاڻي ڪئي جن يونين ڪائونسل سينارجا بالا جي چيئرمين ڊاڪٽر ڊاڪٽر حسين سولنگي کي ٻڌايو ته هر ڳوٺ وڃي گهر گهر مينهن ڳئون،ٻڪرين،رڍن،ڏاندن کي مختلف بيمارين ٿڦڙي،گوڳي،رت وارن دستن سميت ٻين بيمارين جي بچاءَ کان ويڪسين شروع ڪري ڏني آهي ان موقعي تي يونين ڪائونسل سينارجا بالا جي چيئرمين ڊاڪٽر ڊاڪٽر حسين سولنگي چيوته گهريلو جانور معشيت ۾ وڏي حيثيت رکن ٿا ۽ ٻڪريون پالڻ سنت نبوي صه آهي هن دور ۾ جانورن کان وڌ پالڻ گهرجن وٽرنري کاتي جي عملدارن جو چوڻ آهي ته هرگهرگهروڃي جانورن کي بيمارين کان بچاءَ لاءِ ويڪسين ڪري رهيا آهيون جنهن ۾ ڳوٺ سائينداد سولنگي، نهال خان سولنگي، سينارجابالا،ڏنوارمحمد چنڊ راڄپيلي ڏنو سهتو،فضل محمد سهتو ۾ ويڪسين جو سلسلو جاري آهي

# جسقم مرڪزي اڳواڻ شهيد ڪاشف ٻانڀڻ جي تڏي تي پهتا

## شهيد ڪاشف ٻانڀڻ جي امڙ هنجون هاري روئي پئي، والد جا به ڪيهات

### مقتول جا جوابدار اڃا تائين آزاد گهمي رهيا آهن، ڪو انصاف ڪرڻ وارو ناهي: والدين

ڪوٽڙي ڪبير(ن ع) ڪوٽڙي ڪبير پرسان ڳوٺ يوسف ٻانڀڻ ۾ جسقم مرڪزي اڳواڻ ڊاڪٽر نياز ڪالاڻي ايڊوڪيٽ سيد حماد الله شاهه شهاب الدين ميمڻ غلام مرتضيٰ سولنگي ۽ ٻيا شهيد ڪاشف ٻانڀڻ جي تڏي تي پهتا، جتي شهيد جي وارثن سان تعزيت ڪئي وئي، ان موقعي تي شهيد ڪاشف ٻانڀڻ جي امڙ هنجون هاري چيو ته پنهنجي پٽ جو فوٽو ويهنگهي ۾ رکي ۽ قرآن شريف انصاف لاءِ هر وقت لوڏيندي پئي اڄان منهنجي جوان پٽ کي ظالمن بي دردي سان قتل ڪري سونڪي جيئري ماري ڇڏيو آهي. مقتول جي پيءُ يوسف ٻانڀڻ ٻڌايو ته ڪاشف جي جدائي ۾ ڪيترائي دفعا سندس ماءُ کي بيهوشي جي دورن ۾ اسپتال ۾ داخل ڪرايو آهي.۽ ڪاشف جون ڀينرون پڻ جوڌي پاءَ جي جدائي تي نڍال آهن ظالمن پٽ کي شهيد ڪري گهر ويران ڪري ڇڏيو آهي. ان دوران نياز ڪالاڻي ميڊيا کي ٻڌايو ته ساهتي پرڳڻي ۾ رياست امن امان بحال ڪرائڻ ۾ بلڪل ناڪام ٿي چڪي آهي افسوس جو هتان جا حڪومتي نمائندا عوام کي تحفظ ڏيڻ بدران سندن جان جا ويري بڻجي ويا آهن مقتول جا جوابدار اڃا تائين آزاد گهمي رهيا آهن هن آءِ جي سنڌ ۽ هوم منسٽر ضياء لنجار کان مطالبو ڪيو ته فوري طور ڪاشف جي قاتلن کي گرفتار ڪري ڪين کي عبرتناڪ ڏني وڃي ۽ فريادين کي تحفظ پڻ ڏنو وڃي

ڪوٽڙي ڪبير جسقم مرڪزي اڳواڻ شهيد ڪاشف ٻانڀڻ جي تڏي تي پهچي تعزيت ڪري رهيا آهن

# هالا ۾ ڳوٺ پليڏنو ڪاڪا جي رهواسي ڙال مڙس جو احتجاج

## پٽ کي خون جي ڪيس ۾ بيگناهه نامزد ڪري گرفتار ڪرڻ خلاف احتجاج ڪيو

### دانش ملڪ کي گرفتار ڪري پٽ مشتاق ڪاڪا کي آزاد ڪيو وڃي: عبدالحفيظ ڪاڪا

هالا(ت ر) هالا ۾ ڳوٺ پليڏنو ڪاڪا جي رهواسي ڙال مڙس پاران سندن پٽ کي خون جي ڪيس ۾ بيگناهه نامزد ڪري گرفتار ڪرڻ خلاف احتجاج ڪيو ويو عبدالحفيظ ڪاڪا پنهنجي گهر واري مسمات ملوڪ زادي سان گڏ هالا پريس ڪلب تي صحافين آڏو احتجاج ڪندي چيو ته ٿي سال اڳ نيو سعيدآباد شهر جي بينظير چوڪ تي ظهير علي عرف بادشاهه ابڙيجو کي بااثرن جي چرچ تي ياسر ڪاڪا چرين جا وار ڪري ڪيس قتل ڪري ڇڏيو هو جنهن جي ڪيس ۾ ياسر ڪاڪا سان گڏ بيگناهه اسان جي پٽ مشتاق ڪاڪا جو نالو ڏئي ڪيس گرفتار ڪرائي ڇڏيو هو هنن الزام هڻندي چيو ته ان وقت نيو سعيدآباد جي ايس ايڇ او ڪانئن ڳري رشوت طلب ڪئي هئي جيڪا نه ڏيڻ جي ڪري سندن پٽ مشتاق ڪاڪا کي بيگناهه خون جي ڪيس ۾ ڦاسائي ڇڏيو هنن ٻڌايو ته قتل جي سازش ڪندڙ مک جوابدار دانش ملڪ آهي جنهن جي پليرائي سندس چاچو پوليس صوبيدار رمضان ملڪ ڪري رهيو آهي انهن جي خلاف پوليس ڪابه ڪارروائي نه ڪري رهي آهي هنن چيو ته مک جوابدار کي بااثر وڏيرن جي پليرائي حاصل آهي جنهن جي ڪري ڪري ڪيس جو مک جوابدار سرعام ديدا دليريءَ سان گهمي رهيو آهي جڏهن ته اسان جو ڇوڪرو گذريل ٽن سالن کان بيگناهه قيد ڪاٽي رهيو آهي هنن سروري جماعت جي روحاني پيشوا ميمبر قومي اسيمبلي مخدوم جميل الزمان آءِ جي سنڌ ڊي آءِ جي حيدرآباد ۽ ايس ايس پي مٽياري کان مطالبو ڪيو آهي ته ظهير عرف بادشاهه ابڙيجو قتل ڪيس جي بيهر جاچ ڪري مک جوابدار دانش ملڪ کي گرفتار ڪري سندن پٽ مشتاق ڪاڪا کي آزاد ڪري انصاف فراهم ڪيو وڃي

هالا ڳوٺ پليڏنو ڪاڪا جي رهواسي ڙال مڙس احتجاج ڪندي

# نصرپور ۾ نئون تعليمي سال شروع، درسي ڪتاب نه مليا

نصرپور (ن ع) نصرپور ۽ ان جي آسپاس جي سال 2026 جو تعليمي سال جي شروعات ٿي چڪي آهي، پر نصرپور جي گورنمينٽ پرائمري اسڪولن ۾ اڃا تائين درسي ڪتاب نه پهچي سگهيا آهن. ڪتابن جي عدم فراهمي سبب ٻارن جي تعليم سخت متاثر ٿي رهي آهي جڏهن ته والدين، استادن ۽ شاگردن ۾ سخت بيچيني پکڙيل آهي. علائقائي واسين سنڌ ٽيڪسٽ بڪ بورڊ، تعليم کاتي ۽ ضلعي انتظاميا کان فوري نوٽيس وٺڻ جو مطالبو ڪندي چيو آهي ته ڪتابن کانسواءِ تعليمي سال جي شروعات ممڪن ناهي. "ٻارن کي ڪتاب ڏيو سندن مستقبل بچايو" نصرپور جا معصوم شاگرد فوري انصاف جا منتظر آهن علم پرايو سنڌ سنواريو جلد گلڙن جهڙي شاگردن کي مفت ڪتاب فراهم ڪري بي چيني دور ڪئي وڃي

# ٽنڊوالهيار ۾ رئيس غلام قادر مري جي وفات تي تعزيتي سلسلو جاري

## مير سهراب مري، مير محمد علي ٽالپر، سيد جلال شاه جاموٽ ۽ ٻين ڏک ونڊيو

## غلام حيدر جمالي، ڊي آئي جي ضياء الرحمان، ايس ايس پي جاويد بلوچ تڏي تي پهتا

### اڳوڻي ايم پي اي پير امجد شاهه جيلاني گل محمد جکراڻي، ڊاڪٽر دودو مهيري ۽ ٻين پاران تعزيت

ٽنڊوالهيار پ پ اڳواڻ رئيس غلام قادر مري جي وفات تي پونئيرن سان تعزيت ڪئي پئي وڃي

ٽنڊوالهيار(د ر) شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جي شيدائي صدر پاڪستان آصف علي زرداري جي ريجهي دوست پ پ پ سينئر اڳواڻ رئيس غلام قادر مري جي وفات تي پاءِ اسماعيل خان مري، ڪانهو خان مري، دريا خان مري پائيڪي رمضان مري، شهزاد مري سان ڳوٺ دريا خان مري ۾ تعزيت جو سلسلو جاري آهي انهي حوالي سان گڏريل ڏينهن پ پ پ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري جي ڪوآرڊينيٽر مير سهراب مري، اڳوڻي آئي جي سنڌ غلام حيدر جمالي ڊي آئي جي ضياء الرحمان ايس ايس پي جاويد بلوچ، قمر رضا جسڪاڻي، ڪرنل خالد، چام ميمڻ مير محمد علي ٽالپر سيد جلال شاه جاموٽ، راڻا همير سنگ، جيل سپريڊنٽ فهيم ارساڻي عنايت نظاماڻي پير رحماني عبدالواحد مگريو عاطف ڀٽي عبدالواحد ميمڻ شفيق الرحمان مقبول ميمڻ زاهد پرڳڙي، سيد اعجاز شاهه قبول ڪتياڻ گل محمد جکراڻي ڊاڪٽر دودو مهيري، علي غلام مري، حاجي نظير راهو افتخار ڪوڪر مير علي رضا ٽالپر ڊي سي ميرپورخاص، اڳوڻو ايم پي اي پير امجد شاهه جيلاني، مير الهبخش ٽالپر محمد ارهم مهر علي حيدر جروار فيروز وساڻ نظير جروار سيد ممتاز شاهه ممتاز پنهور علي رضا سهتو عبدالخالق سومرو فيض محمد مري، عبدالواحد بلوچ لڇمڻ داس پارواڻي چام نفيس، اسلم بلوچ نواب زبير ٽالپر مير منصور ٽالپر اڳوڻو ڊي ايس آر مير منصور غلام حيدر جمالي رئيس مظهر خان لغاري ارشد خان سيد سڪندر شاهه باقر ميمڻ ۽ ٻين تڏي تي پهچي تعزيت ڪئي جڏهن ته ڳوٺ دريا خان مري ۾ مرحوم رئيس غلام قادر مري جي پاڻڻ پائڻن ڏوهٽن ۽ پوٽن سان تعزيت جو سلسلو هلندڙ آهي

# ملڪ ۾ وڌندڙ مهانگائي، بيروزگاري، بدامني ۽ ڪرپشن خلاف حيدرآباد ۾ احتجاج

## پيپلز پارٽي شهيد ڀٽو پاران ملڪ ۾ وڌندڙ مهانگائي، بيروزگاري، بدامني ۽ ڪرپشن خلاف مظاهرو ڪيو ويو

## حڪومت رات وچ ۾ پيٽرول جا اگهه وڌائي غريب عوام جو جيئڻ جنجال ڪري ڇڏيو آهي، هر ماڻهو پريشان آهي: اڳواڻ

### گذريل 20 سالن کان سنڌ مافيا جي چنبي ۾ آهي، جيڪي شهيد ڀٽو جو نالو وٺي ڪرپشن جا انبار لڳائي رهيا آهن

حيدرآباد پ پ ش ڀ سپاف پاران پيٽرول قيمتن ۾ اضافي خلاف احتجاج ڪيو پيو وڃي

حيدرآباد(اسٽاف رپورٽر) پاڪستان پيپلز پارٽي شهيد ڀٽو پاران ملڪ ۾ وڌندڙ مهانگائي، بيروزگاري، بدامني ۽ ڪرپشن خلاف ڪالهه حيدرآباد پريس ڪلب سامهون مجيد سيال پرويز بلوچ ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو ان موقعي تي هنن چيو ته محترمه غنويٰ ڀٽو جوئيٽر ذوالفقار علي ڀٽو ۽ فاطمه ڀٽو جي هدايتن تي سڄي سنڌ جيان حيدرآباد ۾ به عوام دشمن پاليسين خلاف آواز بلند ڪيو پيو وڃي. هنن چيو ته حڪومت رات وچ ۾ پيٽرول جا اگهه وڌائي غريب عوام جو جيئڻ جنجال ڪري ڇڏيو آهي جيڪو ماڻهو ڏينهن جا 500 يا 1000 رپيا ڪمائي ٿو اهو پنهنجي ٻارن لاءِ ڪاڌ خوراڪ جون شيون ڪيئن خريد ڪري سگهي پيپلز پارٽي شهيد ڀٽو اڄ به ذوالفقار علي ڀٽو جي "روٽي، ڪپڙا اور مڪان" واري منشور تي قائم آهي جڏهن ته موجوده حڪمرانن عوام کان اهي بنيادي حق به کسي ورتا آهن. هنن چيو ته گذريل 20 سالن کان سنڌ مافيا جي چنبي ۾ آهي، جيڪي ڀٽو جو نالو وٺي ڪرپشن جا انبار لڳائي رهيا آهن پيپلز پارٽي شهيد ڀٽو جي اڳواڻن چيتاءُ ڏنو ته جيستائين پيٽرول ۽ ٻين واهپي جي شين جون قيمتون گهٽ نه ڪيون وينديون تيستائين اسان جو احتجاج جاري رهندو

# صالح پٽ جي ڳوٺن ۾ لاڪڙي جي وبا ڦهلجي وئي، 6 ٻارڙن سميت هڪ عورت ۾ مبتلا

## ٻچل شاهه ۽ لياقت علي آرائين ۾ 48 ڪلاڪن اندر 6 ٻارڙن سميت هڪ عورت لاڪڙي جي وبا جو شڪار

## صالح پٽ جي مختلف ڳوٺن ۾ سون جي تعداد ۾ ٻار توڙي وڏي عمر جا ماڻهو وبائي بيماري ۾ وڪوڙجي ويا

### وبا ڦهلجڻ بابت چاڻ ملڻ بعد صحت کاتي جي ٽيمن کي مختلف متاثر علائقن ۾ موڪليو آهي: اسسٽنٽ ڪمشنر صالح پٽ

صالح پٽ (ن ع) صالح پٽ جي ڳوٺن شهباز ڏنو ڪورڪاڻي /ساڻوڻ خان ٻچل شاهه ۽ لياقت علي آرائين ۾ 48 ڪلاڪن اندر 6 ٻارڙن سميت هڪ عورت لاڪڙي جي خطرناڪ وبا جو شڪار ٿي ويا جڏهن ته ڪيترائي موذي مرض ۾ مبتلا سرڪار پاران ڪي به جوڳا قدم نه ڪنيا ويا خبر موجب ڳوٺ شهباز ڏنو ڪورڪاڻي لياقت پنجابي ۽ ٻين ڳوٺن م رحمان علي ولد پروين شڪيل احمد ولد جنور وڪرم ولد جنور ٻئي سگها ڀائر اقصيٰ ڌي محمد حفيظ، ٻريراڻ ڌي عبد السلام مظفل ولد مهر علي، خوش محمد ولد مهر علي ٻئي ٻار سگها ڀاءُ مسمات پنهل ڙال ارشاد خاتون شامل آهن جڏهن ته صالح پٽ جي مختلف ڳوٺن ۾ سوين تعداد ۾ ٻار توڙي وڏ عمر جا ماڻهو بيماري ۾ وڪوڙجي ويا آهن صحت کاتي طرفان ڪي به جوڳا قدم ناهن کنيا ويا اسسٽنٽ ڪمشنر صالح پٽ سان رابطو ڪرڻ تي هن تصديق ڪندي چيو ته وبا ڦهلجڻ بابت چاڻ ملڻ بعد صحت کاتي جي ٽيمن کي مختلف متاثر علائقن ۾ موڪليو آهي

# ڏگهڙي ۾ بينظير انڪم سپورٽ پروگرام جي مستحقين سان ناانصافي، ناجائز ڪٽوتي ٿيڻ لڳي

## بينظير انڪم سپورٽ پروگرام جي مستحقين کان مبينا طور رقم ڪٽوتي جو سلسلو جاري، اختياريون خاموش

## مستحقين مسلسل ڪٽوتين سبب ڪيترائي ڀيرا شڪايتون درج ڪرائڻ باوجود ڪنهن به اداري ڪارروائي عمل ۾ نه آندي

### سياسي ۽ سماجي حلقن پاران فوري نوٽيس وٺي شفاف جاچ ڪرائڻ ۽ ذميوارن خلاف قانوني ڪارروائي ڪرڻ جو مطالبو

ڏگهڙي (ن ع) ڏگهڙي ريجن ۾ بينظير انڪم سپورٽ پروگرام جي مستحقين کان مبينه ڪٽوتيون جاري، لاڳاپيل ادارا خاموش ڏگهڙي ريجن ۾ بينظير انڪم سپورٽ پروگرام جي مستحقين کان مبينا طور رقم ڪٽوتي جو سلسلو جاري هجڻ جون خبرون سامهون اچي رهيون آهن جڏهن ته لاڳاپيل ادارن جي خاموشي سبب مستحقين ۾ ڳڻتي وڌي رهي آهي.تفصيل موجب ذريعن دعويٰ ڪئي آهي ته ڏگهڙي ريجن ۾ ڊوائيس هولڊرز پاران بينظير انڪم سپورٽ پروگرام جي مستحقين کان رقم ڪٽوتي جو عمل اڃا تائين جاري آهي ۽ اهو سلسلو هڪ منظم طريقي سان هلڻ جون ڳالهيون ڪيون پيون وڃن. مستحقين مسلسل ڪٽوتين سبب ڪيترائي ڀيرا شڪايتون درج ڪرائي چڪا آهن پر ڪنهن به اداري پاران مناسب شنوائي نه ٿيڻ سبب متاثر ماڻهو مايوسي جو شڪار بڻجي ويا آهن. جڏهن ته غير قانوني ڪٽوتيون هاڻي معمول جو حصو بڻجنديون پيون وڃن.ذريعن موجب حڪومت پاڪستان طرفان وفاقي جاچ اداري (ايف آءِ اي) کي غير قانوني ڪٽوتين کي روڪڻ ۽ مستحقين تائين رقم جي شفاف پهچ يقيني بڻائڻ لاءِ خاص ذميواري سونپي وئي هئي. ان سلسلي ۾ ميرپورخاص ڊويزن جي مختلف علائقن ۾ ڪجهه ڪارروائيون ڪيون ويون پر ڏگهڙي ريجن ۾ اڃا تائين ڪا نمايان ڪارروائي سامهون نه اچي سگهي آهي. جڏهن ته اينٽي ڪرپشن ڪاتو پڻ خاموش نظر اچي رهيو آهي.هوڏانهن بينظير انڪم سپورٽ پروگرام پاران مقرر ڪيل عملدار بظاهر دورا ڪندا رهن ٿا، پر انهن دورن باوجود ڪٽوتين جو سلسلو جاري رهڻ سبب سندن ڪارڪردگي بابت سوال اڀري رهيا آهن. ڊوائيس هولڊرز جي مبينا من ماني سبب سوين مستحقين پنهنجي مڪمل رقم حاصل ڪرڻ کان محروم هجڻ جون شڪايتون ڪري رهيا آهن.سياسي ۽ سماجي حلقن هن صورتحال تي سخت ڳڻتي جو اظهار ڪندي لاڳاپيل اختيارين کان فوري نوٽيس وٺي شفاف جاچ ڪرائڻ ۽ ذميوارن خلاف قانوني ڪارروائي ڪرڻ جو مطالبو ڪيو آهي

# اوڏيرولال جي سوڪ سينٽر ڪالوني ۾ غيرقانوني ڪيترائي مال جا واڙا قائم

## مينهن جو مين روڊ تان نصيرواهه تي اچ وڃ سبب حادثا روز جو معمول بڻيل

### مينهن جو مين روڊ تان نصيرواهه تي اچ وڃ سبب انساني زندگيون داءَ تي لڳل آهن: شهري

اوڏيرولال(ن ع) اوڏيرولال اسٽيشن شهر جي سوڪ سينٽر ڪالوني ۾ غيرقانوني ڪيترائي مال جا واڙا قائم مينهن جو مين روڊ تان نصيرواهه تي اچ وڃ سبب حادثا روز جو معمول بڻيل شهرين جو سجاد جهيجو جي اڳواڻي ۾ احتجاج ڪندي الزام هڻيو ته واڙن مان مينهون تيزي سان نڪرن ٿا جيڪي هر ايندڙ ويندڙ موٽرسائيڪل خاص ڪري اسڪولي شاگردن کي ٽڪر هڻي ڪرائي زخمي ڪن ٿا هن وقت تائين مينهن جي ٽڪر لڳڻ سبب ڪيترائي موٽرسائيڪل سوار ڪري زخمي ٿيا آهن انهن وڌيڪ چيو ته مينهون جو مين روڊ تان نصيرواهه تي اچ وڃ سبب انساني زندگيون داءَ تي لڳل آهن اسان ڪيترائي مرتبه مال جي واڙن مالڪن سميت ٽائون ڪاميٽي اوڏيرولال اسٽيشن جي چيئرمين کي شڪايتون ڪيون آهن ڪيرٻه ٻڌڻ وارو ناهي شهرين ڊپٽي ڪمشنر مٽياري سميت ومر وارن کان مطالبو ڪيو ته فوري طور نوٽيس وٺي شهر مان مال جا واڙا ختم ڪيا وڃن ۽ شهر جي مين روڊ تي مينهن جي اچ وڃ تي پابندي لاڳو ڪيو وڃي جي نه ته ڪو به جاني نقصان ٿيو ته ان جو ذميوار ضلعي انتظاميه مٽياري ۽ ٽائون انتظاميا سميت نصير واهه تي مقرر اريگيشن عملدار هوندا

اڏيرولال مينهن جي ٽڪر لڳڻ سبب زخمي ٿيل موٽرسائيڪل سوار زخم ڏيکاريندي ٻئي طرف مين روڊ تان مينهون نصيرواهه تي وينديون

# سويوديرو ۾ عورتن جي عالمي ڏهاڙي جي حوالي سان گڏجاڻي

## عورتن جو عالمي ڏهاڙو هڪ اهميت جو حامل آهي: مشتاق مغل

### باڪردار عورت ڪنهن به معاشري جي سونهن ۽ سگهه سمجهي وڃي ٿي

سويوديرو(رپورٽ فقير محمد عباسي) شاهه لطيف فائونڊيشن پاران لطفي هائوس تعلقي سويوديرو ۾ عورتن جي عالمي ڏهاڙي جي حوالي سان گڏجاڻي ٿي گذري، جنهن ۾ صدر مشتاق مغل جنرل سيڪريٽري شيخ شڪيل عبدالشڪور وساڻ عاصي فقير محمد عباسي آصف راڄپر فهد راڄپر ۽ ٻين ڳالهائيندي چيو ته عورتن جو عالمي ڏهاڙو هڪ اهميت جو حامل آهي اسان هڪ عورت جي ڪردار تي ڳالهائينداسين هنن چيو ته باڪردار عورت ڪنهن به معاشري جي سونهن ۽ سگهه سمجهي وڃي ٿي. جڏهن ته اهو به چيو وڃي ٿو ته باڪردار عورتون باڪردار مردن لاءِ لازوال زيور هونديون آهن. چو ته انهن جي اخلاق، وفاداري ۽ قرباني سماج کي مضبوط بنيادن تي بيهاري ٿي اهڙيون عورتون نه رڳو گهرن کي روشن ڪن ٿيون پر سڄي معاشري جي سڌاري ۾ پڻ اهم ڪردار ادا ڪن ٿيون عورت هن معاشري ۾ ڪيترن ئي روپن ۽ ڪردارن ۾ اسان کي ملندي نظر اچي ٿي هوءَ ماءُ بڻجي پنهنجي اولاد جي بهتر تربيت ڪري ٿي ڀيڻ جي روپ ۾ محبت ۽ ساٿ جو احساس ڏياريندي آهي. جڏهن ته زال جي حيثيت سان پنهنجي گهرواريءَ جي زندگي ۾ سڪون ساٿ ۽ همدردي جو سبب بڻجي ٿي انهن سيني ڪردارن ذريعي عورت خاندان جي بنياد کي مضبوط ڪري ٿي جڏهن ته سماجي ماهرن جو چوڻ آهي ته جيڪڏهن عورت کي عزت تعليم ۽ مناسب موقعا فراهم ڪيا وڃن ته هوءَ نه رڳو پنهنجي خاندان پر پوري سماج جي ترقيءَ ۾ اهم ڪردار ادا ڪري سگهي ٿي هنن وڌيڪ اهو پڻ چيو ته عورت سماجي خدمت ڪرڻ ۾ به اهم ڪردار رکي ٿي سماج مان برائين جي خاتمي ۽ چڱيءَ جي بهتر ڪرڻ ۾ اهم ڪردار رکي ٿي، تاريخ به ان ڳالهه جي شاهدي ڏئي ٿي ته باهمت ۽ باڪردار عورتن هميشه معاشري کي بهتر رخ ڏنو آهي پر ضرورت ان ڳالهه جي آهي ته عورتن جي عزت، تحفظ ۽ حقن کي يقيني بڻايو وڃي ته جيئن هو پنهنجو مثبت ڪردار کي وڌيڪ اثرائتي نموني سان ادا ڪري سگهن باڪردار عورتون ئي گهرن جي رونق، زيور ۽ سنگهار هونديون آهن ۽ انهن جي موجودگيءَ معاشري کي خوبصورتي، محبت ۽ استحڪام عطا ڪري ٿي جنهن کي مضبوط ڪرڻ ۽ اڳتي آڻڻ ۾ به سندس خاندان ڪنهن هڪ فرد، ڀيڻ، پاءُ يا وري مڙس جو ٿئي ٿو ان کي جيڪو ماحول ڏنو ويندو اها ان کي واٽ رستي ڏگ سان هلندي جيڪا معاشري جو سڌار آڻي سگهي ٿي

# ٽرانسپورٽرن لاءِ اعلانيل سبسڊي پنجاب جي طرز جاري ڪئي وڃي: منظور بروهي

حيدرآباد(اسٽاف رپورٽر) آل سنڌ وين اونر ايسوسيئيشن جي صدر منظور بروهي ڪالهه حيدرآباد پريس ڪلب ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي سنڌ حڪومت کان مطالبو ڪيو آهي ته ٽرانسپورٽرن لاءِ اعلانيل سبسڊي پنجاب جي طرز جاري ڪئي وڃي. هن چيو ته ڪجهه عرصي کان پيٽرول پيٽرول ۽ ڊيزل اگهن ۾ ڳاٽي واڌ سبب عام عوام جيان ٽرانسپورٽر به مشڪلات جو شڪار بڻجي ويا آهن. هن چيو ته پيٽرول ۽ سي اين جي اگهه ۾ واڌ سبب ٻهريان ايندڙ 6000 رپين جي جاءِ تي 13000هزار رپين تي خرچ پهچي چڪو آهي جڏهن ته انهي مانگهائي سبب مسافر گهٽ ۾ گهٽ ڪرايو ادا ڪرڻ جي سگهه وڃائي ويٺي آهي. هن چيو ته سنڌ جي وڏي وزير ٽرانسپورٽرن جي هڪ گڏجاڻي رکي جنهن ۾ فقط هڪ ڪوچ مالڪ هو باقي سڀ غيرواسطيدار ماڻهو ويٺا هئا. هن چيو ته حڪومت پاران اعلانيل سبسڊي جو ٽرانسپورٽرن کي ڪو به فائدو نٿو ٿئي. هن چيو ته ٽرانسپورٽرن سبسڊي پنجاب حڪومت جي طرز تي ڏني وڃي يا وري آر ٽي ايس سيڪريٽري يا پي ٽي اي سيڪريٽري ذريعي ادا ڪئي وڃي. هن چيو ڪراچي سوڊ حيدرآباد ۾ بس ٽرمينل ناهي سموري ملڪ جي ايندڙ ٽرانسپورٽ خانگي ماڻهن وٽ يرغمال بڻيل آهي جيڪي من پسند ڀتو وصول ڪري رهيا آهن جيڪا هزارين رپيا ٿئي ٿي. هن مسافر گاڏين جي سي اين جي ۽ ايل پي جي تي هلڻ بابت سوال جي جواب چيو ته سي اين جي يا ايل اين جي تي گاڏيون هلائڻ وارو ماملو عدالت ۾ هلندڙ آهي. هن چيو ته سي اين جي يا ايل اين جي تي مسافر گاڏين جو هلڻ گهٽ خرچ جو سبب آهي جنهن جو ڪرايو عام ماڻهو جي پهچ ۾ اچي ٿو.

# حيدرآباد هالا ناڪه جي آباد ڪالوني جي رهواسڻ سردار خاتون جو احتجاج

حيدرآباد(اسٽاف رپورٽر) حيدرآباد هالا ناڪه جي آباد ڪالوني جي رهواسڻ سردار خاتون ڪالهه حيدرآباد پريس ڪلب سامهون پنهنجي پاءُ ذوالفقار ۽ ناني طالب لاشاري جي ظلمن خلاف احتجاج ڪيو. ان موقعي تي هن الزام هڻندي چيو ته سندس پاءُ ذوالفقار لاشاري سندس جون به ڏيئر شبانا جو رشتو امام بخش لاشاري ۽ ننڍي ڌي اميران جو رشتو طالب سان ڪرائي ڇڏيو 8سالن بعد منهنجي وڏي ڌي شبانا کي طلاق ڏئي گهران ڪڍي جڏهن عدالتي حڪمن باوجود ڏاج واپس نه ڪيو ۽ اڌائي لک رپيا به ادا نه ڪيا ۽ ڏاج ۽ رقم واپس گهرڻ تي ڪوڙن ڪيسن ۾ ڦاسائڻ ۽ موتمار ڌمڪين تي لهي آيا آهن.

# سينارجا پرسان گهريلو معاملي تان جهيڙو پاءُ ۽ ڀيڻ سخت زخمي، احتجاج

سينارجا(ن ع) سينارجا ٿاڻي جي حد ڳوٺ گل خان لنڊ پرسان رهندڙ انصاري برادري جي ٻن ڌرين ۾ گهريلو معاملي تان جهيڙو ٿي پيو جنهن نتيجي ۾ لئيون ۽ سروٽا لڳڻ سبب پاءُ ۽ ڀيڻ سخت زخمي ٿي پيا جن کي ڳڻتي جوڳي حالت ۾ اسپتال منتقل ڪيو ويو سينارجا پوليس واقعي جي اين سي داخل ڪري وڌيڪ جاچ شروع ڪري ڇڏي متاثرين محمد ياسين ارشاد خاتون پريس ڪلب پهچي احتجاجي مظاهرو ڪندي دانهيو آهي ته عبدالرحيم انصاري، معشوق انصاري وارن اسان مٿان اچانڪ حملو ڪيو آهي جنهن ۾ اسان پاءُ ۽ ڀيڻ سخت زخمي ٿي پيا آهيون هنن چيو ته مخالفن اسان جو جيئڻ جنجال ڪري ڇڏيو آهي اسانکي گهرن اندر مختلف وقتن تي حملا ڪندا رهن ٿا هنن ايس ايس پي خيرپور کان گهر ڪئي ته معاملي جو نوٽيس وٺي جوابدارن خلاف قانوني ڪارروائي ڪئي وڃي

# هالا جي معروف سماجي نامور شخصيت محمد حسن پاتولي جي گهر واري وفات ڪري وئي

هالا(ن ع) هالا جي معروف سماجي نامور شخصيت محمد حسن پاتولي جي گهر واري، مرحوم احمد خان باشاڻي جي ڀيڻ، احمد علي پيو پاتولي ۽ ارشاد علي پاتولي جي والده ماجده انتقال ڪري وئي جنهن کي سوين ماڻهن جي موجودگي ۾ درگاهه سرور نوح ۾ نماز جنازه جي ادائيگي بعد اباڻي قبرستان ۾ سپردخاڪ ڪيو ويو، مرحوم جي پونئيرن سان هالا طارق روڊتي سماجي اڳواڻن پاران اظهار تعزيت جو سلسلو جاري آهي، اظهار تعزيت ڪندڙن ۾ سينيئر صحافي محمد افتخار ميمڻ، عبدالرحيم ميمڻ نثارلغاري، بشير پٺاڻ ، عمير ميمڻ ۽ ٻين اظهار تعزيت ڪندي مرحومه ۽ انجي پونئيرن سان تعزيت ڪندي خصوصي دعا ڪئي آهي

# گورنمينٽ بوائز پرائمري اسڪول حاجي اسماعيل لاڪو ۾ انعام ورهائڻ واري تقريب

ٽنڊوڄام (ت ر) گورنمينٽ بوائز پرائمري اسڪول حاجي اسماعيل لاڪو ۾ سالياني امتحان ۾ پوزيشن حاصل ڪندڙ شاگردن جي اعزاز ۾ تقريب منعقد ڪئي وئي جنهن ۾ علائقي جي معززن ۽ استادن شرڪت ڪئي تقريب ۾ اڳوڻو وائس چيئرمين يو سي ساون خان گوپانگ، حاجي سلطان احمد لاڪو هيڊ ماسٽر محمد اختر آرائين ۽ ٻين شرڪت ڪئي تقريب ۾ نمايان ڪارڪردگي ڏيکاريندڙ شاگردن محمد زين عقيل عباس روي ڪمار ريحان علي لغاري، نريش ڪمار ڪيمچند ۽ هريش ڪمار کي سرٽيفڪيٽ، شيلڊون ۽ ٽرافيون ڏنيون ويون انهي موقعي تي حاجي سلطان احمد لاڪو چيو ته استادن جي محنت سبب شاگردن ڪاميابي حاصل ڪئي آهي هن شاگردن کي وڌيڪ محنت ڪرڻ جي نصيحت ڪئي ۽ والدين کي اپيل ڪئي ته ٻارن کي پابندي سان اسڪول موڪلين ته جيئن اهي بهتر تعليم حاصل ڪري سگهن

The largest circulated amongst regional dailies of Pakistan

ABC CERTIFIED

متحده عرب امارات ۾ قيمت 2 درهم - سعودي عرب ۾ 2 ريال

روزاني عبرت

ايڊيٽر انچيف ۽ پبلشر: قاضي اسد عابد

هي اخبار پرنٽر ناصر جمال سومرو پلهار پرنٽرز مان ڇپرائي عبرت گروپ آف پبليڪيشنز جي تحت عبرت بلڊنگ گاڏي کاتو حيدرآباد مان جاري ڪئي

روزانه عبرت علائقائي اخبارن ۾ باقائده تصديق ٿيل سڀ کان وڌيڪ اشاعت رکندڙ اخبار آهي

Hyd. Ph: 2728703-4, 2728571-2 Fax: 2781879, 2784300 Isld. Ph: 2823277
Khi. Ph: 4538862-3, 2639617 Fax: 4543839-2639492, Lhr. Ph: 7236191
Reach us at www.dailyibrat.com, E-mail: ibratg@yahoo.com, ibrat@hydwol.com.pk

جمع 10 اپريل 2026ع

# ايران- امريڪا وچ ۾ ڳالهيون: امڪان ۽ اُميدون!

ايران ۽ آمريڪا وچ ۾ تازو ٿيل عارضي جنگبندي نه رڳو هڪ اهم سفارتي اڳڀرائي آهي، پر عالمي سياست ۾ هڪ اهڙو موڙ به آهي، جتي جنگ جي باهه کي ٿڌو ڪرڻ لاءِ گڏيل ڪوشش جو عملي مظاهرو ڏسڻ ۾ آيو آهي. هن پيش رفت ۾ پاڪستان جو ڪردار خاص طور تي نمايان رهيو آهي، جنهن نه صرف ٻنهي ڌرين کي ڳالهين جي ميز تي آڻڻ ۾ ڪاميابي حاصل ڪئي پر اسلام آباد کي عالمي سفارتڪاريءَ جو مرڪز بڻائي ڇڏيو آهي. اسلام آباد ۾ آمريڪا ۽ ايران جي وفدن جي آمد ۽ ڏهه نقاطي ايجنڊا تحت ڳالهين جي شروعات هڪ مثبت قدم آهي. حڪومت طرفان سيڪيورٽي انتظامن لاءِ عام موڪل جو اعلان ان ڳالهه جي عڪاسي ڪري ٿو ته پاڪستان هن عمل کي ڪيتري سنجيدگيءَ سان وٺي رهيو آهي. عالمي سطح تي پڻ پاڪستان جي ڪوشش کي ساراهيو ويو آهي، جيڪو ملڪ جي سفارتي ساک ۾ اضافي جو سبب بڻيو آهي. سعودي عرب، گڏيل عرب امارات، يورپي يونين، چين، روس ۽ ٻين ملڪن پاران جنگبندي جي آجيان ۽ پاڪستان جي ڪردار جي واکاڻ، ان ڳالهه جو ثبوت آهي ته دنيا امن لاءِ گڏيل ڪوشش کي اهميت ڏئي رهي آهي. بهرحال، هن عارضي جنگبنديءَ کي مڪمل ڪاميابي قرار ڏيڻ وقت کان اڳ هوندو. تاريخ شاهد آهي ته اهڙيون جنگبنديون گهڻو ڪري عارضي ثابت ٿينديون آهن، خاص ڪري جڏهن بنيادي تڪرار جا سبب اڃا تائين حل نه ٿيا هجن. لبنان تي اسرائيلي حملن جو جاري رهڻ ان ڳالهه جو واضح ثبوت آهي ته خطي ۾ امن اڃا تائين نازڪ حالت ۾ آهي. جيڪڏهن جنگبندي جو دائرو سڀني متاثر ملڪن تائين نه وڌايو ويو ته ان جا مثبت نتيجا محدود رهجي سگهن ٿا.

گڏيل قومن جي سيڪريٽري جنرل انتونيو گوتيرس پاران اسرائيلي ڪاررواين جي مذمت ۽ فوري جنگبنديءَ جي اپيل پڻ هن ڳالهه ڏانهن اشارو ڪري ٿي ته عالمي ادارا به هن صورتحال کي سنجيده خطري طور ڏسي رهيا آهن. لبنان ۾ وڏي پيماني تي ٿيندڙ جاني نقصان ۽ بنيادي ڍانچي جي تباهي عالمي برادريءَ لاءِ هڪ چيلينج آهي ته هو صرف بيانن تائين محدود نه رهي پر عملي قدم پڻ کڻي. ان پسمنظر ۾ پاڪستان جي ذميواري تهائين وڌي وڃي ٿي. هڪ ميزبان ۽ ٽياڪڙ طور پاڪستان کي نه صرف ڳالهين کي ڪامياب بڻائڻو پوندو، پر ان ڳالهه کي به يقيني بڻائڻو پوندو ته جنگبنديءَ جي ڀڃڪڙي نه ٿئي. خاص طور تي لبنان جهڙن حساس علائقن کي به هن عمل ۾ شامل ڪرڻ ضروري آهي، جيئن خطي ۾ پائيدار امن قائم ٿي سگهي. آبنائي هرمز کي کولڻ بابت ايران جي رضامندي پڻ هڪ اهم اقتصادي ۽ اسٽريٽجڪ پيش رفت آهي. هن سامونڊي رستي جي بحالي سان عالمي واپار، خاص طور تي تيل جي فراهمي، ٻيهر معمول تي اچي سگهي ٿي، جا عالمي معيشت لاءِ انتهائي ضروري آهي. هندستان، چين ۽ ٻين ملڪن پاران ان قدم جي آجيان، ان ڳالهه جي نشاندهي ڪري ٿي ته عالمي معاشي استحڪام هن تڪرار جي حل سان ڳنڍيل آهي. ٻئي پاسي آمريڪا ۽ ايران جي وچ ۾ ڳالهين جو عمل صرف ٻن هفتن تائين محدود رکڻ جو اعلان پڻ هڪ اهم نڪتو آهي. جيڪڏهن هن مختصر عرصي ۾ ڪا حتمي پيش رفت نه ٿي ته صورتحال ٻيهر بگڙي سگهي ٿي. ان ڪري ضروري آهي ته ڳالهين ۾ سنجيدگي، لچڪ ۽ سياسي بصيرت جو مظاهرو ڪيو وڃي. هتي اهو چوڻ مناسب ٿيندو ته عارضي جنگبندي هڪ سٺو آغاز ضرور آهي پر ان کي پائيدار امن ۾ تبديل ڪرڻ لاءِ مسلسل ۽ مخلصاڻي ڪوششن جي ضرورت آهي. پاڪستان لاءِ هيءَ هڪ وڏو موقعو آهي ته هو عالمي سطح تي پنهنجي مثبت سڃاڻپ کي وڌيڪ مضبوط ڪري. ساڳئي وقت اها هڪ وڏي ذميواري پڻ آهي. جيڪڏهن اسلام آباد ۾ ٿيندڙ ڳالهيون ڪامياب ٿين ٿيون ته نه صرف خطي ۾ امن قائم ٿي سگهي ٿو پر دنيا کي به هڪ مثبت پيغام ملي سگهي ٿو ته جنگين جو حل صرف ۽ صرف ڳالهين ۽ سفارتڪاريءَ ۾ ئي لڪل آهي.

## ڀٽو کان بلاول ۽ آصف تائين...



محمد خان ابڙو

پاڪستان جي سياسي ۽ سفارتي تاريخ ۾ ذوالفقار علي ڀٽو اهڙو اڳواڻ ٿي اڀريو، جنهن نه رڳو ملڪ جي اندروني سياست کي نئون رُخ ڏنو پر پرڏيهي پاليسي کي به هڪ واضح سوچ ۽ اصولن تي بيهاريو. يعني ڀٽو صاحب رڳو ملڪ اندر فيصلا ڪرڻ تائين محدود نه رهيو پر هن دنيا سان لاڳاپن کي به هڪ سوچيل سمجهيل رستو ڏنو. هر سال 4 اپريل جو ڏينهن جڏهن اچي ٿو ته اهو اسان کي اها ڳالهه ياد ڏياري ٿو ته ڀٽو صاحب جا خيال، سوچ ۽ نظريا صرف پراڻين ڳالهيون نه آهن پر اڄ جي پاڪستان لاءِ به وڏي اهميت رکن ٿا. يعني سندس فڪري ورثو اڃا تائين زنده آهي ۽ ملڪ کي رهنمائي ڏئي سگهي ٿو جڏهن اسان ڀٽو صاحب جي پرڏيهي پاليسي تي نظر وجهون ٿا ته اسان کي هڪ اهڙي سوچ نظر اچي ٿي جيڪا خودمختياري، توازن، علائقائي هم آهنگي ۽ عالمي سطح تي فعال ڪردار ادا ڪرڻ جهڙن اهم اصولن تي ٻڌل هئي. ڀٽو صاحب 1960ع واري ڏهاڪي ۾ جڏهن پرڏيهي وزير بڻيو ته هن پاڪستان جي سفارتڪاري کي هڪ نئون رُخ ڏنو. ان کان اڳ پاڪستان گهڻو ڪري وڏين عالمي طاقتن جي اثر هيٺ رهندو هو، پر ڀٽو صاحب صاف چيو ته ملڪ کي ڪنهن هڪ وڏي طاقت جي پٺيان هلڻ بدران پنهنجي آزاد پاليسي ٺاهڻ گهرجي هن سوچ تحت ڀٽو صاحب چين سان لاڳاپا وڌائڻ تي خاص ڌيان ڏنو. ان وقت اهو هڪ اهم ۽ جرئت پريو فيصلو هو، ڇو ته دنيا ۾ طاقتور بلاڪ موجود هئا. ڀٽو صاحب جي ڪوشش سان پاڪستان ۽ چين وچ ۾ ويجهڙائپ وڌي ۽ ٻنهي ملڪن جي وچ ۾ هڪ مضبوط اسٽريٽيجڪ پائيداري قائم ٿي. اها دوستي اڄ تائين قائم آهي ۽ پاڪستان جي پرڏيهي پاليسي جو هڪ اهم سهارو سمجهي وڃي ٿي. ڀٽو صاحب جي پرڏيهي پاليسي جو هڪ وڏو ۽ نمايان پاسو اهو هو ته هو اسلامي ملڪن کي گڏ ڪرڻ چاهيندو هو. هن جي ڪوشش هئي ته مسلم دنيا پاڻ ۾ ورهائجي ڪمزور ٿيڻ بدران گڏ ٿي مضبوط بڻجي 1974ع ۾ لاهور ۾ جيڪا اسلامي سربراهي ڪانفرنس ٿي، اها هن سوچ جو عملي مثال هئي. هن ڪانفرنس ۾ ڪيترن ئي مسلم ملڪن جا وڏا اڳواڻ شريڪ ٿيا، جيڪا ان وقت هڪ وڏي سفارتي ڪاميابي سمجهيي وئي. هيءَ ڪانفرنس رڳو پاڪستان لاءِ عزت جو سبب نه بڻي پر ان سان دنيا ۾ پاڪستان جو ڪردار به وڌيڪ مضبوط ٿيو. ڀٽو صاحب جو خيال هو ته جيڪڏهن اسلامي ملڪ گڏ ٿي وڃن ته اهي عالمي سياست ۾ هڪ مضبوط ۽ اثرائتي طاقت بڻجي سگهن ٿا. اها سوچ اڄ به پاڪستان لاءِ اهم آهي ڇو ته گڏيل طاقت سان ئي وڏن ملڪن آڏو پنهنجو موقف بهتر نموني سان پيش ڪري سگهجي ٿو. ڀٽو صاحب جي پرڏيهي پاليسي ۾ ٽين دنيا (يعني ترقي پذير ملڪن) سان گڏ بيهڻ به هڪ اهم ڳالهه هئي هن اسلامي سوشلزم جي سوچ تحت غريب ۽ ترقي ڪندڙ ملڪن جي وچ ۾ سهڪار وڌائڻ جي ڪوشش ڪئي هن جو يقين هو ته دنيا ۾ انصاف ۽ برابري تڏهن ئي اچي سگهي ٿي جڏهن ننڍا ۽ ترقي ڪندڙ ملڪ پاڻ ۾ گڏ ٿي هڪ ٻئي جو ساٿ ڏين انهيءَ سوچ تحت ڀٽو صاحب اسلامي تعاون تنظيم (OIC) جهڙن عالمي پليٽ فارمن کي به وڌيڪ سرگرم ۽ مضبوط بڻائڻ ۾ ڪردار ادا ڪيو ڀٽو صاحب جي دورانديشي جو هڪ اهم پاسو پاڪستان جي ايٽمي پروگرام جي شروعات به هو 1971ع واري جنگ کانپوءِ هن محسوس ڪيو ته ملڪ جي سلامتي کي يقيني بڻائڻ لاءِ هڪ مضبوط دفاعي حڪمت عملي هجڻ ضروري آهي ان ڪري هن ايٽمي پروگرام شروع ڪرڻ جو فيصلو ڪيو ته جيئن پاڪستان پنهنجو بچاءُ پاڻ ڪري سگهي ڀٽو صاحب جو هڪ مشهور جملو آهي ته ’اسين گاهه به کائينداسين پر ايٽم بم ضرور ٺاهينداسين‘ جنهن مان صاف ظاهر ٿئي ٿو ته هُو قومي سلامتي جي معاملي ۾ ڪنهن به قسم جي ڪمزوري قبول ڪرڻ لاءِ تيار نه هو اڄ جيڪا پاڪستان وٽ ايٽمي طاقت آهي اها اصل ۾ ڀٽو صاحب جي انهيءَ سوچ ۽ ويزن جو نتيجو آهي جنهن ملڪ کي هڪ مضبوط دفاعي حيثيت ڏني آهي ۽ دشمنن آڏو هڪ طاقتور ملڪ بڻايو آهي ٻئي طرف، ڀٽو صاحب آمريڪا سان لاڳاپن ۾ به هڪ متوازن رويو رکيو هن مغربي ملڪن سان لاڳاپا برقرار ته رکيا، پر ڪڏهن به ڪنهن دٻاءُ يا غلاميءَ کي قبول نه ڪيو هن صاف چيو ته پاڪستان جي پرڏيهي پاليسي جو مرڪز پنهنجي عوام جا مفاد هجڻ گهرجن نه ڪي ڪنهن ٻاهرين ملڪ جون خواهشون اهو ئي اصول اڄ به پاڪستان جي لاءِ انتهائي اهم آهي خاص طور تي اهڙي وقت ۾ جڏهن عالمي سياست تيزيءَ سان تبديل ٿي رهي آهي اڄ جڏهن اسين بلاول ڀٽو ۽ آصف ڀٽو جي قيادت کي ڏسون ٿا ته اسان کي ڀٽو ازم جي ساڳي جهلڪ نظر اچي ٿي جيڪا عوامي مفادن، جمهوريت ۽ آزاد پرڏيهي پاليسي تي ٻڌل آهي بلاول ڀٽو جڏهن پرڏيهي وزير طور ڪم ڪيو ته هن عالمي فورمز تي پاڪستان جو موقف مضبوط نموني سان پيش ڪيو، خاص طور تي ماحولياتي تبديلي اسلاموفوبيا ۽ علائقائي امن جهڙن مسئلن تي هن پاڪستان جي ڳالهه اثرائتي انداز ۾ دنيا آڏو رکي هن جي سفارتڪاري ۾ ڀٽو صاحب جي ويزن جي صاف جهلڪ نظر اچي ٿي جتي پاڪستان کي هڪ ذميوار ۽ سرگرم ملڪ طور پيش ڪيو وڃي ٿو ساڳي طرح آصف ڀٽو زرداري به هڪ اڀرندڙ سياسي آواز طور سامهون اچي رهي آهي هوءَ عوامي مسئلن کي اجاگر ڪري رهي آهي ۽ دنيا آڏو پاڪستان جو سٺو ۽ مثبت چهرو ڏيکارڻ جي ڪوشش ڪري رهي آهي هن جي سوچ ۾ به ڀٽو صاحب جا اهي ئي اصول شامل آهن جيڪي هن متعارف ڪرايا هئا، يعني عوام جي ڀلائي، عالمي سطح تي عزت ۽ هڪ خودمختيار رياست جو قيام. ڀٽو صاحب جي پرڏيهي پاليسي مان سڀ کان وڏو سبق اهو ملي ٿو ته پاڪستان کي هميشه پنهنجن قومي مفادن کي سڀ کان مٿي رکڻ گهرجي ته ڪنهن وڏي عالمي طاقت جي دٻاءُ ۾ اچڻ گهرجي ۽ نه ئي بنا ضرورت ڪنهن جهڳڙي يا تڪرار ۾ ڦاسڻ گهرجي هڪ اهڙي پاليسي جيڪا متوازن، خودمختيار ۽ اصولن تي ٻڌل هجي اها ئي پاڪستان کي دنيا ۾ مضبوط جاءِ ڏياري سگهي ٿي 4 اپريل اسان لاءِ رڳو هڪ يادگار ڏينهن نه آهي پر اهو هڪ موقعو آهي ته اسين ڀٽو صاحب کي خراج عقيدت پيش ڪرڻ سان گڏ، سندس سوچ ۽ نظرين کي سمجهون ۽ انهن تي عمل به ڪريون جو نه صرف ياد ڪرڻ سان ڪجهه نه ٿيندو، اصل اهم ڳالهه اها آهي ته انهن خيالن کي عملي زندگي ۾ آڻجي اڄ جي دنيا ۾ حالتون تمام گهڻيون پيچيده ٿي ويون آهن جتي سفارتڪاري هڪ نازڪ توازن جي راند بڻجي چڪي آهي اهڙي وقت ۾ ڀٽو صاحب جو ويزن اڳ کان به وڌيڪ اهم بڻجي ويو آهي ڇو ته هن جي سوچ ۾ اهڙا اصول شامل آهن جيڪي اڄ به ڪارائتا آهن هاڻي وقت اچي ويو آهي ته اسين ڀٽو صاحب جي انهيءَ پيغام کي ٻيهر زنده ڪريون، جنهن ۾ چيو ويو هو ته پاڪستان جي اصل طاقت ان جي خودمختياري، عوام جي حمايت ۽ مضبوط اصولي موقف ۾ لڪل آهي بلاول ڀٽو ۽ آصف ڀٽو جي قيادت هيٺ اهو نظريو نئين توانائي سان اڳتي وڌي رهيو آهي جيڪو ان ڳالهه جو ثبوت آهي ته ڀٽو ازم رڳو پراڻي تاريخ ناهي پر هڪ زنده حقيقت آهي جيڪا پاڪستان جي مستقبل کي روشن بڻائڻ جي صلاحيت رکي ٿي

آمريڪا جي فضائن مان

# سيز فائر جو ڊرامو: ٽرمپ جي چالبازي، ايران سان ڌوکو ۽ پاڪستان جو ڪردار!

راجا زاهد اختر خانزاده

28 ڪلاڪ پهرين، جڏهن ڊونلڊ ٽرمپ پنهنجي سوشل ميڊيا پليٽ فارم ’ٽرٿ‘ تي هڪ پيغام پوسٽ ڪيو ته دنيا ساهه روڪي ويٺي آهي، ”هڪ پوري تهذيب اڄ رات مٽجي ويندي، جنهن کي ڪڏهن به واپس نٿو آڻي سگهجي.“ اهي لفظ ڪنهن ناول جي ولن جا نه هئا پر دنيا جي سڀ کان وڏي فوجي طاقت جي صدر جا هئا، جيڪو هڪ خودمختيار ملڪ کي صفحي هستيءَ تان مٽائڻ جي ڌمڪي ڏئي رهيو هو. پر 48 ڪلاڪن پوءِ، جڏهن دونهون بند ٿيو ته تصوير بلڪل مختلف هئي. ٽرمپ سيزفائر جو جشن ملهائي رهيو هو، اسرائيل بيروت تي بمباري ڪري رهيو هو، هڪ سئو کان وڌيڪ جنگي جهاز آبناءِ هرمز ۾ بيٺل هئا ۽ پاڪستان، هڪ ڀيرو ٻيهر ڪنهن ٻئي جي جنگ جو اوزار بڻيل نظر آيو. سوال اهو ناهي ته سيزفائر ٿيو يا نه ٿيو. سوال اهو آهي ته ڪنهن ڪنهن کي ڌوکو ڏنو آهي؟

ٽرمپ جو 48 ڪلاڪن وارو الٽيميٽم ظاهري طور انتهائي سخت هو. آبناءِ هرمز کوليو، نه ته تباهيءَ لاءِ تيار رهو. پر سياسي مبصرن ۽ عالمي تجزيا نگارن لاءِ هڪ تلخ سوال موجود هو ته ڇا آمريڪا واقعي ايران کي مڪمل طور تباهه ڪرڻ جي سگهه رکي ٿو ۽ جيڪڏهن رکي ٿو ته ڇا اها قيمت ادا ڪرڻ جي سياسي ۽ معاشي همت به رکي ٿو؟ جواب هو نه. عالمي تيل مارڪيٽ اڳ ئي لوڏن ۾ هئي. آبناءِ هرمز جتان دنيا جو پنجون حصو تيل گذري ٿو ان جي بندش يورپ ۽ ايشيا کي يرغمال بڻائي ڇڏيو هو. ايران جا اتحادي حزب الله، حوثي ۽ عراق جا باغي اڳ ئي ميدان ۾ هئا ۽ سڀ کان اهم ڳالهه اها هئي ته ايران وٽ اهڙو جوهري مواد موجود هو جيڪو ڪنهن به حملي کي انتهائي خطرناڪ بڻائي سگهي ٿو.

ٽرمپ جو الٽيميٽم اصل ۾ هڪ سياسي جوا هو ۽ هو چاهيندو هو ته ڪيس فوجي نه پر سفارتي رستو کپي، پر سفارتڪاريءَ لاءِ هڪ چهرو گهرجي، جيڪو ان سودي کي فتح بڻائي پيش ڪري سگهي. ان لاءِ هن پاڪستان جي چونڊ ڪئي. وزيراعظم شهباز شريف ٽوئيٽ ”عاجزيءَ سان اعلان ڪريان ٿو ته ايران ۽ آمريڪا فوري سيزفائر تي متفق ٿي ويا آهن، جنهن ۾ لبنان به شامل آهي.“ ڪيو آهي هن اعلان ۾ فخر هو ۽ شايد هجڻ به گهرجي، ڇو ته پاڪستان هڪ اهم سفارتي ڪردار ادا ڪيو هو پر ٽرمپ جو بيان ڪجهه ٻيو ٻڌائي ٿو ته ”پاڪستان جي وزيراعظم شهباز شريف ۽ فيلڊ مارشل عاصم منير جي درخواست تي مون ايران تي موڪليل تباهي ڪندڙ طاقت کي روڪي ورتو“ هتي هڪ اهم فرق ظاهر ٿئي ٿو. پاڪستان درخواست ڪئي ته آمريڪا حملو روڪي، يعني پاڪستان آمريڪي فريم ورڪ اندر ڪم ڪري رهيو هو نه هڪ آزاد ٽياڪڙ طور.

وڌيڪ اهو ته جڏهن شهباز شريف ٻڌايو ته لبنان به معاهدي ۾ شامل آهي ته پوءِ اسرائيل ان کي رد ڪري ڇڏيو ۽ ٽرمپ به صاف چيو ته لبنان هن معاهدي جو حصو ناهي. يعني دنيا کي هڪ ڳالهه ٻڌائي وئي ۽ حقيقت ڪجهه ٻي هئي. اسلام آباد ٽاڪس جو اعلان ڪري پاڪستان پاڻ کي هڪ وڏي اسٽيج تي آندو پر ان اسٽيج جو اسڪرپٽ واشنگٽن ۾ لکيو ويو هو.

ٻئي طرف ايران جي سرڪاري ميڊيا انهن 10 نڪتن جو خاڪو جاري ڪيو، جن تي سندن دعويٰ موجب آمريڪا متفق ٿيو هو، جنهن ۾ آبناءِ هرمز تي ڪنٽرول، جوهري افزودگيءَ جو حق، آمريڪي فوج جو نڪرڻ، پابندين جو خاتمو، معاوضو ۽ مڪمل جنگ بندي شامل هئا. وائيٽ هائوس جي ترجمان ڪيرولين ليوٽ انهن دعوائن کي ڪِل جوڳو قرار ڏيندي چيو ته ايران جي اصل فهرست رد ڪئي وئي آهي پوءِ ڇا ٿيو؟ جڏهن ٽرمپ جي ڊيڊ لائين ويجهو آئي ته ايران هڪ مختصر تجويز پيش ڪئي، جنهن کي ٽرمپ ڳالهين جي بنياد طور قبول ڪيو پر ان جي تفصيلن جي نه ايران کي خبر هئي، نه ڪي پاڪستان کي ۽ نه ئي دنيا کي. ايران جي پارليامينٽ ٽن خلاف ورزين جو الزام لڳايو لبنان ۾ جنگ جاري رهي، ڊرونن جو داخل ٿيڻ ۽ جوهري حق جي نفي ڪئي وئي. ايران جي پرڏيهي وزير عباس عراقچي چيو ته دنيا ڏسي رهي آهي پر حقيقت اها هئي ته ايران سيز فائر قبول ڪري چڪو هو ۽ بيروت ۾ بمباري جاري هئي، سوين ماڻهو مارجي چڪا هئا ۽ آبناءِ هرمز اڃا به غير يقيني حالت ۾ هئي.

ٽرمپ جي حڪمت عمليءَ کي سمجهڻ لاءِ سياست نه پر ڪاروبار جي زبان پڙهڻي پوندي. هڪ ڊيلر پهريان قيمت وڌائي ٿو، پوءِ ڌمڪي ڏئي ٿو پوءِ جڏهن ٻئي ڌر ڊڄي وڃي ٿي ته هڪ معقول ڊيل قبول ڪري ان کي پنهنجي فتح بڻائي پيش ڪري ٿو ۽ ٽرمپ به اهو ئي ڪيو آهي. دنيا ۾ خوف پيدا ڪيو، پوءِ هڪ اهڙو معاهدو ڪيو جنهن جا شرط واضح ناهن ۽ مٿان وري هن اعلان ڪيو آهي ته عالمي امن لاءِ وڏو ڏينهن آهي، مارڪيٽ مٿي وئي، تيل جون قيمتون هيٺ آيون پر بيروت اڃا به سڙي رهيو هو هاڻي سوال اهو آهي ته ڪير يقين ڪندو؟ 2015ع ۾ ايران سان معاهدو ٿيو 2018ع ۾ ٽرمپ ان کي ٽوڙي ڇڏيو افغانستان ۾ دوحا معاهدو ٿيو ۽ پوءِ تباهي آندي وئي، عراق ۾ سالن جا واعدا ملبو بڻجي ويا ۽ هاڻي هڪ اهڙو سيز فائر جنهن جي شرطن تي خود آمريڪا به واضح نه آهي. پاڪستان کي ڇا مليو؟ اهو سڀ کان اهم سوال آهي.

پاڪستان هڪ اهم سفارتي ڪردار ادا ضرور ڪيو پر بدلي ۾ نه ڪشمير جي مسئلي تي ڪا اڳڀرائي ٿي، نه معاشي امداد ملي، نه عالمي دٻاءُ گهٽ ٿيو ۽ لبنان بابت اعلان غلط ثابت ٿيو پاڪستان کي استعمال ڪيو ويو ڇو ته واشنگٽن چاهي ٿو ته پاڪستان کي هن وقت آمريڪي سهڪار جي تمام گهڻي ضرورت آهي ۽ اها ضرورت بطور اوزار استعمال ڪئي وئي. تاريخ جو سبق صاف آهي. ٽرمپ، ايران ۽ پاڪستان ٽنهي فتح جي دعويٰ ڪئي پر بيروت جي هڪ عورت، جيڪا گهر واپس وڃڻ چاهيندي هئي، اڃا به پناهه ۾ ويٺل آهي، ڇو ته جڏهن هوءَ نڪتي هئي ته بمباري ٻيهر شروع ٿي وئي. تاريخ ٻڌائي ٿي ته جڏهن طاقتور ماڻهو فتح جو جشن ملهائين ٿا، تڏهن قيمت هميشه ڪمزور ادا ڪن ٿا ۽ آخري به سوال اهو ئي آهي ته ايندڙ ڀيري جڏهن اهڙو الٽيميٽم ڏنو ويندو، تڏهن ٻيهر پاڪستان کي وچ ۾ آندو ويندو؟ ٻيهر ڪو معاهدو ٿيندو ته ڇا ڪو ان تي يقين ڪندو يا اهو به هڪ ٻيو اسٽيج ڊرامو سمجهيو ويندو؟

> پاڪستان هڪ اهم سفارتي ڪردار ادا ضرور ڪيو پر بدلي ۾ نه ڪشمير جي مسئلي تي ڪا اڳڀرائي ٿي، نه معاشي امداد ملي، نه عالمي دٻاءُ گهٽ ٿيو ۽ لبنان بابت اعلان غلط ثابت ٿيو پاڪستان کي استعمال ڪيو ويو، ڇو ته واشنگٽن چاهي ٿو ته پاڪستان کي هن وقت آمريڪي سهڪار جي تمام گهڻي ضرورت آهي ۽ اها ضرورت بطور اوزار استعمال ڪئي وئي، تاريخ جو سبق صاف آهي. ٽرمپ، ايران ۽ پاڪستان ٽنهي فتح جي دعويٰ ڪئي پر بيروت جي هڪ عورت، جيڪا گهر واپس وڃڻ چاهيندي هئي، اڃا به پناهه ۾ ويٺل آهي، ڇو ته جڏهن هوءَ نڪتي هئي ته بمباري ٻيهر شروع ٿي وئي.

# عالمي جنگ کي روڪرائڻ ۾ پاڪستان جو تاريخي ڪردار!

نندلال لوهاڻو

ايران، آمريڪا ۽ اسرائيل جنگ، جنهن پنجن هفتن دوران پوري دنيا کي جنگي صورتحال ۾ رکيو. هن ڌرتيءَ تي رهندڙ هر انسان کي لوڏي ڇڏيو هو. نه صرف اهو پر جنگين جهڙي ڏکين حالتن ۾ ايران سميت آمريڪا کي اهو به واضح ڪري ڇڏيو آهي ته هاڻ ڪهڙا ملڪ انهن جا دشمن يا دوست طور پڌرا ٿي چڪا آهن. يعني دوستي ۽ دشمنيءَ جي پرک به ٿي چڪي آهي. دنيا تي 50 سالن کان سپر پاور طور حڪمراني ڪندڙ آمريڪا جو صدر ٽرمپ جيڪو چوندو رهي ٿو ته دنيا جو 7 کان 8 جنگيون هو بند ڪرائي چڪو آهي پر هاڻي اهو اعزاز جيڪو دنيا جوڙي ۾ وڏو اعزاز آهي، جيڪو عالمي جنگ کي روڪرائڻ جو اعزاز آهي، اهو پاڪستان حاصل ڪري ورتو آهي. اها جنگ صرف ٻن يا ٽن ملڪن جي جنگ نه هئي پر اها هڪ خطرناڪ ترين عالمي جنگ هئي ۽ پوري دنيا آخري ساهه ڪنهن طرف وڃي رهي هئي ۽ سڀني پنهنجا هٿيار تاڻي ڇڏيا هئا پر پاڪستان جي سول توڙي عسڪري قيادت هڪ اهم ۽ ڪامياب عالمي سفارتڪاريءَ ذريعي تباهڪاريءَ جي ريڊ لائين کان صرف هڪ ڪلاڪ اندر ئي ايران ۽ آمريڪا کي فوري جنگ بندي لاءِ راضي ڪري ورتو ۽ عملي طور تي جنگ بنديءَ جو اعلان ڪيو ويو آهي. قدرت اها مخلصاڻي محنت، عزت ۽ پاڪستان جي حصي ۾ ڏني آهي ۽ اڄ وري دنيا پاڪستان کي شاباش ڏئي سلام ڪري رهي آهي. ان قدم سان نه صرف پاڪستان جي عالمي سطح تي سڃاڻ دنيا ۾ پذيرائي ٿي آهي. هوڏانهن سپر پاور کي صرف هڪڙي ملڪ ايران جيڪا طاقت ڏيکاري تاريخي دفاعي نقصان ڏنو آهي. اها به هڪ نئين تاريخ لکي ويندي ۽ آمريڪا جي نئين نسل هن جنگ کي ضرور ياد رکندي. هو وري ڪنهن ملڪ سان اهڙي ڇيڙڇاڙ ڪان پهرين سئو ڀيرا سوچيندا ۽ پنهنجي بربادي ۽ کي محفوظ سمجهي ايندڙ نسلن کي اها تباهي ڊيکاريندا ته اسان سپر پاور هئاسين پر ايران هٿان اهڙي طرح شڪست نصيب ٿي ۽ اهڙي بربادي ڏٺيسين، جنهن جو ڪڏهن تصور به نه ڪيو هو. ٻئي طرف ايراني قيادت پنهنجي ملڪ خاطر قربانيون ڏنيون ۽ شهادتيون ماڻيون پر دنيا کي اهو ثابت ڪري ڏيکاريو ته جنگيون صرف هٿيارن سان نه پر همٿ، حوصلي ۽ جذبن سان به وڙهي سگهجن ٿيون. ايراني قوم جنهن جذبي ۽ حب الوطنيءَ جو اظهار ڪري ڏيکاريو آهي، اهو به اڻ وسرندڙ ۽ تاريخي عمل آهي. ايران ۾ رجيم چينج کان وٺي ٻيا به ڪيترائي آمريڪي خواب جيڪي نه صرف چڪناچور ٿي ويا پر پوري دنيا ۾ آمريڪا خاص طور تي ٽرمپ کي جنهن شيءِ کي منهن ڏيڻو پيو اهو به آمريڪا جي نئين نسل وساري نه سگهندي. تازو ٿيل جنگبنديءَ کان پوءِ (اڄ) 10 اپريل تي اسلام آباد ۾ جيڪا عالمي سفارتڪاريءَ تي ويهڪ ٿي رهي آهي، ان جا به ضرور مثبت نتيجا ظاهر ٿيندا ۽ پراميد آهيون ته اسلام آباد مان آئنده اهڙي عالمي جنگ جي هميشه لاءِ خاتمي جو اعلان ٿيندو ۽ دنيا سک جو ساهه کڻندي. پر گهٽن ملڪن کي سبق به سيکاري ويندي، جيڪي اڃا چشما پائي جنگ وڙهڻ لاءِ پيٽ مهٽي رهيا آهن. هتي اهو ذڪر ڪرڻ به ضروري آهي ته پاڪستان جي هن عالمي ڪارنامي کان پوءِ پوري دنيا جو نظرون، جيڪي پاڪستان ڏانهن ڪتل آهن. اهي عرصو پاڪستان ڏانهن نماڻا نيڻ ڪئي ڏسنديون رهنديون. چاڪاڻ ته اڃان جمون ڪشمير سميت فلسطين، لبنان ۽ ٻين به عالمي اشوز جي خاتمي ۽ انهن جي پُرامن حل لاءِ انهن جا سڀ حق ۽ واسطا پاڪستان کي اڄ سڌي طرح ڏئي چڪا آهي ته هن عالمي جنگ کي روڪرائڻ يا ختم ڪرائڻ جو حقيقي فاتح پاڪستان ٿي بڻجي چڪو آهي.

## قومي سياسي پارٽيون جنهن سان گڏ هجن...



محمود شام

اربع جي رات تمام گهڻي خطري واري هئي. اڪين کان ننڊ پري ٿي وئي هئي آمريڪا ايران جي ڪيترن ئي شهرن تي بمباري شروع ڪري ڇڏي هئي ته ان مهل پاڪستان جي وزيراعظم طرفان آمريڪا ۽ ايران کان جنگبنديءَ جي اپيل ڪئي وئي آمريڪا کي درخواست ڪئي وئي ته ايران جي تهذيب مٽائڻ واري يلغار کي ٻن هفتن لاءِ روڪيو وڃي هيستائين جيڪا ڄاڻ ملي آهي، ان مطابق آمريڪا ۽ ايران ٻنهي اها اپيل قبول ڪري ورتي آهي دنيا ضرور ساهه کڻي سُڪون محسوس ڪيو هوندو.

پر جيئن گذريل 40 ڏينهن کان آمريڪا ۽ اسرائيل جا لڳاتار حملا سڄي ايران تي جاري آهن، اهو ڏسڻو پوندو ته آمريڪا ۽ اسرائيل پنهنجي هن جنگيري روش ۾ واقعي ڪو وقفو آڻين ٿا يا نه؟ اخلاقي طور تي ايران کي اڳ ئي فتح حاصل ٿي چڪي آهي سڄي دنيا ايران کي مظلوم تسليم ڪري رهي آهي ۽ آمريڪا کي هن وقت خدا ياد اچي رهيو آهي. ”تنگ جڏهن ٿين ڪان ٿيو ته خدا ياد آيو“... آمريڪا جڏهن يورپ جي اتحادي ملڪن جي جوابن کان تنگ ٿيو ته ڪيس به خدا ياد اچي ويو.

آمريڪي جنگي وزير دفاع هيگسٿ چيو ٿو ته خدا ايران خلاف آمريڪي جنگ جي حمايت ڪري رهيو آهي، ڇاڪاڻ ته خدا سٺو آهي ۽ هو چاهي ٿو ته خلق خدا جو خيال رکيو وڃي. آمريڪن کي ويٽنام، افغانستان ۽ ٻين جنگين ۾ پنهنجي اندر جو مجرم بار بار خبردار ڪندو رهيو آهي. ايران، آمريڪا ۽ اسرائيل جي مسلسل بمباريءَ باوجود اڪيلو ئي بيٺل آهي.

ان جا ڪجهه مسلمان پاڙيسري ملڪ اڃا به شڪ ۽ ٻڌتر ۾ آهن. عرب مسلمان ملڪ، جتي آمريڪي فوجي اڏا آهن، ايران جي فوجي ڪاررواين جو هدف بڻجي رهيا آهن. تنهن ڪري اهي آمريڪا ۽ اسرائيل جي صف ۾ بيٺل آهن. اسلامي ملڪن جي تنظيم ڏڪهي ننڊ ۾ آهي، يا شايد ان جي نظر ۾ ايران اسلامي ملڪ ناهي. غير مسلم ملڪ ته اڳ ئي ايران کان خوفزده رهن ٿا.

ڪو به ملڪ اڳتي وڌي آمريڪا ۽ اسرائيل جو هٿ نه ٿو روڪي. جڏهن ته هي صرف ايران تي حملو ناهي، پر عالمي امن لاءِ وڏو خطرو بڻجي چڪو آهي. هر ملڪ جي معيشت متاثر ٿي رهي آهي جيڪڏهن آمريڪا ۽ اسرائيل ايران تي حملا نه ڪن ها ته ايران به اسرائيل تي حملو نه ڪري ها ۽ نه ئي خليجي ملڪن ۾ آمريڪي فوجي اڏن کي نشانو بڻائي ها.

مسئلي جو حل صرف اهو آهي ته آمريڪا ۽ اسرائيل جي ظالماڻي هٿ کي روڪيو وڃي. پاڪستان ۽ ايران پٺ سان پٺ لڳل پاڙيسري آهن. هڪ رشتو ته اسلام جو آهي ٻيو ٻولي جو. فارسي برصغير ۾ سرڪاري ٻولي رهي آهي ۽ اڄ به ڪيترائي فارسي اصطلاح سرڪاري ادارن ۾ استعمال ٿين ٿا. 1965ع ۽ 1971ع جي جنگين دوران ايران پاڪستان جو ڀرپور ساٿ ڏنو هو.

هاڻي جڏهن ايران سخت مشڪلات ۾ آهي ته پاڪستان جي سياسي ۽ فوجي قيادت، عوام، يونيورسٽين، اديبن ۽ شاعرن سڀني کان ايران جي حمايت جي اميد ڪئي وڃي ٿي. پاڪستان جيڪو آمريڪا ۽ ايران وچ ۾ ٽياڪڙيءَ جو ڪردار ادا ڪري رهيو آهي، اهو ساراهه جوڳو آهي. پر حالتن جي تقاضا آهي ته اسان صرف ’پوسٽ مين‘ جو ڪردار ادا نه ڪريون، ڇاڪاڻ ته اسان ايٽمي طاقت آهيون.

ايران تي الزام آهي ته هو ايٽم بم ٺاهڻ جي تياري ڪري رهيو آهي. جڏهن ته حقيقت اها آهي ته هن اڃا تائين ايٽم بم نه ٺاهيو آهي. جڏهن ته آمريڪا ۽ اسرائيل ايٽم بم ٺاهي چڪا آهن ۽ آمريڪا ته ان کي استعمال به ڪري چڪو آهي. آمريڪا هميشه اسرائيل جي فوجي طاقت وڌائيندو رهيو آهي ۽ سلامتي ڪائونسل ۾ اسرائيل خلاف هر اهم قرارداد کي ويٽو ڪندو رهيو آهي.

هاڻي ٻن سالن کان اسرائيلي وزيراعظم نيتن ياهو جي غزه ۾ جنگي ڏوهن ۾ آمريڪي صدر ٽرمپ برابر جو شريڪ آهي. تنهن ڪري پاڪستان کي هن صورتحال ۾ ٽياڪڙي تمام احتياط سان ڪرڻي پوندي.

هن وقت پاڪستان ۾ عوامي راءِ آمريڪا ۽ اسرائيل خلاف سخت نفرت جو اظهار ڪري رهي آهي. سوشل ميڊيا ان جو ثبوت آهي. حيرت جي ڳالهه اها آهي ته اسان جون وڏيون قومي سياسي پارٽيون بلڪل خاموش آهن. اسان جي پاڙي ۾ قيامت جهڙيون راتيون گذري رهيون آهن. خليجي رياستون به خطري ۾ آهن، جتي لکين پاڪستاني روزگار لاءِ رهن ٿا. جنگ کي 40 ڏينهن گذري چڪا آهن ۽ پاڪستاني عوام معاشي مشڪلاتن کي منهن ڏئي رهيو آهي پر سياسي قيادت خاموش آهي.

عمران خان جيل ۾ آهي، تنهن ڪري سندس طرفان بيان نه اچڻ سمجهه ۾ اچي ٿو پر نواز شريف جهڙو ٽي ڀيرا وزيراعظم رهندڙ اڳواڻ به خاموش آهي. جڏهن ته قوم روز سندس رهنمائيءَ جي انتظار ۾ آهي. مسلم ليگ (ن)، پاڪستان پيپلز پارٽي ۽ تحريڪ انصاف مان ڪنهن به پنهنجي مرڪزي ڪميٽيءَ جو اجلاس نه سڏايو آهي نه ئي ڪو واضح پاليسي بيان جاري ڪيو ويو آهي.

پي ٽي آءِ وٽ قومي اسيمبلي، سينيٽ ۽ پنجاب اسيمبليءَ ۾ اپوزيشن جو درجو آهي جڏهن ته خيبرپختونخواهه ۾ حڪومت به ان جي آهي پر ان باوجود به هن پارٽي علمي بحران کان وڌيڪ اهميت عمران خان جي آزاديءَ کي ڏني آهي. اهڙي صورتحال ۾ سوال اڀري ٿو ته ڇا پاڪستان غير سياسي رياست بڻجي ويو آهي؟ ڇو ته ڪنهن به عالمي سياسي يا معاشي بحران تي ڪا به سياسي جماعت سرگرم نظر نه ٿي اچي.

هاڻي جڏهن اسلام آباد ۾ ڳالهين جو عمل شروع ٿي رهيو آهي ته قومي سياسي پارٽين جي ذميواري وڌيڪ وڌي وڃي ٿي ته هو پنهنجن ڪارڪنن ۽ اڳواڻن سان صلاح مشورا ڪري حڪومت پاڪستان جي رهنمائي ڪن.

## لطيفي لات —— شاهه عبداللطيف ڀٽائي

گهڙو ڀڳو ته گهوريو، ڀڄي تان نه گهڙي،
اونهون ڪن تار وهي، ڏرياهه پوءِ مَ ڏڙي،
چڪڻ مان چڙهي، ملان مُحِبَ ميهار کي.

ڀڄي = ضايع ٿئي گذري وڃي پوري ٿي وڃي / گهڙي = ميهار سان ملڻ واري ساعت، آجام جو وقت / اونهون = گهرو، عميق، وڏي پاڻيءَ وارو / ڪڻ تار = ڀرپور وهندڙ درياهه، ڪنن تائين تارون تار / پوءِ = پٺي يا پوءِ / ڏڙي = رنڊڪ، ڪانجاڻ، اٽڪ / چڪڻ = درياهه جي پيٽ ۾ زمين جو اهو سخت ۽ ڏاڍو حصو جنهن سان پاڻي ٽڪرائجي گجگوڙ ۽ شور وارو آواز ڪندو آهي / چڙهي = پار پئي، اڪري وڃڻ. (سرسهڻي مرتب ۽ پاڻهون خان شيخ)

جنهن مهل درياهه ۾ پيلو يا اڻ پڪل دلو پرڻ لڳو ان وقت سهڻي بنا ڪنهن خوف جي پڪي ارادي سان چئي ٿي ته ڪا ڳالهه ناهي دلي ڀڄڻ جو ارمان ناهي پر اها ويل اها آجام واري گهڙي جا ميهار سان ملڻ واري ملندي اٿم اها پوري ٿئي پل درياهه ڪنن تائين تارون تار وهندو رهي، ان جي پرواهه ناهي. بلڪ ان جي ڀرپور وهڪري ۾ ڪا رنڊڪ نه پئي اڳيان درياهه جي پاڻيءَ جا ڪپرن سان ٽڪرائجي گجگوڙ ڪندڙ ۽ آواز ٻُڌجن پيا، پر انهن سڀني مشڪلاتن مان پار پئي وڃي پنهنجي محب ميهار سان ملندس اها آهي ارادي جي پختگي ۽ قول قرار کي پاڙڻ جو انداز طور طريقو چاهي ڪيڏيون به مشڪلاتون، رڪاوٽون سامهون اچن انهن کي خاطر ۾ آڻڻ ئي ناهي، تڏهن ئي پنهنجي منزل ماڻي سگهجي ٿي

(تحقيق ۽ ترتيب : شاهنواز راڄپر)

# اڄوکو ڏينهن - 10 اپريل

### پروفيسر هاسارام سندرداس پمناڻي



هن نامور تعليمي ماهر، فريڊم فائٽر ۽ سياستدان جو جنم اڄوڪي ڏينهن تي 1887ع ۾ روهڙيءَ ۾ ٿيو هن مئٽرڪ تائين تعليم سنڌ ۾ حاصل ڪئي، ان بعد ڪجهه عرصو هندستان جي شهر بڙودا ۾ پڙهيو ۽ پوني شهر جي فرگوسن ڪاليج مان فلاسافيءَ ۾ گريجوئيشن ڪيائين. هن پنهنجي عملي زندگيءَ جي شروعات روينيو کاتي ۾ ملازمت سان ڪئي پر ڪجهه عرصي کان پوءِ اها ملازمت ڇڏي تعليم کاتي ۾ استاد مقرر ٿيو ۽ اڳتي هلي ترقي ڪري ٽريننگ ڪاليج حيدرآباد جي پرنسپال جو عهدو ماڻيائين. 1921ع ۾ سرڪاري نوڪريءَ تان استعيفا ڏئي آزاديءَ واري جدوجهد ۾ سرگرميءَ سان حصو ورتائين. هو سنڌ جي ڪانگريسي اڳواڻن مان هڪ هو. هندستان ڇڏيو تحريڪ ۾ حصو وٺڻ سبب ڪيس جيل به وڃڻو پيو. 1937ع ۾ روهڙيءَ واري تڪ تان چونڊ کٽي سنڌ اسيمبليءَ جو ميمبر چونڊيو ويو هن ڌرم درشن نالي هڪ رسالو جاري ڪيو ۽ هندو مذهب بابت ڪيترائي ننڍا ننڍا ڪتابڙا ڇپائي پڌرا ڪيا. 1939ع ۾ مسجد منزل گاهه وارو واقعو پيش آيو هن جي نتيجي ۾ پڳٽ ڪنور رام کي قتل ڪيو ويو. پروفيسر هاسا رام انهيءَ واقعي بابت سنڌ اسيمبليءَ ۾ هڪ زوردار تقرير ڪئي هئي. انهيءَ تقرير ڪجهه انتهاپسند قوتن کي جيڄائي وڌو ۽ هن کي 17 جولاءِ 1940ع تي قتل ڪيو ويو.

### غلام محمد غلام پتو



غلام محمد پتو پنهنجي دور جو قادر الڪلام شاعر هو هن جو جنم 10 اپريل 1922ع تي سجاول ضلعي جي شهر ٻٺن ۾ ٿيو اڃا ننڍڙوئي هو جو سندس ڪتب ٻٺون چلڻي ڏئي شهر ۾ وڃي آباد ٿيو انگريزي زندگيءَ جو گهڻو حصو دڙي ۾ گذاريو هن مئٽرڪ تائين تعليم حاصل ڪئي ۽ ٽيپيداريءَ جو ڪورس پاس ڪري سپروائيزنگ ٽيپيدار طور نوڪري ڪيائين شاعريءَ سان لڳاءُ ننڍي هوندي کان ئي هئس ٺٺي ڪتابن جي تاريخ جي به ڄاڻ حاصل هئس هن جي ڪتابن ۾ ”ماهه و انجم“، ”پرواز خيال“ ۽ ”زنجير عدل“ شامل آهن هن 1970ع ۾ وفات ڪئي

### پير علي محمد اظهر

هن ناميارو شاعر ۽ ليکڪ جو جنم 10 اپريل 1923ع تي تعلقي دادوءَ جي ڳوٺ درگاهه پير رکيل شاهه ريلائيءَ ۾ ٿيو. ڪجهه حوالن ۾ هن جي جنم جي تاريخ 10 اپريل بجاءِ 23 اپريل ٻڌائي وئي آهي عربي، فارسي ۽ قرآن شريف جي تعليم حاصل ڪرڻ سان گڏ 1939ع ۾ سنڌي فائنل پاس ڪري پرائمري استاد مقرر ٿيو. احمد خان آصف مصرائي ۽ جمع خان غريب جي صحبت ڪيس شاعر بڻائي ڇڏيو شاعريءَ سان گڏوگڏ هن ڪيترائي مضمون، مقالا ۽ دادو ضلعي جي جاگرافي لکي 21 فيبروري 1985ع تي وفات ڪيائين.

### عبدالمجيد جوهر سهرياڻي

هن نامور شاعر جو جنم 10 اپريل 1926ع تي ڪنڊڪوٽ ۾ ٿيو سندس والد جو نالو ميندهون خان سهرياڻي هو هن ڪنڊڪوٽ جي اسڪولن مان تعليم حاصل ڪئي اڳتي هلي ايم اي ۽ بي ايڊ جون سندون حاصل ڪيائين عملي زندگيءَ جي شروعات پرائمري اسڪول جي استاد طور ڪيائين ۽ اڳتي هلي هاءِ اسڪول ٽيچر طور تدريسي خدمتون سرانجام ڏنائين هو گورنمينٽ هاءِ اسڪول ڪنڊڪوٽ جي هيڊماستر طور رٽائر ٿيو هن 1950ع ڌاري ”جوهر“ تخلص سان شاعري ڪرڻ شروع ڪئي سندس شاعريءَ ۾ نظم، بيت، غزل، مسدس ۽ مرثيه وغيره شامل هئا. پاڻ پنهنجي سريلي آواز ۾ مرثيه پڙهندو هو شاعريءَ سان گڏ ڪيترائي مضمون ۽ مقالا پڻ لکيائين

### استاد حيدري

هن ٽيليوزن ليکڪ، صحافيءَ ۽ استاد جو جنم 10 اپريل 1936ع تي موري تعلقي جي ڳوٺ سعيدي پير ۾ ٿيو هن جو اصل نالو محمد مٺل ولد خدابخش جانڊيو هو اديبي ۽ سماجي حلقن ۾ استاد حيدري ۽ مٺل حيدريءَ جي نالن سان مشهور هو هن اديب سنڌي، اديب عالم، اديب فاضل ۽ سنڌي فائنل جا امتحان پاس ڪري پرائمري استاد طور نوڪري ڪئي علم جي دولت سان مالامال ڪيو هو مختلف اخبارن سان هڪ صحافي ۽ ڪالم نگار طور لاڳاپيل رهيو هو هڪ سٺو ليکڪ هو سندس ڇپيل ڪتابن ۾ ”ساٿي نه پسان سي“، ”شاهه ۽ سچل جا سنيها“، ”شاهه جون سورميون“، ”منهنجي من اندر جون ڳالهيون“، ”ستا اٿي جاڳ“ ۽ ”شاهه سنڌ جو سهڻو“ شامل آهن هن 4 جون 2022ع تي وفات ڪئي

### سودائي سومرو



اڄ مشهور ليکڪ ۽ صحافيءَ سودائي سومري جي جنم جو ڏينهن آهي هو 10 اپريل 1938ع تي دادو ۾ ڄائو سندس اصل نالو غلام رسول ولد محمد يوسف سومرو هو هن سنڌي فائنل جو امتحان پاس ڪري پرائمري استاد طور پنهنجي عملي زندگيءَ جي شروعات ڪئي بعد ۾ اها نوڪري ڇڏي دادو ۾ آڪٽراءِ ڪلارڪ مقرر ٿيو هن ڪجهه وقت قلندري پرنٽنگ پريس دادو ۾ پڻ ڪم ڪيو مختلف اخبارن جي نمائندي طور به ڪم ڪيائين 1954ع ڌاري سودائي سومري جي نالي سان مزاحيه شاعري شروع ڪيائين ۽ ڪافي مقبوليت ماڻيائين هن اخبارن ۾ مزاحيه ڪالم پڻ لکيا هن جي شاعريءَ جا مجموعا ”جهنڊيون“ (1964ع)، ”ڪاڪوڙا“ (1966ع) ۽ ”ٽنهنجي ڏاڍ منهنجي مٺ“ (1974ع) ڇپجي چڪا آهن هن ڪجهه اسٽيج ڊرامن ۾ اداڪاري ۽ هدايتڪاري پڻ ڪئي 14 اپريل 1992ع تي سندس وفات ٿي

### عطيه جتوئي

عطيه جتوئي جو دادو ضلعي جي مشهور ليکڪا آهي هن جو جنم 10 اپريل 1953ع تي پاٽ شريف ۾ عصمت الله جتوئي جي گهر ۾ ٿيو ايم اي ۽ ايم ايڊ جون سندون حاصل ڪيائين هن مختلف اسڪولن ۾ هڪ استاديائيءَ طور خدمتون سرانجام ڏنيون پاڻ گورنمينٽ هاءِ اسڪول ميهڙ سميت مختلف اسڪولن جي هيڊماسترياڻي پڻ رهي شاعريءَ سان گهڻو لڳاءُ هئس سنڌس پهريون شعر مارئي رسالي ۾ ڇپيو سندس شاعري مختلف ادبي رسالن ۽ اخبارن ۾ ڇپجي چڪي آهي



مختيار انڙ

### طارق عالم ابڙو



مشهور شاعر، ليکڪ ۽ مصور طارق عالم ابڙي جو نالو سنڌي ادبي حلقي ۾ ڪنهن تعارف جو محتاج ناهي هو 10 اپريل 1958ع تي ضلعي قمبر شهدادڪوٽ جي شهر قمبر ۾ علي خان ۾ محمد عالم ابڙي جي گهر ۾ خوشيون ڪئي آيو هن ابتدائي تعليم ڄامشوري جي پرائمري اسڪول مان حاصل ڪئي مئٽرڪ ۽ انٽر جا امتحان ترتيبوار جامعه مليه حيدرآباد ۽ سچل سرمست آرٽس ڪاليج مان پاس ڪيائين اڳتي هلي بي اي ۽ ايم اي جون سندون به حاصل ڪيائين هن عملي زندگيءَ جي شروعات سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ ٽيليفون اٽينڊنٽ طور ڪئي اٽڪل هڪ سال سنڌ يونيورسٽيءَ جي سوشالاجي ڊپارٽمينٽ ۾ سيمينار انچارج طور به ڪم ڪيائين اڳتي هلي سنڌي ادبي بورڊ سان لاڳاپجي ويو هن انهيءَ بورڊ جي سيڪريٽريءَ طور به ڪم ڪيو پاڻ ٻارن جي رسالي ”گل ڦل“ ۽ ادبي رسالي ”مهراڻ“ جو ايڊيٽر پڻ رهيو هن شاعريءَ جي شروعات 1975ع ڌاري ڪئي سندس پهرين ڪهاڻي ”پٿلي“ 1978ع ۾ شايع ٿي هن جا لکيل ڪيترائي ڊراما ريڊيو ۽ ٽيليويزن وسيلي عوام تائين پهتا. هن اخبارن لاءِ ڪيترائي ڪالم پڻ لکيا. سندس لکيل ڪتابن ۾ ”رات، سانت ۽ سوچون“ (ڪهاڻيون)، ”رهجي ويل منظر“ (ناول)، ”مون اڃا ڳالهه“ (شاعري)، ”لنڊن ٽنهنجا ڪيڏا روپ“ (سفرنامو) ۽ ”سڃاڻپ جي ڳولا“ (ڪهاڻيون) شامل آهن هن 11 جون 2011ع تي وفات ڪئي

### مولانا دين محمد وفائي



اڄ سنڌ جي جيد عالم، اديب ۽ صحافيءَ مولانا دين محمد وفائيءَ جي ورسيءَ جو ڏينهن آهي مولانا صاحب جي ولادت شڪارپور ضلعي جي ڳوٺ ڪٽيءَ ۾ ٿي سندس ولادت جي تاريخ تي ڪجهه اختلاف آهن اڪثر حوالن ۾ سندس جنم جي تاريخ 4 اپريل 1894ع ڄاڻايل آهي پر سنڌ ثقافت ۽ سياحت کاتي پاران ڇپايل حبيب الله ابڙي جي ڪتاب ”مولانا دين محمد وفائي“ ۾ 14 اپريل 1894ع لکيل آهي هن جو والد خليفو گل محمد پٽي به هڪ وڏو عالم ۽ شاعر هو ابتدائي تعليم پنهنجي والد کان حاصل ڪيائين ۽ ان بعد وقت جي عالمن کان فارسيءَ ۽ عربيءَ جي تعليم حاصل ڪيائين هن پنهنجي صحافتي زندگيءَ جي شروعات 1916ع ۾ راٺيور مان ڪئي جتي هن ماهوار رسالو صحيفه قادريه جاري ڪيو 1918ع ۾ هن الڪاشف رسالي جو بنياد رکيو 1920ع ۾ الوحيد اخبار جو اسسٽنٽ ايڊيٽر مقرر ٿيو 1923ع ۽ 1927ع ۾ هن توحيد ۽ الحزب نالي رسالا جاري ڪيا ان بعد الوحيد ۽ آزاد اخبار جي ايڊيٽر طور ڪم ڪيائين 1940ع ۾ سنڌ سرڪار پاران سنڌي ادب جي ترقي ۽ واڌاري لاءِ قائم ڪيل مرڪزي صلاحڪار بورڊ جو ميمبر ٿيو ڪيس سنڌي ڊڪشنري ڪميٽيءَ جو پڻ ميمبر بڻايو ويو هو مشهور ادبي رسالي مهراڻ سان به لاڳاپيل رهيو مولانا صاحب لڳ ڀڳ 60 ڪتاب لکيا 10 اپريل 1950ع تي سکر ۾ سندن لاڏاڻو ٿيو

### مرزا اسد بيگ اسد



مرزا اسد بيگ اسد شمس العلماء مرزا قليچ بيگ جو فرزند هو هن جو جنم 18 سيپٽمبر 1913ع تي ٿيو هن ٽنڊي ٺوڙهي حيدرآباد جي ميونسپل اسڪول مان ابتدائي تعليم حاصل ڪئي گورنمينٽ هاءِ اسڪول حيدرآباد مان مئٽرڪ پاس ڪيائين اڳتي هلي ايم اي ۽ ايل ايل بي جون سندون حاصل ڪيائين عملي زندگيءَ جي شروعات 1934ع ۾ سنڌ ڪوآپريٽو سوسائٽيءَ ۾ ملازمت سان ڪيائين ۽ مختلف عهدن تي ڪم ڪري 1970ع ۾ رٽائر ٿيو رٽائر ٿيڻ کان پوءِ مسلم ڪاليج حيدرآباد جي پرنسپال طور ڪم ڪيائين ادب سان دلچسپي ڪيس ورثي ۾ ملي 1952ع ۾ ”ادارهِ قليچ“ قائم ڪري مختلف ڪتاب ڇپرايائين ۽ ”قليچ“ رسالو جاري ڪيائين جنهن جو پاڻ ئي ايڊيٽر هو هو هڪ بهترين شاعر، نثر نويس ۽ ناٽڪ نويس هو هن جي شاعريءَ ۾ حمد، نعتون، منقبتون، غزل، نظم، قطعا ۽ ڪافيون شامل آهن هن ڪيترائي نصابي ڪتاب لکيا ان کان علاوهِ ”ديوان قاسم“، ”ڪلام قليچ“، ”عجيب جواهر“ ۽ ٻيا ڪتاب لکيائين هن ڪيترائي ڊراما پڻ لکيا تاريخ 10 اپريل 1990ع تي سندس زندگيءَ جو سفر پڄاڻيءَ تي پهتو

### واسديو نرمل



اڄ ٻرک ناٽڪ نويس ۽ شاعر واسديو نرمل جي ورسيءَ جو ڏينهن آهي هو هند سنڌ جي هن سنڌي ساهتڪار جو جنم 2 جون 1936ع تي ڪراچيءَ ۾ ٿيو ورهاڱي کان پوءِ پنهنجي ڪٽنب سان گڏ هندستان جا وڃي وسايائين سول انجنيئرنگ ۾ بي اِي ڪرڻ کان پوءِ ممبئي ميونسپل ڪارپوريشن ۾ انجنيئر طور پنهنجون خدمتون سرانجام ڏئي رٽائر ٿيو هو سنڌي ادبي دنيا ۾ هڪ بهترين شاعر ۽ ناٽڪ نويس طور سڃاتو وڃي ٿو هن جي ڪتابن ۾ ”منهنجا سر تنهنجا گيت“، ”هٿي هلت“، ”ڳالهيون دل جون“، ”گيت اوهان جا“، ”وڃون وسڻ آيون“، ”نقش پا“، ”ٻوڙا ڀي ماڙيا“، ”ٻنا ڏيتي ليتيءَ شادي“، ”سس ٽي سس“، ”لاڳا لاڳي اپنائي پر“، ”ضرورت آ جوءِ جي“، ”پڙهي اکيان پڙهي پيئيان“، ”منهنجا مور لاڳا“، ”ماءُ ته منهنجي“ (گوپال پنجواڻيءَ سان گڏ)، ”گرائونڊ فلور“ (رميش مهتا سان گڏ) ۽ ”مان جو پينگهو“ شامل آهن هن نوجوان نسل کي سنڌي ٻولي سيکارڻ لاءِ ”سيلف سنڌي ٽيچر“ نالي ڪتاب پڻ لکيو هن 10 اپريل 2017ع تي هن جهان مان موڪلايو

"CLASSIFIED ADVERTISMENT"

فارم جمع ڪرايا ضمير علي ۽ عبدالڪريم آزاد حيثيت ۾ فارم جمع ڪرايا جڏهن ته يونين ڪائونسل شاهه عنايت رضوي جي وارڊ نمبر 4 جي سيٽ لاءِ ڪن اميدوارن نامزدگي فارم جمع ڪرايا

| بقايا | 15 | 17 ڄڻا زخمي |
|---|---|---|

بخش، امان الله سڪندر علي رند سميت 17 ڄڻا زخمي ٿي پيا،بدو پوليس زخمين کي ميڊيڪل ليٽر ڏئي علاج لاءِ سول اسپتال شڪارپور منتقل ڪري ڇڏيو آهي،هوڏانهن رابطو ڪرڻ تي بدو پوليس ٻڌايو ته ڳوٺ هوت خان رند ۾ پلاٽ جي مالڪي تان رند برادري جي ٻن ڌرين ۾ جهيڙو ٿي پيو آهي،جنهن ۾ هڪ عورت سميت 17 ڄڻا زخمي ٿي پيا آهن

| بقايا | 16 | هڪ ڄڻو فوت |
|---|---|---|

پيش آيل افسوسناڪ حادثي ۾ ملڪ برادري جو نوجوان سائين بخش ملڪ موقعي تي ئي دم ڏئي ڇڏيو جڏهن ته ساڻس گڏ موجود ٻه نوجوان وحيد ۽ شاهد سخت زخمي ٿي پيا. مقامي ذريعن موجب موٽر سائيڪل تي سوار ٽئي نوجوان تيز رفتاري سان وڃي رهيا هئا ته سامهون ايندڙ ٽريڪٽر سان سنڌن زوردار ٽڪر ٿي پيو

| بقايا | 17 | بيهوش |
|---|---|---|

جنهن مان ڪجهه مريضن جي حالت سڌرندڙ آهي باقي ٻين کي سول اسپتال حيدرآباد منتقل ڪيو ويو متاثرين ۾ مونڊر پالاري، نصير مڱڻهار، ولي محمد، لقمان، شبير پالاري ۽ ٻيا شامل آهن جڏهن ته متاثر پورهيت بصر جي مشهور واپاري ۽ زميندار حاجي نثار پالاري وٽ پورهيو ڪندا آهن

ڪيو لاش گهر پهچڻ تي ڪهرام مچي ويو واقعي جو ڪيس داخل نه ٿي سگهيو آهي

| بقايا | 8 | احتجاجي مظاهرو |
|---|---|---|

ڪاليج آف ايجوڪيشن لاڙڪاڻو بيگم نصرت ڀٽو گرلس ڪاليج لاڙڪاڻو گورنمينٽ ڊگري ڪاليج ڏوڪري، گورنمينٽ گرلس ڊگري ڪاليج باڊهه گورنمينٽ بوائز ۽ گرلس ڊگري ڪاليج نئون ديرو گورنمينٽ بوائز ۽ گرلس ڊگري ڪاليج رتوديرو ۾ استادن پاران ڪاريون پٽيون ٻڌي ڌار ڌار احتجاجي مظاهرا ڪيا ويا

| بقايا | 9 | 17ڄڻا زخمي |
|---|---|---|

ايمبولنس وارن مسلسل ڪالون ڪندا رهيا جيڪي حادثي واري هنڌ نه اچي سگهيو بعد ۾ مقامي ماڻهن مختلف سوارين ذريعي زخمين کي سول اسپتال پنوعاقل منتقل ڪيو ويو

| بقايا | 10 | ڏيرن کي ٻاهه |
|---|---|---|

پنهنجي مدد پاڻ تحت باهه تي ڪنٽرول ڪري ورتو آهي ان موقعي تي پوڙهو هاري پنهنجي سڙيل ديري کي ڏسي روئيندو رهيو ۽ سخت ڏک جو اظهار ڪيو هاري جو چوڻ هو ته هن سڄي سال جي محنت سان ڪٽڪ تيار ڪئي هئي جيڪا هڪ ئي لمحي ۾ باهه جي ور چڙهي وئي هن وڌيڪ چيو ته غريب مسڪين آهيان نياڻي جي شادي به تاريخ رکيل هئي

| بقايا | 11 | 8ڄڻا زخمي |
|---|---|---|

جعفري برادري جي ناجائزين خلاف ايس ايس پي آفيس جي گيٽ آڏو احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو

| بقايا | 12 | هڪ ڄڻو قتل |
|---|---|---|

| بقايا | 13 | 5ڄڻا زخمي |
|---|---|---|

زخمين ۾ ڳوٺ ذوالفقار شاهه واسي 16سال اسرائيل ولد احمد علي پير سرهندي واسي 25 سال راڄو ولد پڳواڻو ڪولهي، 65 سال سيگهراج ولد ڪونرو ڪولهي، 50 سال رامسن ولد جوڌو ڪولهي، 25 سال هنسراج ولد ٽيڪم سخت زخمي ٿي پيا جڏهن ته سيگهو ڪولهي کي ٽنگ ٽٽڻ سبب حيدرآباد نيو ويو

ٽريفڪ معطل وڪيلن جي حيدرآباد ڏانهن جي ڪري گاڏين متبادل رستو ڄامشورو ڪان اچي رهيون هيون جتان رستو بند هجڻ ڪري گاڏين جون وڏيون قطارون لڳي ويون احتجاج ڪندڙ شاگردن جو چوڻ هو تعليمي ادارن ۾ شاگردياڻين جي هراسمينٽ ٿي رهي آهي واقعن جو نوٽس نه پيو ورتو وڃي شاگردياڻي جي قتل جو ڪيس داخل ڪري جوابدار کي گرفتار ڪيو وڃي

ٿي ضابطو آندو وڃي ۽ عام واهپي جي شين جا اگهه گهٽايا وڃن ۽ عوام تان بار لاٿو وڃي صنعت ۽ زراعت کي هٿي وٺرائي وڃي جنهن سان ملڪ ۾ بيروزگاري تي ضابطو ايندو ادارن جي نجڪاري بند ڪئي وڃي ۽ سنڌ جون زمينون ڪارپوريٽ فارمنگ جي نالي ۾ ٻاهرين ملڪن جي ڪمپنين کي ڏيڻ بدران هتان جي مسڪين هارين کي ڏنيون وڃن ٻي صورت ۾ احتجاج جو دائرو وڌايو ويندو

| بقايا | 4 | برهان خان چانڊيو |
|---|---|---|

ڳالهين جا بهتر نتيجا نڪرندا. ان کان اڳ پ پ ايم پي اي نوابزاده برهان خان چانڊيو نصيرآباد ۽ پرياسي ۾ مختلف برادرين سان سنڌن جي پيارن جي وڇوڙي تي تعزيتون ڪيون ان موقعي راجا وسيم شيخ فدا حسين غيباڻي حاجي وزير علي ڦليوٽو بخش علي چانڊيو ٽائون چيئرمين يوسف عزيز چلو ۽ ٻيا ساڻس گڏ هئا.

| بقايا | 5 | احتجاج |
|---|---|---|

ڪلب آڏو ڌرڻو هنيو ويو مظاهرين ڳچي ۾ مانيون وجهي انوکو احتجاج رڪارڊ ڪرايو. ان موقعي تي پي پي پي شهيد ڀٽو جي اڳواڻن نديم قريشي نور محمد منجهو عبدالسميع سومرو بابل ڪوريجو ۽ ٻين خطاب ڪندي چيو ته جنگ ايران/ امريڪا، اسرائيل وچ ۾ هلي رهي آهي ۽ انهن ملڪن ۾ مهانگائي ۾ ايترو اضافو ناهي ٿيو جيتري اسان جي حڪومت ڪيو آهي. هنن چيو ته پاڪستان حڪومت تيل جي قيمتن ۾ رڪارڊ اضافو ڪري غريب طبقي کان جيئڻ جو حق به کسي ورتو آهي. تيل کان پوءِ ڪاڌي پيتي جي شين به مهانگيون ٿيون آهن.

| بقايا | 7 | نوجوان فوت |
|---|---|---|

ڪيو ويو آهي پوليس ٽريڪٽر تحويل ۾ ڊرائيور کي گرفتار ڪري ورتو آهي نوجوان جو لاش قانوني ڪارروائي بعد وارثن حوالي

اسپتال حيدرآباد منتقل ڪيو ويو آهي ڪوچ ڊرائيور موقعي تان فرار ٿي ويو آهي جڏهن ته مسافر ڪوچ کي حد جي پوليس پنهنجي تحويل ۾ وٺي ڇڏيو آهي.

دوست پاليسيون ته آئيون ته ملڪ ۾ انتشار وڌي ويندو ۽ ملڪ خانه جنگي طرف وڌندو هنن چيو ته اسين اقوام متحده کان دنيا جو امن تباهه ڪندڙ ۽ سڄي دنيا جي معيشت کي نقصان ڏيندڙ سامراجي جنگ جي خاتمي جو پڻ مطالبو ڪيون ٿا. دنيا جي عوام امن چاهي ٿي ۽ جنگين جو خاتمو اڳواڻن حڪومت کان مطالبو ڪيو ته جلد پيٽرول ڊيزل سستو ڪري مهانگائي

جي فرياد تي جوابدار علي حيدر جتوئي خلاف داخل ڪيو ويو آهي. فرياديءَ پنهنجي بيان ۾ ٻڌايو آهي ته جوابدار مقتولين سان گڏ رهندو هو ۽ ساڻي دير سان پچائڻ واري معاملي تان ڪاوڙجي هن بيواهه پاچاڻي شاهده خاتون ۽ پاڪٽي نغمه خاتون کي پستل جا فائر ڪري قتل ڪيو جڏهن ته موقف اهو به ڏنو آهي ته جوابدار ٻنهي کي هوٽل تي ماني کارائڻ جي بهاني وٺي

ڪيون آهن بلوچستان حڪومت جو تيل جي قيمتن سان ڪوبه تعلق ناهي هن چيو ته ايران/ امريڪا، اسرائيل جنگ جا پوري ريجن تي اثرات آهن صدر آصف علي زرداري، وزيراعظم شهباز شريف ۽ فيلڊ مارشل عاصم منير تي فخر آهي جنهن بهتر حڪمت عملي سان جنگ بندي ڪرائي آهي حڪومت جي ڪوشش سان پاڪستان کي وڏو مقام مليو آهي جنهن

## ڪورٽ نوٽيس

**فرسٽ سول / فيملي جج ٽنڊو محمد خان**
**فيملي سوٽ نمبر سال 2026**

شريمتي انيتا ڪماري ڌيءُ خان چند هندو بالغ ذات ميگهواڙ رهندڙ پير محلہ ٽنڊو محمد خان ..پلينٽف.بخلاف. ويرجي ڪمار ولد نالو بدرو هندو بالغ ذات ميگهواڙ رهندڙ گهر نمبر 47 حاجي احمد ميمڻ ڪالوني سٽي ٽنڊو محمد خان. ڊفينڊنٽس

**نالي مٿئين ڊفينڊنٽس ڏانهن:**

جيئن ته مٿئين پلينٽف توهان جي خلاف جوڊيشنل سيپريشن، مينٽيننس اينڊ جهيز جي واپسي لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 15-04-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

**فرسٽ سول / فيملي جج ٽنڊو محمد خان**

## ڪورٽ نوٽيس

**فرسٽ سول / فيملي جج ٽنڊو محمد خان**
**ايگزيڪيوشن درخواست سال 2026**
**فيملي سوٽ نمبر 68 سال 2025**

مسمات عريبا ڌيءُ محمد اسحاق ذات اعوان رهندڙ مشترڪ ڪالوني ٽنڊو محمد خان ..پلينٽف.بخلاف. مزمل ولد مشتاق احمد ذات ميمڻ رهندڙ خواجه محلہ ٽنڊو محمد خان. ڊفينڊنٽس

**نالي مٿئين ڊفينڊنٽس ڏانهن:**

جيئن ته مٿئين پلينٽف توهان جي خلاف فيملي ايگزيڪيوشن لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 13-04-2026 تي وقت

## ڪورٽ نوٽيس

**عدالت ۾ ايڊيشنل ڊسٽرڪٽ جج II عمرڪوٽ**
(روبرو جناب احمد رضا)
سول اپيل نمبر 10 سال 2026

(1) مسمات راحيلہ عرف ريحانہ ڪوثر ڌيءُ نذير احمد زال محمد اجمل مسلم بالغ ذات اعوان رهندڙ ڪمڻ والا تعلقو نوشهره ضلعو گوجرانوالا پنجاب شناختي ڪارڊ نمبر 3410378400218 (2) مسمات طاهره عرف شاهده عرفان ڌيءُ نذيراحمد زال عرفان مجيد ٻٽ ذات اعوان رهندڙ گهر نمبر 32/2 A محلہ شريف پارڪ ملتان روڊ تعلقو لاهور پنجاب شناختي ڪارڊ نمبر 3520225229280... اپيلانٽ.بخلاف. (1) منظور احمد ولد محمود احمد (2) عابد علي ولد محمود احمد (3) ممتاز احمد ولد محمود احمد (4) منصور احمد ولد محمود احمد (5) ياسين احمد ولد محمود احمد (6) مسمات ياسمين ڌيءُ محمود احمد زال محمد ايوب هاليپوٽو سڀ مسلم بالغ ذات اعوان رهندڙ ڪاليج روڊ وارڊ نمبر 2 عمر ڪوٽ (7)محمد ايوب ولد الله ڏنو ذات هاليپوٽو رهندڙ نزد برائيٽ فيوچر اسڪول ڪاليج روڊ عمر ڪوٽ ٽائون (8)تيرٿ ولد آسن داس هندو بالغ ذات کهتري رهندڙ کهتري پاڙو ڪاليج روڊ عمرڪوٽ (9) جي ڪمار ولد ڪرشن لال هندو بالغ ذات کهتري رهندڙ محلہ کهتري اسٽامپ وينڊر تعلقو ضلعو عمر ڪوٽ (10) عزيز احمد ولد نذير احمد ذات اعوان رهندڙ گهر نمبر 62/288 سادات ڪالوني اسٽريٽ اعوان آباد بوستان روڊ ملتان پنجاب شناختي ڪارڊ نمبر 3630204753917 حال رهندڙ مين روڊ ملتان روڊ لاهور ڊاڪخانہ لاهور 03034812027 (11) ڀواني شنڪر ولد راڻو مل هندو بالغ ذات مالهي

# آفيس آف دي ايگزيڪيوٽو انجنيئر
# مينارٽيز افيئرس سنڌ

شهباز بلڊنگ بلاڪ-A، گرائونڊ فلور، حيدرآباد
ڪيمپ آفيس: بئريڪ نمبر 17، بلاڪ A-4 سنڌ سيڪريٽريٽ، ڪراچي
(022) 9200677
(021) 99239669

No. XEN/MA/GIA(DEV)/Sindh/10732 — Dated. 09-04-2026

# (EPADS ذريعي)
# ٽينڊر گهرائڻ لاءِ نوٽيس

## "خريداريءَ جو طريقو (هڪ مرحلي تي هڪ لفافي)"

هي آفيس "اي-پاڪ اڪيوزيشن اينڊ ڊسپوزل سسٽم (EPADS)" ذريعي هيٺين ڪمن لاءِ دلچسپي رکندڙ ٺيڪيدارن / فرمن / ڪمپنين کان جيڪي پاڪستان انجنيئرنگ ڪائونسل (PEC) وٽ لاڳاپيل ڪيٽيگري ۾ رجسٽرڊ آهن قابليت جي معيار تي پورو لهن کان ويب سائيٽ http://portalsindh.eprocure.gov.pk/ تي هيٺين ڪمن جي ڪيٽيگريءَ جي تجديد جي صحيح حد رکن کان اي-آچ گهرائي ٿي: -

**درخواست ڏيڻ جو طريقو: -**

1. تفصيلي شرطن ۽ ضابطن تي ٻڌل واڪ دستاويز http://portalsindh.eprocure.gov.pk/ تان ڏسي ۽ ڊائون لوڊ ڪري سگهجن ٿا.
2. آڇون صرف "EPADS" ذريعي اليڪٽرانڪ طريقي سان جمع ڪرائي سگهبيون. هٿرادو طور جمع ٿيل درخواستن تي غور نہ ڪيو ويندو.
3. دلچسپي رکندڙ واڪ ڏيندڙن کي لازمي طور تي http://portalsindh.eprocure.gov.pk/ تي EPADS تي پنهنجي رجسٽريشن کي يقيني بڻائڻو پوندو.
4. ٽينڊر في ۽ بڊ سيڪيورٽي جا اصل دستاويز (ڪال ڊپازٽ جي شڪل ۾) اي-آچ جمع ڪرائڻ جي آخري تاريخ تي يا ان کان اڳ پروڪيورمينٽ ايجنسي کي پهچائڻ لازمي آهي.

**ٽينڊر وصول ڪرڻ ۽ کولڻ جو پروگرام: -**

1. واڪ دستاويزن ۾ ڏنل هدايتن مطابق تيار ڪيل آچ، اشاعت جي تاريخ 12-05-2026 تي صبح 09:30 وڳي تائين EPADS تي جمع ڪرائڻي پوندي.
2. حصو وٺندڙ واڪ ڏيندڙن جون ٽيڪنيڪل ۽ فنانشل آچون 12-05-2026 تي صبح 10:00 وڳي ايگزيڪيوٽو انجنيئر، مينارٽيز افيئرس سنڌ، بئريڪ نمبر 17، بلاڪ A-4 سنڌ سيڪريٽريٽ ڪراچي جي آفيس ۾ پروڪيورمينٽ ڪميٽي ۽ آچ ڏيندڙن جي بااختيار نمائندن جي موجودگيءَ ۾ کوليون وينديون.
3. بڊ سيڪيورٽي / سوٽي رقم ۽ ٽينڊر في، جيئن مٿي ذڪر ڪيو ويو آهي ۽ فرم جي نالي تي ڪال ڊپازٽ يا پي آرڊر (اصل) جي شڪل ۾ جيڪو شيڊول بينڪ مان ايگزيڪيوٽو انجنيئر، مينارٽيز افيئرس سنڌ جي حق ۾ جاري ڪيل هجي، واڪ دستاويز جمع ڪرائڻ وقت پيش ڪرڻي پوندي.

**لازمي شرط: -**

i. تازو حلف ناموا اي-اسٽامپ تي، جنهن جو مطلب هجي تہ فراهم ڪيل سمورا دستاويز / تفصيل / مشينريءَ جي معلومات صحيح ۽ درست آهي. بوگس / ٽيمپرڊ يا غلط معلومات / سرٽيفڪيٽ فراهم ڪرڻ جي صورت ۾، ڪمپني / فرم کي ڪنهن بہ مرحلي تي بليڪ لسٽ ڪري سگهي ٿي.
ii. آچ جو مدو 90 ڏينهن هوندو.
iii. مشروط ٽينڊر رد ڪيا ويندا.

**اهليت جو معيار: -**

i. جون 2026 تائين ۽ ان کان پوءِ لاڳاپيل ڪيٽيگري ۽ گهربل اسپيشلائزڊ ڪوڊز ۾ صحيح PEC (Valid) رجسٽريشن سرٽيفڪيٽ.
ii. گذريل 3 سالن دوران مڪمل ڪيل گهٽ ۾ گهٽ هڪ ساڳي نوعيت جي ڪم جي ورڪ آرڊر جي ڪاپي، جنهن جي قيمت تخمينو ڪيل قيمت جي 80 سيڪڙو هجي، يا ٻن ڪمن جي ڪاپي جيڪي تخمينو ڪيل قيمت جي 50 سيڪڙو هجن. جنهن سان گڏ لاڳاپيل ايگزيڪيوٽو ايجنسي جو ڪامياب مڪمل ٿيڻ وارو سرٽيفڪيٽ ۽ ان جا SPPRA ID بڊ ايويلوئيشن رپورٽ سان گڏ هجن. جنهن ۾ هر ڪم جون 04 رنگين تصويرون هجن جيڪي ايگزيڪيوٽو ايجنسيءَ جي سربراهه کان تصديق ٿيل هجن.
iii. وقت تي ڪم / اسڪيم مڪمل ڪرڻ تي عملدرآمد ڪندڙ اٿارٽي پاران توهان جي فرم جي حق ۾ جاري ڪيل تعريفي ليٽر / بهترين ڪارڪردگي جو سرٽيفڪيٽ. (اسڪيم جو نالو لکڻ لازمي آهي).
iv. انڪم ٽيڪس ڊپارٽمينٽ (NTN سرٽيفڪيٽ) ۽ سنڌ روينيو بورڊ (SRB) حڪومت سنڌ سان ايڪٽو اسٽيٽس سان رجسٽريشن.
v. مالڪ جا تفصيل گڏوگڏ شناختي ڪارڊ جي ڪاپي 500 رپين جي نئين جڊيشل اي-اسٽامپ پيپر تي جيڪو تصديق ٿيل هجي. نمائندي وٽ مالڪ پاران جڊيشل اي-اسٽامپ پيپر تي اختيار هجڻ گهرجي.
vi. اليڪٽرڪ ڪمن لاءِ اليڪٽرڪ لائسنس (لاڳاپيل ريجن لاءِ).
vii. ٽيڪنيڪل طور تي درست واڪ ڏيندڙن جن جون آڇون وڌيڪ ريٽ هجڻ ڪري رد ڪيون ويون آهن، انهن جا CD-Rs / پي آرڊر ڪامياب آچ کي ورڪ آرڊر جاري ٿيڻ کان پوءِ واپس ڪيا ويندا.
viii. جيڪڏهن پروڪيورمينٽ ڪميٽي جو چيئرمين / ميمبر آچ کولڻ جي تاريخ تي هيڊ ڪوارٽر کان ٻاهر هجي يا حڪومت بڊ کولڻ جي تاريخ تي سرڪاري موڪل جو اعلان ڪري، تہ پوءِ آچ ساڳئي شيڊول موجب ايندڙ ڪم ڪار واري ڏينهن تي جمع ڪرائي ۽ کولي ويندي.
ix. واڪ ڏيندڙ پاران فنانشل آچ ۾ ڏنل پريميئم اکرن ۽ انگن ٻنهي ۾ لکيل هجڻ گهرجي، ٻي صورت ۾ فنانشل بڊ SPP رولز موجب رد ڪئي ويندي ۽ NIT ۾ ذڪر ڪيل سوٽي رقم جي فوٽو ڪاپي فنانشل پروپوزل سان لڳائڻ لازمي آهي.

مڪمل ٽيڪنيڪل پروپوزلز جي جاچ جو معيار ها/نہ يا پاس/فيل جي بنياد تي آهي. جيڪڏهن ڪو آچ ڏيندڙ ڪنهن بہ ذيلي

| شمار نمبر | ڪم جو نالو | ڪٿيل رقم (ملين ۾) | پي آرڊر / ڪال ڊپازٽ (5%) | ٽينڊر في | مڪمل ڪرڻ جو وقت |
|---|---|---|---|---|---|
| 1. | ڳوٺ پونيو ڪولهي، ديه ڏونگاندي ڪولهي، تعلقو ۽ ضلعو بدين ۾ ستسنگ هال جي تعمير | 4.000 | 200,000/- | 3000/- | 18 مهينا |
| 2. | ڳوٺ هرچند آباد، تعلقو شهيد فاضل راهو، ضلعو بدين ۾ چارديواري، واش رومز ۽ ٻين سهولتن جي تعمير | 4.000 | 200,000/- | 3000/- | 18 مهينا |
| 3. | ڳوٺ هرچند آباد، تعلقو شهيد فاضل راهو، ضلعو بدين ۾ سولر سسٽم جي فراهمي ۽ لڳائڻ | 2.500 | 125,000/- | 3000/- | 18 مهينا |
| 4. | ضلعو بدين جي راهوڪي ۾ ستسنگ هال جي تعمير | 5.000 | 250,000/- | 3000/- | 18 مهينا |
| 5. | ڪڙيو گهنور، ضلعو بدين ۾ مسڻ جي ويٽنگ هال جي تعمير | 5.000 | 250,000/- | 3000/- | 18 مهينا |
| 6. | ڪڙيو گهنور، ضلعو بدين ۾ مندر جي چارديواري جي تعمير | 5.000 | 250,000/- | 3000/- | 18 مهينا |
| 7. | سيراڻي اسٽاپ بدين ويجهو موتي واگري قبرستان جي چارديواري جي تعمير | 5.000 | 250,000/- | 3000/- | 18 مهينا |
| 8. | بدين شهر جي سنگهاڻي محلا ۾ رام ديو مندر جي ٻيهر تعمير | 5.000 | 250,000/- | 3000/- | 18 مهينا |
| 9. | چڪ نمبر 11 راهوڪي، ضلعو بدين ۾ مندر ۽ ٻين ڪمن جي تعمير | 4.000 | 200,000/- | 3000/- | 18 مهينا |
| 10. | ڳوٺ پريمو ڪولهي، ديه ناگهڙي UC قاضي واهه، تعلقو ۽ ضلعو بدين ۾ ستسنگ هال جي تعمير | 4.000 | 200,000/- | 3000/- | 18 مهينا |
| 11. | ڳوٺ پاڳو ڪولهي، UC گهارو، تعلقو ۽ ضلعو بدين ۾ ستسنگ هال جي تعمير | 4.000 | 200,000/- | 3000/- | 18 مهينا |
| 12. | ڳوٺ نورو ڪولهي، ضلعو بدين ۾ شِو مندر / دادو پريرم لاءِ هال جي تعمير | 5.000 | 250,000/- | 3000/- | 18 مهينا |
| 13. | بدين شهر جي سنجهاڻي محلا ۾ رام ديو مندر جي ٻيهر تعمير | 5.000 | 250,000/- | 3000/- | 18 مهينا |
| 14. | ٽنڊو غلام علي، ضلعو بدين ۾ مسڪين داس درگاهه جي مرمت ۽ تزئين و آرائش | 5.000 | 250,000/- | 3000/- | 18 مهينا |
| 15. | مسڻ محلا ماتلي، ضلعو بدين ويجهو راما پير مندر جي پراڻي عمارت جي ٻيهر تعمير | 5.000 | 250,000/- | 3000/- | 18 مهينا |
| 16. | ٽنڊو باگو، ضلعو بدين جي گرناري مندر ۾ سولر سسٽم جي فراهمي ۽ لڳائڻ | 3.000 | 150,000/- | 3000/- | 18 مهينا |
| 17. | ڳوٺ پاوڻ داس راٺوڙ، UC گولاڙچي، تعلقو گولاڙچي، ضلعو بدين ۾ شيوا منڊلي جون وڌيڪ سهولتون | 3.000 | 150,000/- | 3000/- | 18 مهينا |
| 18. | هندو مسڻ (شمشان گهاٽ) بدين جو رهيل ڪم. | 5.000 | 250,000/- | 3000/- | 18 مهينا |
| 19. | هندو مسڻ گولاڙچي، ضلعو بدين جو رهيل ڪم. | 5.000 | 250,000/- | 3000/- | 18 مهينا |
| 20. | دادو ۾ پنچائتي هال لاءِ سولر سسٽم جي فراهمي ۽ لڳائڻ | 4.000 | 200,000/- | 3000/- | 18 مهينا |
| 21. | دادو ۾ هندو مسڻ لاءِ سولر لائيٽس جي فراهمي ۽ لڳائڻ | 3.000 | 150,000/- | 3000/- | 18 مهينا |
| 22. | مستري محلا دادو ۾ هندو هريجن ماتا مندر لاءِ هال جي تعمير | 3.000 | 150,000/- | 3000/- | 18 مهينا |
| 23. | ميهڙ ضلعو دادو ۾ هندو شمشان گهاٽ جون وڌيڪ سهولتون | 5.000 | 250,000/- | 3000/- | 18 مهينا |
| 24. | حُر ڪيمپ، ڪرسچن ڪالوني حيدرآباد ۾ بائونڊري وال (ڪمپائونڊ وال) جي تعمير | 5.000 | 250,000/- | 3000/- | 18 مهينا |
| 25. | سرڪٽ هائوس G.O.R ڪالوني حيدرآباد ويجهو درگا شِو مندر ۾ ڪچن ۽ ليواٽري بلاڪن سان گڏ ستسنگ هال جي تعمير | 5.000 | 250,000/- | 3000/- | 18 مهينا |
| 26. | اسلاميه ڪالوني UC-17، صائمه پلازا ويجهو هالا ناڪا روڊ، ڪاري موري حيدرآباد ۾ سينٽ جان ڪيٿولڪ چرچ کي سولر تي منتقل ڪرڻ | 4.000 | 200,000/- | 3000/- | 18 مهينا |
| 27. | هالا ناڪا حيدرآباد ۾ والميڪي مندر تي هال جي تعمير | 3.000 | 150,000/- | 3000/- | 18 مهينا |
| 28. | ٽنڊو جان، ضلعو حيدرآباد ۾ هنومان مندر جي تعمير | 3.000 | 150,000/- | 3000/- | 18 مهينا |
| 29. | گلشن سجاد حيدرآباد ويجهو سناتن هال ۾ سولر سسٽم جي فراهمي ۽ لڳائڻ | 5.000 | 250,000/- | 3000/- | 18 مهينا |
| 30. | ڳوٺ بخشو لغاري، UC بخشو لغاري، تعلقو ۽ ضلعو حيدرآباد ۾ ستسنگ هال جي تعمير | 5.000 | 250,000/- | 3000/- | 18 مهينا |
| 31. | PS-60 UC 146، حُر ڪيمپ حيدرآباد ۾ چرچ جي مرمت، هال جي تعمير ۽ ڪرسچن قبرستان جي سهولتن ۾ بهتري | 5.000 | 250,000/- | 3000/- | 18 مهينا |
| 32. | ٽنڊو ولي محمد حيدرآباد، شنڪر مندر پيل خان روڊ تي ستسنگ هال جي تعمير ۽ ٻيا ڪم. | 4.000 | 200,000/- | 3000/- | 18 مهينا |
| 33. | رشيد ڪالوني UC-64، ٽنڊوڄام، ضلعو حيدرآباد ۾ مين چرچ جي مرمت / تزئين و آرائش ۽ سولر لائيٽس | 5.000 | 250,000/- | 3000/- | 18 مهينا |
| 34. | خُد پاڙو UC-64، ٽنڊوڄام، ضلعو حيدرآباد ۾ چرچ جي مرمت / تزئين و آرائش ۽ سولر لائيٽس | 5.000 | 250,000/- | 3000/- | 18 مهينا |
| 35. | فتح چوڪ حيدرآباد ۾ ڪالي ماتا مندر جون وڌيڪ سهولتون | 5.000 | 250,000/- | 3000/- | 18 مهينا |
| 36. | مريم ڪالوني، ٿرمل پاور هائوس ڄامشورو ويجهو چرچ جي عمارت جي بهتري | 5.000 | 250,000/- | 3000/- | 18 مهينا |
| 37. | ڏونگراڻي ڌرم شالا ساري، ضلعو ڄامشورو ۾ سولر سسٽم جي فراهمي ۽ لڳائڻ | 5.000 | 250,000/- | 3000/- | 18 مهينا |
| 38. | ٿاڻو بولا خان، ضلعو ڄامشورو جي هنومان مندر ۾ سولر سسٽم جي فراهمي ۽ لڳائڻ | 2.500 | 125,000/- | 3000/- | 18 مهينا |
| 39. | تعلقو ٿاڻو بولا خان، ضلعو ڄامشورو جي گرو نانڪ دربار ۾ ستسنگ هال جي تعمير | 5.000 | 250,000/- | 3000/- | 18 مهينا |
| 40. | درگاهه مرشد غيبي ڳوٺ آريان، تعلقو ٿاڻو احمد خان، ضلعو ڄامشورو ۾ سولر سسٽم جي فراهمي ۽ لڳائڻ | 5.000 | 250,000/- | 3000/- | 18 مهينا |
| 41. | تعلقو ٿاڻو احمد خان، ضلعو ڄامشورو جي گيتا ڀوَن هال ۾ متفرق ڪم. | 2.500 | 125,000/- | 3000/- | 18 مهينا |
| 42. | تعلقو ٿاڻو احمد خان، ضلعو ڄامشورو جي گيتا ڀوَن هال ۾ سولر سسٽم جي فراهمي ۽ لڳائڻ | 2.500 | 125,000/- | 3000/- | 18 مهينا |
| 43. | ٿاڻو عرب خان، تعلقو ٿاڻو بولا خان، ضلعو ڄامشورو جي پير پنلڊو ۾ سولر سسٽم جي فراهمي ۽ لڳائڻ | 2.500 | 125,000/- | 3000/- | 18 مهينا |
| 44. | قلندر جو ڪڏو آستان مول، ضلعو ڄامشورو ۾ چارديواري (ڪمپائونڊ وال) جي تعمير | 4.000 | 200,000/- | 3000/- | 18 مهينا |
| 45. | قلندر جي ڪنڊي، ٿاڻو عرب خان، ضلعو ڄامشورو ۾ چارديواري (ڪمپائونڊ وال) جي تعمير | 4.000 | 200,000/- | 3000/- | 18 مهينا |
| 46. | ساري، ضلعو ڄامشورو جي مکي ديوائو مل لائبريري ۾ سولر سسٽم جي فراهمي ۽ لڳائڻ | 2.500 | 125,000/- | 3000/- | 18 مهينا |
| 47. | تعلقو ٿاڻو بولا خان، ضلعو ڄامشورو جي دادي اميدي ٽونگ شريف تي پيور بلاڪس لڳائڻ | 3.000 | 150,000/- | 3000/- | 18 مهينا |
| 48. | ٿاڻو بولا خان، ضلعو ڄامشورو جي شريمتي هسي ٻائي پُوڄ مکي آڏومل ڌرم شالا ۾ پهرين فلور تي هال ۽ واش رومز جي تعمير | 5.000 | 250,000/- | 3000/- | 18 مهينا |
| 49. | ٿاڻو بولا خان، ضلعو ڄامشورو جي شريمتي هسي ٻائي پُوڄ مکي آڏومل ڌرم شالا ۾ سولر سسٽم جي فراهمي ۽ لڳائڻ | 5.000 | 250,000/- | 3000/- | 18 مهينا |
| 50. | ٿاڻو بولا خان، ضلعو ڄامشورو جي مرشد ڪيتپال مندر ۾ پيور بلاڪس لڳائڻ | 5.000 | 250,000/- | 3000/- | 18 مهينا |
| 51. | نور پور اسٽاپ، ضلعو ڄامشورو ۾ ٻارن جي قبرستان جي چارديواري جي تعمير | 1.500 | 75,000/- | 3000/- | 18 مهينا |
| 52. | ڪرسچن ڪالوني سڪندرآباد، ڪوٽڙي حيدرآباد جي چرچ جي احاطي جي تزئين و آرائش | 3.000 | 150,000/- | 3000/- | 18 مهينا |
| 53. | ديوي ماتا مندر ڪوٽڙي، ضلعو ڄامشورو ۾ سولر سسٽم جي فراهمي ۽ لڳائڻ | 2.500 | 125,000/- | 3000/- | 18 مهينا |
| 54. | ٿاڻو بولا خان، ضلعو ڄامشورو جي لعل قلندر آستان تي سولر سسٽم جي فراهمي ۽ لڳائڻ | 4.000 | 200,000/- | 3000/- | 18 مهينا |
| 55. | پيرو پڳٽ مندر مول، ضلعو ڄامشورو جي بحالي (اليڪٽرڪ ڪم). | 3.000 | 150,000/- | 3000/- | 18 مهينا |
| 56. | پيرو پڳٽ مندر مول، ضلعو ڄامشورو جي بحالي. | 5.000 | 250,000/- | 3000/- | 18 مهينا |
| 57. | چوهڙ جمالي، سجاول ۾ گردوارا گرو نانڪ صاحب ۾ ستسنگ هال جي تعمير ۽ ٻيا ڪم. | 5.000 | 250,000/- | 3000/- | 18 مهينا |
| 58. | ضلعو مٽياري ۾ درگاهه اوڏيرو لعل جي چارديواري جي تعمير | 5.000 | 250,000/- | 3000/- | 18 مهينا |
| 59. | باگڙي محلا، ضلعو مٽياري ۾ ڪرشنا مندر تي ستسنگ هال جي تعمير. | 4.000 | 200,000/- | 3000/- | 18 مهينا |
| 60. | ڳوٺ وڏيرو علي محمد ڏيٿو ضلعو مٽياري ۾ ستسنگ هال جي تعمير. | 4.000 | 200,000/- | 3000/- | 18 مهينا |
| 61. | مڪلي، ضلعو ٺٽو ۾ ماتا مندر لاءِ سولر سسٽم جون وڌيڪ سهولتون | 5.000 | 250,000/- | 3000/- | 18 مهينا |
| 62. | ڳوٺ غلام الله، ضلعو ٺٽو ۾ جهولي لال مندر جي مرمت ۽ تزئين و آرائش. | 2.000 | 100,000/- | 3000/- | 18 مهينا |
| 63. | جهمپير، ضلعو ٺٽو جي شِو مندر ۾ سولر سسٽم جي فراهمي ۽ لڳائڻ | 3.000 | 150,000/- | 3000/- | 18 مهينا |
| 64. | سردار نگر، ڪرسچن ڪالوني ٺٽو ۾ جان ويسلي ميٿڊسٽ چرچ آف پاڪستان جي تزئين و آرائش. | 5.000 | 250,000/- | 3000/- | 18 مهينا |
| 65. | ڳوٺ پائي خان ٽالپر، ضلعو ٽنڊو محمد خان ۾ راما پير مندر جي مرمت / تزئين و آرائش / ٻيهر تعمير | 4.000 | 200,000/- | 3000/- | 18 مهينا |
| 66. | ڳوٺ پائي خان، ضلعو ٽنڊو محمد خان ۾ ستگورو بابو گنگ ديو مهاراج تي ستسنگ هال جي تعمير | 4.000 | 200,000/- | 3000/- | 18 مهينا |
| 67. | ٽنڊو محمد خان جي ڪيٿولڪ چرچ ۾ سولر سسٽم جي فراهمي ۽ لڳائڻ ۽ ٽنڊو محمد خان جي سالويشن آرمي چرچ ۾ سولر سسٽم جي فراهمي ۽ لڳائڻ | 5.000 | 250,000/- | 3000/- | 18 مهينا |
| 68. | ٽنڊو محمد خان ۾ جينا پرمار جي مندر جي تعمير. | 5.000 | 250,000/- | 3000/- | 18 مهينا |
| 69. | سجاول ۾ باوا پرمانند مندر تي ستسنگ هال جي تعمير. | 5.000 | 250,000/- | 3000/- | 18 مهينا |
| 70. | گلشن حميد ڪالوني، ٽنڊو سومرو روڊ، ٽنڊو الهيار ۾ ستسنگ هال جي تعمير. | 4.000 | 200,000/- | 3000/- | 18 مهينا |

**ايگزيڪيوٽو انجنيئر**
**مينارٽيز افيئرس، سنڌ**

WORK FOR SINDH — JOB PORTAL BY INFORMATION DEPARTMENT

INF/KRY/1422/2026

# ميهڙ ۾ ٻن پاڙن ۾ جهيڙو، فائرنگ، هڪ ڄڻو قتل، پٽ زخمي

## ڳوٺ گهاڙي ۾ زمين تڪرار تان جهيڙي ۾ گولين لڳڻ سبب طارق ٽيهو مارجي ويو

## فائرنگ سبب عبدالرحمان ۽ عنايت الله ٽيهو زخمي ٿي پيا، لاش ۽ زخمي اسپتال منتقل

## پاڙن ۾ زمين معاملي تان پراڻو تڪرار هلندڙ هو، علائقي ۾ خوف، ڪيس داخل نه ٿي سگهيو

ميهڙ (ن ع) ميهڙ رت جي رشتن ڪي باهه لڳي وئي ميهڙ پرسان ڳوٺ گهاڙي ۾ ٽيهه برادري جي 2 پاڙن ۾ زمين جي تڪرار تان جهيڙو ٿي پيو فائرنگ جي نتيجي ۾ دل جو مشهور ڊاڪٽر طارق ٽيهو قتل ٿي ويو بقايا نمبر 12 ڏسو صفحو 5

ساماڙو: جهيڙي ۾ زخمي ٿيلن جو اسپتال ۾ علاج ڪيو پيو وڃي

## ٽنڊوالهيار جي ٻن يونين جي سيٽن تي ضمني بلدياتي چونڊن لاءِ نامزدگي فارم جمع

### يونين ڪائونسل ڪوڪر جي ضلع ڪائونسل سيٽ لاءِ چار اميدوارن پنهنجا فارم جمع ڪرايا

### يونين ڪائونسل شاهه عنايت وارڊ نمبر 4 لاءِ ٽي اميدوارن نامزدگي فارم جمع ڪرائي ويا

### پيپلز پارٽي جي ذوالقرنين ڪوڪر بلا مقابله ڪامياب ٿيڻ جا امڪان

ٽنڊوالهيار(ڊ ر) ٽنڊوالهيار جي ٻن يونين ڪائونسلن جي سيٽن تي ضمني بلدياتي چونڊن لاءِ اميدوارن پنهنجا نامزدگي فارم جمع ڪرائي ڇڏيا چيف سردار حاجي خير محمد ڪوڪر جي فرزند ذوالقرنين ڪوڪر بلامقابلا ڪامياب ٿي جا واضح امڪان انهي حوالي سان ٽنڊوالهيار جي يونين ڪائونسل ڪوڪر جي ضلع ڪائونسل جي سيٽ لاءِ چار اميدوارن نامزدگي فارم جمع ڪرايا آهن فارم جمع ڪرائيندڙن ۾ ذوالقرنين ڪوڪر ۽ مجتبيٰ ڪوڪر پاڪستان پيپلز پارٽي طرفان پنهنجا

بقايا نمبر 14 ڏسو صفحو 5

## ساماڙو لڳ تيز رفتار چنگچي رڪشا ٽائر بسٽ ٿيڻ سبب ڪلٽي، 5 ڄڻا زخمي

ساماڙو (ن ع) ساماڙو لڳ بروهي آباد وٽ تيز رفتار چنگچي رڪشا ٽائر بسٽ ٿيڻ جي نتيجي ۾ چنگچي رڪشا اونڌو ٿيڻ جي نتيجي ۾ چنگچي رڪشا سوار مختلف ڳوٺن جا رهواسي 5 ڄڻا سخت زخمي ٿي پيا جن کي واقعي جي مدد سان تعلقه اسپتال ساماڙو آندو ويو جتي طبعي امداد بعد هڪ ڄڻو جي ٽنگ ٽٽڻ سبب حيدرآباد ريفر ڪيو ويو، جڏهن ته بقايا نمبر 13 ڏسو صفحو 5

خانپورمهر: فوت ٿيل نوجوان جو لاش پيل آهي

## ڏکڻ لڳ رند برادري جي ٻن ڌرين ۾ جهيڙو، عورت سميت 17 ڄڻا زخمي

### ڳوٺ حوت خان رند ۾ پلاٽ جي مالڪي تان ڌرين ۾ جهيڙو ٿي پيو

### لٺيون ۽ سريا لڳڻ سبب ٻنهي ڌرين جا 17 ڄڻا زخمي ٿي پيا، اسپتال منتقل

ڏکڻ ، ڏکڻ لڳ ڳوٺ حوت خان رند ۾ پلاٽ جي مالڪي تان رند برادري جي ٻن ڌرين ۾ جهيڙوعورت سميت 17 ڄڻا زخمي،اسپتال منتقل،خبر موجب ڏکڻ لڳ بدو ڳاٽي جي حد ڳوٺ حوت خان رند ۾ رند برادري جي لطف الله رند ۽ غلام رسول رند جي ٻن ڌرين ۾ پلاٽ جي مالڪي تان جهيڙو ٿي پيوجنهن دوران لٺيون ۽ سريا لڳڻ سبب ٻنهي ڌرين جا هڪ عورت سميت 17 ڄڻا سردار خاتون علي بخش، لطف، هوت خان، گل حسن، شاهد، مولا بقايا نمبر 15 ڏسو صفحو 5

# خانپور مهر ويجهو ٽريڪٽر ۽ موٽر سائيڪل ۾ ٽڪر، هڪ ڄڻو فوت، ٻه ڄڻا زخمي

## لوهي پرسان پيش آيل حادثي ۾ نوجوان سائين بخش ملڪ ڌڪ ٿي ئي فوت ٿي ويو

## حادثي ۾ زخمي نوجوان وحيد، شاهد ۽ لاش کي علائقي واسين ڪنهائي اسپتال منتقل ڪيو

## فوتي نوجوان جو لاش قانوني ڪارروائي پوري ڪرڻ بعد وارث ڪنهائي گهر پهتا ته ڪهرام مچي ويو

خانپور مهر(ن ع) خانپور مهر ويجهو لوهي پرسان ٽريڪٽر ۽ موٽر سائيڪل وچ ۾ خوفناڪ حادثو پيش آيو جنهن جي نتيجي ۾ ملڪ برادري جو نوجوان سائين بخش ملڪ ٿڏي تي ئي فوت ٿي ويو جڏهن ته ٻه نوجوان سخت زخمي ٿي پيا. خبر موجب خانپور مهر ويجهو لوهي پرسان روڊ تي بقايا نمبر 16 ڏسو صفحو 5

## ساماڙو لڳ نوجوان جي گهرو اڻبڻت تان جيت مار دوا پي خودڪشي جي ڪوشش، اسپتال منتقل

ساماڙو (ن ع) ساماڙو لڳ ڳوٺ سردار غلام مصطفيٰ خاصخيلي جي رهواسي غلام حسين پٽ علي خان ڪوسو پاران گهرو اڻبڻت سبب زرعي جيت مار دوا پي خودڪشي جي ڪوشش ڪئي وارثن پاران نيم بيهوش واري حالت ۾ تعلقه اسپتال ساماڙو آندو ويو جتي طبعي امداد بعد هاڻ حالت ڪجهه بهتر ٻڌائي پئي وڃي

ڪنڊو آدم: مقامي اسڪول ۾ پوزيشن حاصل ڪندڙ ٻارڙن کي سرٽيفڪيٽ ڏنا پيا وڃن

حيدرآباد: لاڏائو قبيلي جا ٻارڙا ريڙهي تان گولو گنڊيرو وٺي رهيا آهن

## ٽاٽي بولاخان ويجهو 7 مزدور زهريلي لسي پيئڻ سبب بيهوش، اسپتال داخل

### ڳوٺ حاجي محمود پالاري ۾ ٻنيءَ تي پورهيو ڪندڙ پورهيتن کي تعلقي اسپتال آندو ويو

### حالت خراب هجڻ تي ڪجهه پورهيتن کي سول اسپتال حيدرآباد منتقل ڪيو ويو

ٽاٽو بولا خان(رپورٽ: شوڪت خاصخيلي ) ٽاٽي بولاخان ويجهو ڳوٺ حاجي محمود پالاري ۾ ٻنيءَ تي پورهيو ڪندڙ 7 مزدورن جي زهريلي لسي پيئڻ جي نتيجي سبب سڌن حالت خراب جن کي فوري تعلقه اسپتال منتقل ڪيو ويو جتي متاثر پورهيتن جو علاج ڪيو ويو جڏهن ته ڊيوٽي تي موجود تعلقه اسپتال جي ڊاڪٽر جي چوڻ مطابق مريضن پاران ڪا ڪاڌي ۾ ڪا زهريلي شيءِ ڪاڌي آهي جنهن سبب هنن جي حالت خراب ٿي دماغ تي اثر ٿيو آهي بقايا نمبر 17 ڏسو صفحو 5

# ڄامشورو ۾ شاگرديائي فهميدا لغاري جي خودڪشي ۽ هراسمينٽ واقعي خلاف احتجاجي ڌرڻو

## جساف آريسر گروپ پاران علي شهباڻي جي اڳواڻي ۾ سنڌ الاجي وٽ انڊس هاءِ وي تي ڌرڻو هنيو

## تعليمي ادارن ۾ شاگرياڻين جي هراسمينٽ تي رهي آهي واقعن جو نوٽس نه پيو ورتو وڃي: مظاهرين

## ميرپورخاص جي شاگرديائي فهميدا لغاري جي قتل جو ڪيس داخل ڪري جوابدار کي گرفتار ڪيو وڃي

حيدرآباد: بي آءِ ايس پي جي رقم وٺڻ لاءِ عورتن جي پيهه نظر اچي رهي آهي

ڄامشورو (ڊ ر) ڄامشورو ميرپورخاص جي شاگرديائي فهميدا لغاري جي خودڪشي ۽ هراسمينٽ واري واقعي خلاف سنڌ يونيورسٽي جي جساف آريسر گروپ طرفان جي اڳواڻ علي شهباڻي جي اڳواڻي بقايا نمبر 18 ڏسو صفحو 5

جيڪب آباد: بلوچستان جو وڏو وزير سرفراز بگٽي مير اعجاز جکراڻي ۽ خالد جکراڻي سان سندن والد جي لاڏاڻي تي تعزيت ڪري رهيو آهي

## مورو پرسان اتفاقي گولي ڇٽڻ سبب نوجوان فوت، گهر ۾ ڪهرام

### ڳوٺ ٺوڙها شريف ۾ علي جان عالماڻي پسٽل جي گولي لڳڻ سبب فوت ٿي ويو

### نوجوان جو لاش وارث ڪنهائي تعلقي اسپتال مان پوسٽ مارٽم بعد گهر پهتا ته ڪهرام مچي ويو

مورو (ن ع) مورو پرسان ڳوٺ ٺوڙها شريف جو رهاڪو استاد مظهر عالماڻي جو پٽ علي جان عالماڻي پسٽل جي گولي ڇٽڻ سبب فوت ،لاش کي ضروري ڪارروائي لاءِ مورو اسپتال ۾ آندو ويو ڳوٺ ۾ سوڳ وارو ماحول ٿي ويو فوتي جو لاش مورو تعلقه اسپتال آندو ويو جتي قانوني ڪارروائي پوري ڪرڻ بعد لاش وارثن حوالي ڪيو ويو ته ڪهرام مچي ويو هرطرف روڄ راڙو پئجي ويو

## پنوعاقل ويجهو گاڏي جي ٽڪر ۾ ٽن اسڪولي ٻارن سميت 5 ڄڻا سخت زخمي

### ڙڪ قارم قومي شاهراهه تي حادثي ۾ زخمي مهتاب، روبينه ۽ ٻين کي اسپتال آندو ويو

پنوعاقل(ن ع) پنوعاقل لڳ حد ڙڪ قارم قومي شاهراهه تي تيز رفتار V8 جو موٽرسائيڪل کي ٽڪر جي نتيجي ۾ ڳوٺ حضور بخش بروهي واسي ٻن نوجوانن سميت ٽي اسڪولي ٻار سخت زخمي ،زخمين ۾ مهتاب،روبينه،يوسف ۽ ٻيا سخت زخمي ، زخمين کي پي سيڪشن پوليس پهچي فوري طور تي اسپتال منتقل ڪيو جتي زخمين جو علاج جاري آهي جڏهن ته زخمي نينگر سبزي منڊي گهوٽڪي جي صدر نور بخش جا ٻڌايا پيا وڃن

## ٿ ليگ ۽ جي ڊي اي سميت ڪو به پ پ کي شڪست نٿو ڏئي سگهي: برهان خان چانڊيو

### ناڪام سياستدان پ پ خلاف اتحاد جوڙيندا آهن پر ڪين سدائين ناڪامي نصيب ٿيندي آهي

### پ پ قيادت هاري ڪارڊ ڏيڻ سميت ٻج ۽ ڀاڻ جون سهولتيون ڏئي تاريخي ڪم ڪيو آهي

نصيرآباد (ن ع) پ پ ايم پي اي نوابزاده برهان خان چانڊيو چيو آهي ته فنڪشنل ليگ ۽ جي ڊي اي سميت ڪو به پي پي کي شڪست نه ڏئي سگهي، پ پ عوام جي پارٽي آهي ناڪام سياستدان هر دور ۾ پ پ خلاف اتحاد جوڙيندا آهن پر ڪين سدائين ناڪامي نصيب ٿيندي آهي، تعلقه پريس ڪلب نصيرآباد ۾ ميڊيا سان ڳالهائيندي هن مختلف سوالن جا جواب ڏيندي چيو ته ڪڻڪ جا خريداري سرڪز جلد کوليا ويندا، پ پ قيادت هاري ڪارڊ ڏيڻ سميت ٻج ۽ ڀاڻ جون سهولتيون ڏئي تاريخي ڪم ڪيو آهي هن چيو ته مستقبل پ پ جو آهي ۽ ايندڙ وزيراعظم بلاول ڀٽو زرداري ٿيندو عمران خان جو ڪو به مستقبل ڪونهي، هن چيو ته ملڪ پنهنجي تڪ ۾ رڪاري ترقياتي ڪم ڪرايا آهن نصيرآباد شهر جي تعلقه اسپتال جي بحاليءَ ۽ لائبريري لاءِ ڪوششون ورتون پيا، هن چيو مهانگائي جي لهر پوري دنيا کي لوڙي ڇڏيو آهي،ايندڙ ٻن ڏينهن اندر پيٽروليم شين جي اگهن ۾ گهٽتائي اچي ويندي، اميد آهي ته اسلام آباد ۾ رٿيل بقايا نمبر 4 ڏسو صفحو 5

نصيرآباد: ايم پي اي برهان خان چانڊيو ميڊيا سان ڳالهائي رهيو آهي

## خيرپور ۾ منڪي پاڪس ۾ معصوم نينگري گمس اسپتال منتقل

### 16 ڏينهن جي معصوم نينگري ميمونا بوزدار کي گمس ريفر ڪيو ويو

### منڪي پاڪس سبب ضلعي ۾ 9 ٻار فوت ٿي چڪا ۽ ڪيترائي اسپتال داخل

خيرپور(ڊ ر)خيرپور جي سٽي اسپتال ۾ داخل منڪي پاڪس بيماري ۾ ورتل 16 ڏينهن جي معصوم نينگري ميمونا بوزدار کي گهٽتي جوڳي حالت ۾ سٽي اسپتال خيرپور کان گمس اسپتال گمبٽ ريفر ڪيو ويو آهي معصوم نينگري کي منڪي پاڪس هجڻ ڪري سٽي اسپتال خيرپور جي آئسوليشن وارڊ ۾ داخل ڪيو ويو هيو جنهن کي اڄ گهٽتي جوڳي حالت ۾ گمس اسپتال گمبٽ رفر ڪيو ويو آهي جتي ان جو علاج ڪيو پيو وڃي ياد رهي ته منڪي پاڪس بيماري سبب خيرپور ضلعي ۾ هن وقت تائين 9 ٻار فوت ٿي چڪا آهن هن وقت به سٽي اسپتال ۽ گمس اسپتال گمبٽ ۾ قائم وارڊن ۾ ڪيترائي ٻار داخل پڻ آهن جن جو به علاج هلندڙ آهي

## پنوعاقل ويجهو ٽرالر جي موٽرسائيڪل کي ٽڪر سبب عورت فوت، مڙس زخمي

### چونگها چوڪ وٽ حادثي ۾ مسمات وسندي فوت ۽ نظام الدين گهوٽو زخمي ٿي پيو

### فوتي عورت جي لاش ۽ زخمي کي تعلقي اسپتال منتقل ڪري لاش وارثن حوالي ڪيو ويو

پنوعاقل(ن ع) پنوعاقل ۾ چونگها چوڪ قومي شاهراهه تي افسوسناڪ حادثو تيز رفتار ٽرالر جي ٽڪر ۾ موٽرسائيڪل سوار مسمات وسندي فوت ٿي وئي، جڏهن ته سندس مڙس نظام الدين گهوٽو زخمي ٿي پيو۔ اسپتال منتقل ڪيو ويو

سکر: اسسٽنٽ ڪمشنر ميڊم سارا سان سول ڊفينس جي وارڊنز جو ملاقات بعد ورتل گروپ فوٽو

# لاڙڪاڻي ضلعي ۾ سپلا پاران جائز مطالبن جي مڃتا لاءِ مختلف شهرن ۾ احتجاجي مظاهرو

## سپلا جي سڏ تي ڏوڪري، باڏهه، نئون ديرو، رتوديرو ۽ ٻين ڪاليجن جي استادن ڌار ڌار احتجاجي مظاهرا ڪيا

## ڪاليج ايجوڪيشن ڊپارٽمينٽ ڪرپشن جو گڙهه بڻيل آهي، چور عملدارن کي ادارن جي تباهي جي پرواهه ناهي: مظاهرين

لاڙڪاڻو(بيورو رپورٽ) سنڌ پروفيسرس اينڊ ليڪچررس ايسوسيئيشن سپلا ضلعي لاڙڪاڻي پاران ڪاليج ايجوڪيشن ڊپارٽمينٽ ۾ جاري ميبنا ڪرپشن جي خلاف ضلعي جي سمورن ڪاليجن گورنمينٽ بوائز ۽ گرلس ڊگري ڪاليج لاڙڪاڻو گورنمينٽ آرٽس ۽ ڪامرس ڪاليج لاڙڪاڻو شهيد محترمه بينظير ڀٽو بقايا نمبر 8 ڏسو صفحو 5

## پٿورو لڳ ٽائر ڦاٽڻ سبب سوزوڪي ڪلٽي، 17 ڄڻا زخمي

### عمرڪوٽ-ميرپورخاص روڊ تي ٽائر ڦاٽڻ سبب ڪلٽي ٿي ڪري پئي

### حادثي سبب ڪولهي برادري جي عورتن ۽ ٻارن سميت 17 ڄڻا زخمي ٿيا، اسپتال منتقل

پٿورو(ن ع) پٿورو لڳ روڊ حادثو 17 ڄڻا شديد زخمي پٿورو پرسان مين عمرڪوٽ ميرپورخاص روڊ تي سوزڪي ڪلٽي ٿي پئي جنهن جي نتيجي ۾ عمرڪوٽ واسي 17 ڄڻا شديد زخمي ٿي پيا عمرڪوٽ ميرپورخاص روڊ پٿورو جي حد نلڪو واٽر اسٽاپ وٽ اچانڪ ٽائر ڦاٽڻ سبب سوزڪي ڪلٽي ٿي پئي لاباري تان موٽندڙ عمرڪوٽ واسي ڪولهي برادري جا عورتن ۽ ننڍڙن ٻارن سميت 17 ڄڻا زخمي ٿي پيا حادثي دوران مقامي ساٿين 1122 بقايا نمبر 9 ڏسو صفحو 5

مورو: اسپورٽ کاتي پاران اي آءِ بابت ورڪشاپ ۾ تربيت ڏني پئي وڃي

## ڪنڊڪوٽ پرسان ٻن هنڌن تي ڪڻڪ جي ديرن کي باهه

### محمد موسيٰ خان ڪوسو ڳوٺ ۾ 20 جريب ڪڻڪ سڙي خاڪ، فائر برگيڊ نه پهتي

### شبير آباد ويجهو پنج جريب فصل کي به باهه، ڳوٺاڻن پنهنجي مدد سان ڪنٽرول ڪيو

ڪنڊڪوٽ (ڊ ر) ڪنڊڪوٽ لڳ بي سيڪشن ٿاڻي جي حد ڳوٺ محمد موسيٰ خان ڪوسو ۾ رات جو دير سان نامعلوم ساٿين هاري حسين بخش ڪوسو جي 20 جريب تي قائم ديري کي باهه ڏئي ساڙي ڇڏيو اهڙو اطلاع فائر برگيڊ عملي کي ڏنو ويو پر فائر برگيڊ عملو نه پهتو ڳوٺاڻن بقايا نمبر 10 ڏسو صفحو 5

## تنگواڻي لڳ جعفري ۽ لاشاري برادرين ۾ جهيڙو، 8 ڄڻا زخمي، احتجاج

### شبير آباد ٿاڻي جي حد ۾ جهيڙي دوران ڌرين جو هڪٻئي تي لٺين جو وسڪارو

### مير خان، رفيق، انعام، گل حسن لاشاري سميت 8 ڄڻا زخمي ٿي پيا، اسپتال منتقل

### لاشاري برادري جو جعفري برادري جي ناجائزين خلاف ايس ايس پي آفيس اڳيان احتجاج

ڪنڊڪوٽ (ڊ ر) تنگواڻي لڳ شبير آباد ٿاڻي جي حد ۾ جعفري ۽ لاشاري برادري جي ٻن ڌرين ۾ جهيڙو ٿي پيو هڪ ٻئي تي لٺين جو وسڪارو لاٺي ڏنو فائرنگ ڪري ڏني جنهن جي نتيجي ۾ مير خان لاشاري رفيق احمد لاشاري انعام لاشاري گل حسن لاشاري ابوبڪر لاشاري سميت اٺ ڄڻا زخمي ٿي پيا اهڙو اطلاع پوليس کي ڏنو ويو پوليس واقعي واري هنڌ نه پهتي زخمين کي فوري طور تي اسپتال منتقل ڪيو ويو هوڏانهن لاشاري برادري جو بقايا نمبر 11 ڏسو صفحو 5

ملتان: هڪ ناري چلهه تي مانيون پچائي رهي آهي

# بلوچستان جو وڏو وزير سرفراز بگٽي مير بابل خان جکراڻي جي وڇوڙي تي تعزيت لاءِ جيڪب آباد پهتو

## محمد سليم ڪوسو، ظهور بليدي، عبدالمجيد باديني، نور الله، برڪت رند ۽ ٻين اعجاز جکراڻي سان تعزيت ڪري ڏک جو اظهار ڪيو

## بلوچستان ۾ هلندڙ دهشتگردي جنگ ۾ اسين لاتعداد قربانيون ڏنيون، ان لاءِ دهشتگردي خلاف هلندڙ جنگ کان هڪ انچ به پوئتي نه هٽنداسين:سرفراز بگٽي

## تيل جون قيمتون وفاقي حڪومت مقرر ڪيون آهن، بلوچستان حڪومت جو تيل جي قيمتن سان ڪو به تعلق ناهي

جيڪب آباد (ڊ ر) بلوچستان جي وڏي وزير سرفراز علي بگٽي پنهنجي ڪابينا صوبائي وزير محمد سليم ڪوسو صوبائي وزير ظهور بليدي، ايم پي اي عبدالمجيد باديني، ايم پي اي نور الله، ايم پي اي برڪت رند ۽ ٻين سان گڏجي جيڪب آباد جي جکراڻي هائوس تي پهچي ايم اين اين مير اعجاز حسين جکراڻي سان سندس والده جي وفات تي تعزيت ۽ ڏک جو اظهار ڪيو جنهن بعد بلوچستان جي وڏي وزير سرفراز علي بگٽي ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته بقايا نمبر 1 ڏسو صفحو 5

باقراڻي: قتل ٿيل ماءُ ۽ ڌيءَ جو مڙهه پيل آهي ٻي طرف گرفتار ٿيل جوابدار

# باقراڻي لڳ ماني دير سان پچائڻ تان جوابدار پاڃائي ۽ ڌيءَ کي قتل ڪري لاش درياهه ۾ لوڙهي ڇڏيا

## ڪچي جي ڳوٺ شاڏڻ جتوئي ۾ جوابدار غلام علي جتوئي بيواهه پاڃائي ۽ سندس نوجوان ڌيءَ کي قتل ڪيو

## جوابدار 45 ورهين جي مسمات شاهده خاتون ۽ سندس 19 ورهين جي نوجوان ڌيءَ نغمه خاتون جا لاش درياهه ۾ اڇلائي ڇڏيا

## اطلاع تي پوليس پهچي لاش دريا مان ڳولا بعد ڪيڊرائي اسپتال منتقل ڪري جاچ شروع ڪئي

باقراڻي (رپورٽ:خدا بخش ابڙو) باقراڻي جي ڪچي واري علائقي ۾ سبينا طور ماني دير سان پچائڻ تان ماءُ ڌيءَ گولين هڻي قتل، جوابدار لاش سنڌو درياهه ۾ اڇلائي ڇڏيا، ڳوٺ شاڏڻ جتوئي ۾ جوابدار پنهنجي بقايا نمبر 2 ڏسو صفحو 5

## مسوپرڳڙي ۾ پورهيت مزاحمت تحريڪ جو پيٽرول اگهن خلاف احتجاجي مظاهرو

### آءِ ايم ايف پاليسين سبب عوام جو جيئڻ مشڪل مهانگائي عروج تي پهچي وئي آهي: اڳواڻ

### حڪومت ڪان پيٽرول سستو ڪري، ٽيڪس گهٽائي ۽ صنعت، زراعت کي ڊهي ڏيڻ جو مطالبو

مسوپرڳڙي (ن ع) پورهيت مزاحمت تحريڪ تعلقي حيدرآباد بهراڙيءَ پاران پيٽرول جي وڌندڙ قيمتن ۽ دنيا جو امن ۽ معيشت تباهه ڪندڙ سامراجي جنگ خلاف واڪي وسي ۾ ريلي ڪيئي احتجاج ڪيو ويو ريلي ۾ شرڪت ڪندڙ ساٿين جي هٿن ۾ بينر ۽ پلي ڪارڊ هئا جن تي پيٽرول ڊيزل جون قيمتون گهٽايو مهانگائي ختم ڪريو غريبن کي جيئڻ جو حق ڏيو جا نعرا لکيل هئا .ان موقعي تي اڳواڻن ڪامريڊ نثار لغاري دوست علي لغاري ،قربان عالماڻي گلزار لغاري، عوامي ورڪرز پارٽي جي اڳواڻ افضل لغاري ،پرهه ترقياتي تنظيم جي رحمت الله سولنگي، شيعه علماءِ ڪائونسل جي شڪيل لغاري ۽ ٻين چيو ته پيٽرول جي اگهن ۾ واڌ ۽ ان سان ٿيندڙ مهانگائي عوام جو جيئڻ جنجال ڪري ڇڏيو آهي هي حڪمران آئي ايم ايف جي پاليسين تي عمل ڪندي پورهيت طبقي لاءِ بقايا نمبر 3 ڏسو صفحو 5



مسوپرڳڙي: پيٽرول جي قيمتن ۾ واڌ ۽ مهانگائي خلاف احتجاج ڪيو پيو وڃي

## جيڪب آباد ۾ پ پ شهيد ڀٽو جو تيل اگهن ۽ مهانگائي خلاف احتجاج

جيڪب آباد (ڊ ر) تيل جي قيمتن ۾ اضافي سميت ڪاڏي، پيتي جي شين ۾ مهانگائي ڪرڻ واري عمل خلاف پاڪستان پيپلز پارٽي شهيد ڀٽو ضلعي آفيس کان احتجاجي جلوس ڪڍي پريس بقايا نمبر 5 ڏسو صفحو 5

## حيدرآباد سنڌو درياهه ٻڏي فوت ٿيل نينگري نشا باگڙي جو لاش هٿ

حيدرآباد(ڪرائيم رپورٽر) حيدرآباد جي لطيف آباد ٻڄاءِ بند تي ڪيڙا ڊوڙندڙ نينگر نشا باگڙي سنڌو دريا ۾ ٻڏي وئي هئي جنهن جو ڪالهه مقامي ساٿين لاش ڪڍي ورتو پوليس موجب نينگري ڪيڙا ڊوڙندي دريا ۾ ٻڏي وئي هئي جنهن جو لاش ڪڍيو ويو آهي

جيڪب آباد: پ پ شهيد ڀٽو پاران پيٽرول جي قيمتن ۾ واڌ ۽ مهانگائي خلاف احتجاج ڪيو پيو وڃي

چوهڙجمالي: مقامي اسڪول ۾ ٿيل پوزيشن رهائيندڙ واري تقريب جو ڏيک

## قاضي احمد ويجهو ٽرالر ۽ موٽرسائيڪل ۾ ٽڪر سبب هڪ ڄڻو فوت ٻيو زخمي

### بائي پاس وٽ حادثي ۾ سونو عرف ڪالو ٿڏي تي دم ڏنو ۽ پنجو باگڙي زخمي ٿي پيو

### لاش ۽ زخمي کي اسپتال منتقل ڪيو ويو جتان زخمي کي نوابشاهه اسپتال منتقل ڪيو ويو

قاضي احمد(ن ع) قاضي احمد بائيءِ پاس تي ٽرالر جو موٽرسائيڪل کي ٽڪر جنهن جي نتيجي موٽرسائيڪل سوار هڪ ڄڻو سونو عرف ڪالو باگڙي موقعي تي فوت ٿي ويو جڏهن ته پنجو باگڙي سخت زخمي ٿي پيو لاش ۽ زخمي کي تعلقا اسپتال پهچايو ويو جتي زخمي جي حالات سيريس هجڻ ڪري ڪيس نوابشاهه ريفر ڪيو ويو آهي ٻڌايو پيو وڃي ته فوت ٿيل سونو جي پٽ جي سپائي شادي رٿيل هئي جنهن جو سامان وٺڻ شهر آيو هو لاش گهر ۾ پهچڻ تي خوشين ماتم ۾ تبديل ٿي وين

## مسوپرڳڙي لڳ ڪوچ جو موٽرسائيڪل سان ٽڪر، هڪ زخمي

### نيشنل هاءِ وي تي تيز رفتار مسافر ڪوچ جو موٽرسائيڪل سان ٽڪر ٿي پيو

### حادثي سبب رحمان چلگري زخمي، حيدرآباد اسپتال منتقل، ڪوچ ڊرائيور فرار

مسوپرڳڙي ( ن ع) مسوپرڳڙي لڳ نيشنل هاءِ وي چلگري ٿاڻي جي حد شيل پيٽرول پمپ جي سامهون تيز رفتار مسافر ڪوچ موٽرسائيڪل کي زوردار ٽڪر ٽڪر جي نتيجي ۾ موٽر سائيڪل سوار رحمان بقايا نمبر 6 ڏسو صفحو 5

# ڪنڊڪوٽ لڳ ٽريڪٽر ٽرالي ۽ رڪشي ۾ ٽڪر، نوجوان فوت، هڪ زخمي

## ٺل انڊس هاءِ وي اوڳاهي لاڙي وٽ ٽريڪٽر ٽرالي ۽ رڪشي ۾ زوردار ٽڪر ٿي پيو

## حادثي سبب رڪشا ڊرائيور نور احمد سندراڻي ٿڏي تي فوت، عابد حسين گبول زخمي ٿيو

## اطلاع تي پوليس پهچي لاش ۽ زخمي کي ڪنهائي اسپتال منتقل ڪيو، ڪارروائي بعد وارثن حوالي

ڪنڊڪوٽ (ڊ ر) ڪنڊڪوٽ لڳ بي سيڪشن ٿاڻي جي حد ڪنڊڪوٽ ٺل انڊس هاءِ وي اوڳاهي لاڙي وٽ ٽريڪٽر ٽرالي ۽ رڪشي ۾ زوردار ٽڪر ٿي پيو جنهن جي نتيجي ۾ رڪشي ۾ زوردار ٽڪر ٿي پيو جنهن جي نتيجي ۾ رڪشي جو ڊرائيور نوجوان نور احمد سندراڻي ٿڏي تي فوت ٿي ويو جڏهن ته هڪ ڄڻو عابد حسين گبول زخمي ٿي پيو اهڙو اطلاع پوليس کي ڏنو ويو پوليس واقعي واري هنڌ پهچي لاش ۽ زخمي کي اسپتال منتقل بقايا نمبر 7 ڏسو صفحو 5

ٽنڊو باگو: بي آءِ ايس پي جون مستحق عورتون رقم نه ملڻ خلاف احتجاج ڪري رهيون آهن


Oil & Gas Development Company Limited

ogdcl the energy

## EXTENSION IN BID

### CLOSING & OPENING DATE

Reference our Tender Notice(s) published in newspapers on **25.02.2026, 05.03.2026, 07.03.2026, 18.03.2026, 19.03.2026, 28.03.2026,** and **02.04.2026**, it is notified that the bid submission/opening dates of the following cases are extended as follows:

| SR # | TENDER NUMBER | DESCRIPTION | REVISED CLOSING DATE & TIME |
|---|---|---|---|
| 1. | OGDCL-SCM-SERVICES-CB-DO-316314761-2026 | HIRING OF DRILLING WHILE CASING SERVICES | 16.04.2026 1030 HRS |
| 2. | OGDCL-SCM-SERVICES-CB-DO-317198774-2026 | HIRING OF 750-1000 HP RIG | 16.04.2026 1030 HRS |
| 3. | OGDCL-SCM-SERVICES-PQ-DO-317207185-2026 | PREQUALIFICATION OF 2000 HP RIG(S) SERVICES | 20.04.2026 1030 HRS |
| 4. | OGDCL-SCM-FB-CB-PROD-316260614-2026 | PROCUREMENT OF 8 INCH PIPELINE | 20.04.2026 1100 HRS |
| 5. | OGDCL-SERVICES-CB-PROD-315288795-2026 | ESPs AND ES PCPs WITH INSTALLATION AND OPERATIONAL SERVICES | 27.04.2026 1030 HRS |
| 6. | OGDCL-SCM-SERVICES-CB-PEFD-314135356-2026 | PIPELINE INTRUSION AND LEAK DETECTION SYSTEM | 05.05.2026 1030 HRS |

2. Bidders who have already submitted/sent their proposals (bids) may take them back and re-submit the same before the revised closing date and time mentioned above.
3. All bids will be opened 30 minutes after the bids closing date & time.
4. Tender Notice/ detailed instructions are available on PPRA website at www.ppra.org.pk.
5. Tender documents are available online and bids are also required to be submitted online through e-procurement portal at https://ogdcl.com/sap-ariba-tenders or https://discovery.ariba.com/profile/AN01562899621 for details see "Instruction for Bidders Section" of the tender documents.
6. OGDCL reserves the right to accept or reject any bid and to annul the bidding process and reject all the bids as per Public Procurement Regulatory Authority (PPRA) Rule-33.

General Manager
(Supply Chain Management)
Oil & Gas Development Company Limited
OGDCL Headquarters, Plot 03, F-6/G-6, Jinnah Avenue,
Blue Area Islamabad-Pakistan.
Ph: +92 (51) 92002 3652 / 3780

ogdcl.com
No. 2026/41

LARGEST TAX PAYER COMPANY OF THE NATION — WE EXPLORE PROSPERITY



Oil & Gas Development Company Limited

ogdcl the energy

## INVITATION TO E-BIDS

### THROUGH SAP ARIBA DISCOVERY

E-Bids are invited through SAP-Ariba Discovery for the service/material given below under competitive bidding procedure as per Public Procurement Regulatory Authority (PPRA) rules:

| SR # | TENDER NO | DESCRIPTION | CLOSING DATE & TIME |
|---|---|---|---|
| 1. | OGDCL-SCM-LH-CB-EXPL-317387571-2026 | CIVIL WORK MATERIAL | 27.04.2026 AT 1130 Hrs |
| 2. | OGDCL-SCM-LF-PT-D(RM)-318168624-2026 | MUD TANK SYSTEM AND PRE-QUALIFICATION FOR DESIGN, FABRICATION OF PROCESS VESSELS | 27.04.2026 AT 1130 Hrs |
| 3. | OGDCL-SCM-LH-CB-PEnFD-316317151-2026 | TOOLS AND CONSUMABLES | 28.04.2026 AT 1130 Hrs |
| 4. | OGDCL-SCM-LH-CB-PnP-318164633-2026 | SPIRAL WOUND AND RING JOINT GASKETS | 29.04.2026 AT 1130 Hrs |
| 5. | OGDCL-SCM-LH-CB-RM-316058678-2026 | SPARE PARTS FOR COMMUNICATION SYSTEM | 30.04.2026 AT 1130 Hrs |

2. Bidders who have already submitted/ sent their proposals (bids) may take them back and re-submit the same before the revised closing date and time mentioned above
3. All bids will be opened 30 minutes after the bids closing date/ time.
4. Tender Notice/ detailed instructions are available on PPRA website at **www.ppra.org.pk.** Tender documents are available online and bids are also required to be submitted online through e-procurement portal at **https://ogdcl.com/sap-ariba-tenders** or **discovery.ariba.com/profile/AN01562899621.** For details see "Instruction for Bidders Section" of the tender documents.
5. OGDCL reserves the right to accept or reject any bid and to annul the bidding process and reject all the bids as per Public Procurement Regulatory Authority (PPRA) Rule-33.

General Manager
(Supply Chain Management)
Oil & Gas Development Company Limited
OGDCL House, Plot 03, F-6/G-6, Jinnah Avenue, Blue Area Islamabad-Pakistan
Tel: +92 (51) 920023652/3780

ogdcl.com
No. 2026/30

LARGEST TAX PAYER COMPANY OF THE NATION — WE EXPLORE PROSPERITY


هي اخبار پرنٽر ناصر جمال سومرو پاپولر پرنٽرز مان ڇپرائي، عبرت گروپ آف پبليڪيشنز جي تحت عبرت بلڊنگ گاڏي کاتو حيدرآباد مان ڇپرائي جاري ڪئي.